ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) سومر 14 سيپٽمبر 2026ع ڀهرين ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (30)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پاڪستان جي توانائي شعبي لاءِ وڏو منصوبو نيپرا طرفان 58 ارب ڊالرن واري بجلي رٿا منظور

بجلي شعبي جي 2025ع کان 2035ع تائين واري انٽيگريٽيڊ سسٽم پلان رٿا جو مقصد وڌندڙ توانائي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۽ بجلي جي نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ آهي: عملدار

رٿا ۾ 26 هزار 45 ميگاواٽ نئين بجلي پيدا ڪرڻ واري صلاحيت شامل ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي ۽ هزار 577 ميگاواٽ پراڻي بجلي پيداوار صلاحيت ختم ڪرڻ جو منصوبو پڻ شامل

نئين رٿا ۾ 8 هزار 120 ميگاواٽ نيٽ ميٽرنگ شامل ڪرڻ جو به منصوبو آهي، جنهن سان شمسي توانائي سميت متبادل ذريعن جي استعمال کي هٿي ملندي

رٿا ۾ گوادر ۽ مڪران لاءِ 40 ميگاواٽ بجلي گهر جي گنجائش شامل ڪئي وئي ڏاڀيجي ۾ 269 ميگاواٽ جو هوائي ۽ شمسي توانائي تي ٻڌل گڏيل منصوبو به شامل

نيپرا طرفان 90 ڪروڙ ڊالرن واري بيٽري ذريعي توانائي ذخيرو ڪرڻ واري رٿا جي منظوري نه ڏني وئي ميمبرن پاران قومي توانائي رٿابندي ۾ گڏيل مفادن واري ڪائونسل کي نظرانداز ڪرڻ تي خدشا ظاهر

اسلام آباد (م ڊ) نيپرا بجلي پيداوار ۽ پهچائڻ جي 58 ارب ڊالرن جي لاڳت واري 11 ورهين جي رٿا جي مشروط منظوري ڏني ڇڏي نيپرا انٽيگريٽيڊ سسٽم پلان 2025- 2035ع جي مشروط منظوري ڏني آهي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو2

ڀارتي ميڊيا پاران پاڪستان کي دهشتگردي سان جوڙڻ جي ڪُڌي ڪوشش ناڪام

ملائيشيا جي وزيراعظم انور ابراهيم پاڪستان کي دهشتگردي سان ڳنڍڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو

ممبئي (م ڊ) ڀارت جي گودي ميڊيا پاران ملائيشيا جي وزيراعظم جي انٽرويو دوران پاڪستان کي دهشتگردي سان ڳنڍڻ جي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو2

نئين دهلي جي فائيو اسٽار هوٽل ۾ ڀارتي پائلٽ مئل حالت ۾ مليو

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارتي پائلٽ کي نئين دهلي جي هڪ فائيو اسٽار هوٽل مان بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو2

چيني صدر پاران ڀارتي وزيراعظم جي دعوت ۾ شرڪت نه ڪرڻ ڳڻتي جوڳو قرار

نئين دهلي (اي پي پي) چين جي صدر شي جن پنگ پاران نئين دهلي ۾ ڀارتي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو2

هانگ ڪانگ: واپار وارو وفاقي وزير جام ڪمال هانگ ڪانگ چيمبر جي عهديدارن سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

مهانگي پيٽرول کان عوام کي رليف، موٽر سائيڪل ۽ ننڍين گاڏين لاءِ في ليٽر 100 رپيا رعايت جو اعلان

وزيراعظم شهباز شريف پاران عالمي مارڪيٽن ۾ تيل جي قيمتن ۾ وڌ سبب پاڪستان جي عوام تي پونڊڙ بار گهٽائڻ لاءِ خاص پيٽرول رليف اسڪيم جو اعلان ڪيو ويو

رليف پيڪيج تحت موٽر سائيڪل، رڪشا، چنگچي ۽ ٽن ڦيٿين وارين گاڏين جي استعمال ڪندڙن کي ماهوار 20 ليٽر پيٽرول تي في ليٽر 100 رپيا رعايت فراهم ڪئي ويندي

800سي سي تائين ننڍين گاڏين جي مالڪن لاءِ ماهوار 30 ليٽر پيٽرول تي 100 رپيا في ليٽر رليف ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو، خاص رليف اسڪيم لاءِ رجسٽريشن جو عمل شروع ڪيو ويو

اسلام آباد ۾ رليف اسڪيم اڄ رات کان ۽ ملڪ جي ٻين علائقن سميت آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ اربع ۽ خميس جي وچ واري رات کان لاڳو ڪئي ويندي

عالمي مارڪيٽن ۾ تيل جي قيمتن ۾ اضافي سبب عوام تي پونڊڙ بار جو حڪومت کي احساس آهي، مشڪل جي هن وقت ۾ عوام کي اڪيلو نه ڇڏينداسين: وزيراعظم

رجسٽريشن جي طريقيڪار بابت عوام کي آگاهي مهم ذريعي ڄاڻ ڏني ويندي. گاڏين بابت ڄاڻ جي فراهمي ۽ اسڪيم جي تياري ۾ تعاون تي صوبائي حڪومتن جا ٿورائتا آهيون

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف وچ اوڀر ۾ جاري ڇڪتاڻ سبب عالمي مارڪيٽن ۾ تيل جي قيمتن ۾ اضافي جا عوام تي پونڊڙ اثر گهٽ ڪرڻ لاءِ خاص پيٽرول رليف اسڪيم جو اعلان ڪري ڇڏيو جنهن تحت موٽر سائيڪل رڪشا، چنگچي ۽ 800 سي سي تائين گاڏي استعمال ڪندڙن کي پيٽرول تي في ليٽر 100 روپين جو رليف فراهم ڪيو بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو2

پاڪستان ۾ عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ وزيراعظم يوٿ پروگرام ۽ يو اين وومين وچ معاهدو ٿي ويو

مفاهمتي ياداشت نامي تحت عورتن کي برابر موقعا فراهم ڪرڻ سميت تجربن ۽ معلومات جي مٽاسٽا ڪئي ويندي

ٻئي ادارا نوجوان عورتن لاءِ رهنمائي، نيٽ ورڪنگ، قيادت ۽ پيشورانا موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ به سهڪار ڪندا

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم يوٿ پروگرام جي چيئرمين راڻا مشهود خان جي صدارت هيٺ منعقد ٿيل اجلاس دوران وزيراعظم يوٿ پروگرام(پي ايم واءِ پي) ۽ يو اين وومين پاڪستان وچ ۾ مفاهمت جي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو2

آمريڪا ۾ ڏم آهي ته ايراني فوج سان وڙهه ڪري، کاڌي پيتي جي شين تي حملا ڇو ٿا ڪيو؟ مسعود پزشڪيان

جيڪڏهن آمريڪي انسانيت تي يقين رکن ٿا ته ماڻهن کي پاڻي، خوراڪ ۽ دوائن تائين رسائي ڏني وڃي

شهري سهولتن، خوراڪ ۽ ماڻهن جي روزگار کي نشانو بڻائڻ تي سان اسان کي جهڪائي نٿا سگهن

ايراني عوام ڪڏهن به هٿيار نه ڦٽا ڪندو ۽ ماڻهن کي دٻاءُ ذريعي آڻ مڃڻ تي مجبور نٿو ڪري سگهجي

تهران (م ڊ) ايراني صدر مسعود پزشڪيان چيو آهي ته ايراني عوام ڪڏهن به هٿيار نه ڦٽا ڪندي ۽ ايران کي دٻاءُ ذريعي آڻ مڃڻ تي مجبور نٿو ڪري سگهجي سماجي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو2

وزيراعظم جو سعودي ولي عهد سان ٽيليفونڪ رابطو حوثي حملن جي شديد مذمت

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف اڄ ڏينهن منجهند سعودي عرب جي ولي عهد ۽ وزيراعظم شهزاده محمد بن بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو2

فنوم پينه: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني ڪمبوڊيا جي شاهي محل ۾ انٽر پارليامينٽري يونين جي اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

واپار واري وفاقي وزير پاران هانگ ڪانگ جنرل چيمبر آف ڪامرس جو دورو، اهم ملاقاتون

ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڪاروباري رابطن، واپار، سيڙپڪاري ۽ اقتصادي سهڪار وڌائڻ بابت ڳالهيون ٿيون

وفاقي وزير جام ڪمال خان پاڪستاني برادري جي اهم شخصيتن سان پڻ ملاقاتون پڻ ڪيون

هانگ ڪانگ (اي پي پي) واپار جي وفاقي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو2

پاڪستان ۽ چين طرفان مصنوعي ذهانت ۽ ڊجيٽل انفراسٽرڪچر سميت اهم شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ جو عزم

بي ٽو بي ڪانفرنس ڪاروباري ادارن ۾ رابطن کي مضبوط بڻائڻ لاءِ هڪ اهم پليٽ فارم آهي: خليل هاشمي

ڪانفرنس ۾ سيڙپڪاري، گڏيل منصوبن، ٽيڪنالاجي جي منتقلي ۽ واپاري تعاون جا نوان موقعا ڳوليا ويا

گڏيل مفادن تي ٻڌل واپاري شراڪتدارين سان ڪاروباري سهڪار جي گڏيل ويزن کي هٿي ملندي

بيجنگ (اي پي پي) پاڪستان ۽ چين جديد مينيوفيڪچرنگ، مصنوعي ذهانت ۽ بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو2

بيجنگ ۾ چائنا انٽرنيشنل فيئر فار ٽريڊ ان سروسز پڄاڻي تي پهچي ويو

بيجنگ (اي پي پي) چائنا انٽرنيشنل فيئر بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو2

ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم گرم رهڻ جو امڪان آهي: موسميات کاتو

اسلام آباد (اي پي پي) ايندڙ 24 ڪلاڪن بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو2

سنڌ ۾ امڪاني برساتن سبب صوبائي ڊيزاسٽر مئنيجمينٽ ايڊوائيزري جاري

پي ڊي ايم اي ۽ ايمرجنسي ريسڪيو سروسز 1122 کي هاءِ الرٽ رهڻ جو حڪم

سمورن ڊپٽي ڪمشنرن، ڊسٽرڪٽ ڊي ايم اي ۽ ٻين کاتن کي مشينري ۽ عملو تيار رکڻ جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ۾ امڪاني بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: ميوزيڪل پروگرام ۾ بنا ٽڪيٽ جي ويندڙ مئجسٽريٽ ۽ پوليس ۾ اهلڪار ۾ جهيڙو

پروگرام دوران سهالا جي مئجسٽريٽ سان گڏ ڪيترن ئي ماڻهن اندر داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي اسپورٽس بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو2

سنڌ حڪومت صحت ۽ تعليم کي عوام جي بنيادي حقن جي حيثيت ڏني آهي: شرجيل ميمڻ

اين آءِ سي وي ڊي ۾ سڄي ملڪ جي 47 لک 40 هزار کان وڌيڪ مريضن جو علاج ڪيو ويو آهي

سائبر نائف، ايس آءِ يو ٽي ۽ ايس آءِ سي ايڇ اين ۾ غريب مريضن کي جديد مفت علاج جون سهولتون ڏنيون وڃن

صوبي ۾ پيپلز اسڪولز ۽ اروڙ يونيورسٽي ذريعي معياري ۽ جديد تعليم کي هٿي ڏني ويندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت صحت ۽ تعليم کي عوام جي بنيادي حقن جي حيثيت ڏني آهي. اين بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو2

سينيٽ چيئرمين جي بصيرت سان پاڪستاني پارليامانِي سفارتڪاري مستحڪم ٿي آهي: آءِ ايس سي

بين الپارليامانِي اسپيڪرز ڪانفرنس پاران يوسف رضا گيلاني جي ڪوششن کي ساراهيو ويو

آءِ ايس سي ۽ سينيٽ آف ڪمبوڊيا جي صدر پاران ڪانفرنس ۾ شرڪت ۽ ڪردار تي ٿورو مڃيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني پاران پارليامانِي سفارتڪاري کي هٿي وڌائڻ ۽ سڄي دنيا جي پارليامينٽ سان گڏ پاڪستان جا رابطا وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ مسلسل ڪوششن بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو2

ڪراچي: پوليس اهلڪار گاڏين ۽ ماڻهن جي تلاشي وٺي رهيا آهن

سياسي ڌرين ننڍن صوبن جي مخالف ڪري ڇڏي بلوچستان بحران تي اي پي سي گهرائڻ جو مطالبو

ڪراچي پريس ڪلب ۾ مرحوم عطاالله مينگل جي پنجين ورسي ۽ شاهواڻي اسٽيڊيم سانحي جي شهيدن جي پهرين ورسي تي سياسي ڌرين پاران تعزيتي ريفرنس ڪرايو ويو

ملڪ ۾ چار صوبا سنڀالي نٿا سگهن ته نون صوبن جي ڳالهه ڇو ڪئي پئي وڃي؟ بحرانن جي حل لاءِ آل پارٽيز ڪانفرنس گهرائي آزادي ۽ برابري سان رهڻ جو حق ڏنو وڃي: محمود خان اڇڪزئي

بلوچستان جي عوام کي پنهنجي قدرتي وسيلن تي مڪمل حق ڏنو وڃي، سوئي ۾ گئس پيدا ٿيڻ باوجود مقامي ماڻهن کي سهولت نه ملڻ افسوسناڪ آهي: اسد قيصر

1973ع جي آئين تي مڪمل عملدرآمد ڪندي صوبن جي عوام کي وسيلن تي اختيار ۽ صوبن جي حقن جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي: سيد زين شاهه/ رياض چانڊيو

ڪنهن به صوبي جي حدن ۾ تبديلي لاءِ لاڳاپيل صوبائي اسيمبلي جي ٻه ٽهائي اڪثريت لازمي آهي. آئيني ترميم ذريعي صوبائي حقن تي ڌاڙو هڻڻ نه ڏنو ويندو: راشد محمود سومرو ۽ ٻين جو خطاب

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي/ راهب ڳاهو) بلوچستان نيشنل پارٽي جي اهتمام هيٺ قومي اڳواڻ سردار عطاالله خان مينگل جي پنجين ورسي ۽ شاهواڻي اسٽيڊيم سانحي جي شهيدن جي پهرين ورسي جي موقعي تي اڄ ڏينهن ڪراچي پريس ڪلب ۾ تعزيتي ريفرنس منعقد ڪيو ويو جنهن بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو2

ڪراچي: بلوچ اڳواڻ عطاءُ الله مينگل جي ورسي ۾ اختر مينگل، محمود اڇڪزئي، زين شاهه، رياض چانڊيو، اسد قيصر فاضل جميلي ۽ محمد زبير اسٽيج تي ويٺل آهن

حکومتِ پاکستان
/GovtofPakistan
URAAN PAKISTAN
تو شاہیں ہے پرواز ہے کام تیرا
مشرق وسطیٰ میں جنگ کے باعث پٹرول کی قیمتوں میں ہوشربا اضافے کا بوجھ کم کرنے کے لیے
مہنگے پٹرول سے نجات کا تاریخی اقدام
مزید معلومات کے لیے
www.pmfuelrelief.pk
وزٹ کریں یا QR اسکین کریں
وزیراعظم کی خصوصی ریلیف اسکیم
پٹرول 100 روپے فی لیٹر سستا
پہلا مرحلہ رجسٹریشن کا طریقہ کار
REG <CNIC> <Plate No> <Province Code> <Registration Date>
- اپنے موبائل کے میسج میں رجسٹر REG لکھ کر (space) دیں
- اپنا شناختی کارڈ نمبر لکھ کر (space) دیں
- گاڑی کا رجسٹریشن نمبر لکھیں (space) دیں
- صوبہ: صوبے کے نام کا پہلا حرف لکھ کر (space) دیں
- رجسٹریشن کی تاریخ: DDMMYYYY لکھ کر
صوبے کے نام کا پہلا حرف
Islamabad I
AJK A
GB G
Sindh S
Punjab P
KPK K
Balochistan B
9771 پر بھیج دیں۔
رجسٹریشن مکمل ہونے پر تصدیقی میسج موصول ہوگا۔
دوسرا مرحلہ ٹوکن لینے کا طریقہ
رجسٹریشن کے بعد پٹرول ریلیف حاصل کرنے کے لیے پٹرول پمپ جانے سے پہلے
TOK لکھ کر 9771 پر بھیج دیں۔
موصول ہونے والے میسج میں ٹوکن نمبر، گاڑی کا رجسٹریشن نمبر، پٹرول کی مقدار اور ٹوکن استعمال کرنے کی مدت درج ہوگی۔
تیسرا مرحلہ رعایتی پٹرول کا حصول
9771
ٹوکن پٹرول پمپ پر دکھا کر آپ رعایتی قیمت پر پٹرول حاصل کرسکتے ہیں۔
800cc
موٹر سائیکل، چنگچی، رکشہ اور تین پہیوں والی سواریاں چلانے والے
جن کی رجسٹریشن یکم جنوری 2011 کے بعد ہوئی ہو، انہیں ماہانہ 20 لیٹر تک پٹرول پر ریلیف ملے گا۔
800 سی سی تک گاڑیوں کے مالکان
جن کی رجسٹریشن یکم جنوری 2006 کے بعد ہوئی ہو، انہیں ماہانہ 30 لیٹر تک پٹرول پر ریلیف ملے گا۔
ملک بھر میں رجسٹریشن کا آغاز کر دیا گیا ہے
اسلام آباد کے صارفین 14 اور 15 ستمبر کی درمیانی شب 12 بجے سے پٹرول پر ریلیف حاصل کرسکیں گے۔
ملک بھر بشمول آزاد کشمیر اور گلگت بلتستان میں 16 اور 17 ستمبر کی درمیانی شب 12 بجے سے پٹرول پر ریلیف حاصل کیا جاسکے گا۔
PID(I)2460-D/26

بقايا 1 روزاني عبرت

هڪ ڀي ڪُڏي ڪوشش ناڪام ٿي وئي ملائيشيا جي وزيراعظم انور ابراهيم پاڪستان کي دهشتگردي سان ڳنڍڻ کان صاف انڪار ڪندي چيو ته ملائيشيا جي سلامتي وارن ادارن کيس اهو نه ٻڌايو آهي ته پاڪستان جي رياست دهشتگردي سان ڳنڍيل آهي برڪس سربراهي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ ڀارت جي دوري تي آيل ملائيشيا جي وزيراعظم انور ابراهيم ڀارتي ميڊيا کي انٽرويو ڏيندي غزه ۾ جاري اسرائيلي جارحيت جي مذمت ڪئي انور ابراهيم فلسطين تي اسرائيلي قبضي جي خاتمي جو مطالبو ڪندي چيو ته غزه ۾ لڳاتار جاري اسرائيلي حملا اسرائيل جي رياستي دهشتگردي آهن ان موقعي تي ڀارتي صحافي پنهنجي سوال ذريعي پهلگام واقعي کي پاڪستان سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي انور ابراهيم چيو ته ملائيشيا جي سلامتي وارن ادارن کيس اهو نه ٻڌايو آهي ته پاڪستان جي رياست دهشتگردي سان ڳنڍيل آهي جڏهن ته پهلگام واقعي بابت به کيس ڪو ثبوت فراهم نه ڪيو ويو آهي

بقايا 2 روزاني عبرت

ويندو اسلام آباد جي حدن ۾ اهو رليف سومر ۽ اڱاري جي وچ واري رات کان لاڳو ڪيو ويندو جڏهن ته سڄي ملڪ سميت آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ ان کي اربع ۽ خميس جي وچ واري رات لاڳو ڪيو ويندو آچر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان مطابق وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته عالمي مارڪيٽن ۾ تيل جي قيمتن ۾ اضافي سبب عوام تي پوندڙ بار جو حڪومت کي احساس آهي. مشڪل جي هن وقت ۾ عوام کي اڪيلو نه ڇڏينداسين وزيراعظم چيو ته موٽر سائيڪل، رڪشا، چنگچي ۽ ننڍي گاڏي استعمال ڪندڙن تي تيل جي قيمتن جي اضافي سان پوندڙ بار کي گهٽ ڪرڻ لاءِ خاص اسڪيم جي شروعات ڪئي پئي وڃي هن چيو ته خاص رليف اسڪيم تحت موٽر سائيڪل، رڪشا، چنگچي سميت ٻين ٽن ڦيٿن وارين سوارين تي ماهوار 20 ليٽر پيٽرول لاءِ في ليٽر 100 روپين جو رليف ڏنو ويندو جڏهن ته 800 سي سي تائين جي ننڍين گاڏين جي مالڪن کي ماهوار 30 ليٽر پيٽرول تي 100 روپيه رعايت فراهم ڪئي ويندي وزيراعظم چيو ته خاص رليف اسڪيم لاءِ رجسٽريشن جو عمل شروع ڪيو ويو آهي جڏهن ته رجسٽريشن جي طريقيڪار بابت عوام کي آگاهي مهم ذريعي ڄاڻ ڏني ويندي. هن موٽر سائيڪل رڪشا ۽ ننڍين گاڏين بابت ڄاڻ جي فراهمي ۽ اسڪيم جي تياري ۾ تعاون تي صوبائي حڪومتن جو ٿورو مڃيو

بقايا 3 روزاني عبرت

ياداشت نامي تي صحيحون ڪيون ويون ايم او يو موجب مفاهمت جي ياداشت نامي جو مقصد پاڪستان ۾ عورتن کي بااختيار بڻائڻ سندن قيادت کي هٿي وٺائڻ ۽ کين معاشرتي، اقتصادي ۽ عوامي زندگي ۾ اثرائتو ۽ بامعنيٰ ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ وڌيڪ موقعا فراهم ڪرڻ آهي اجلاس ۾ پروگرام جي چيئرمين سميت ٻين اعليٰ اختيارين شرڪت ڪئي مفاهمت جي ياداشت نامي تحت نوجوان عورتن جي قيادت، عورتن کي با اختيار بڻائڻ ۽ انهن کي برابر موقعا فراهم ڪرڻ سميت تجربن ۽ معلومات جي مٽاسٽا ڪئي ويندي، جڏهن ته ٻئي ادارا نوجوان عورتن لاءِ رهنمائي، نيٽ ورڪنگ، قيادت جي سکيا ۽ پيشوراڻا موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ به سهڪار ڪندا

بقايا 4 روزاني عبرت

رابطن واري ويب سائيٽ ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ مسعود پزشڪيان آمريڪا پاران شهري سهولتن، خوراڪ ۽ ماڻهن جي روزگار کي نشانو بڻائڻ تي سوال اٿاريندي چيو ته جيڪڏهن آمريڪا ۾ همت آهي ته ايراني فوج جو مقابلو ڪري، شهري بنيادي ڍانچي ۽ خوراڪ کي ڇو نشانو بڻايو پيو وڃي؟ ايراني صدر بنيادي ضرورتن تائين پهچ محدود ڪرڻ تي به آمريڪا کي تنقيد جو نشانو بڻايو هن چيو ته جيڪڏهن آمريڪي انسانيت تي يقين رکن ٿا ته ماڻهن کي پاڻي، خوراڪ ۽ دوائن تائين رسائي کان ڇو محروم ڪيو پيو وڃي؟ مسعود پزشڪيان واضح ڪيو ته دٻاءُ ۽ ڌمڪين ذريعي ايران کي جهڪڻ تي مجبور نٿو ڪري سگهجي ۽ ايران ڪڏهن به هٿيار ڦٽا نه ڪندو

بقايا 5 روزاني عبرت

سلمان بن عبدالعزيز آل سعود سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ سعودي عرب تي حوثين طرفان تازن حملن خاص ڪري سعودي عرب جي شهري ۽ اقتصادي بنيادي ڍانچي کي نشانو بڻائڻ جي شديد مذمت جو ورجاءُ ڪيو آچر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان مطابق وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ سعودي عرب جي ولي عهد ۽ وزيراعظم شهزاده محمد بن سلمان بن عبدالعزيز آل سعود وچ ۾ نهايت گرم جوشي ۽ دوستاڻي ماحول ۾ ٿيل ڳالهين دوران وزيراعظم سعودي عرب تي حوثين طرفان تازن حملن خاص ڪري سعودي عرب جي شهري ۽ اقتصادي بنيادي ڍانچي کي نشانو بڻائڻ جي شديد مذمت جو ورجاءُ ڪيو وزيراعظم سعودي قيادت ۽ برادر سعودي عوام سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪندي چيو ته حوثين جون تازيون ڪارروايون علائقائي امن ۽ سلامتي لاءِ خطرو آهن ۽ عالمي معيشت ۽ توانائي جي فراهمي ۾ وڌيڪ رڪاوٽ جو سبب بڻجي سگهن ٿيون وزيراعظم چيو ته هو فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار سان گڏجي ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي آڻڻ ۽ خطي ۾ امن جي قيام لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندو وزيراعظم موجوده بحران دوران دانشمندانه ۽ ڏور رس قيادت تي سعودي ولي عهد کي خراج تحسين پيش ڪيو ان موقعي تي وزيراعظم خادم الحرمين الشريفين شاهه سلمان بن عبدالعزيز آل سعود لاءِ پنهنجي نيڪ خواهشن ۽ دلي احترام جو اظهار ڪيو سعودي ولي عهد شهزاده محمد بن سلمان سعودي عرب لاءِ پاڪستان جي مسلسل ۽ ثابت قدم حمايت ۽ خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ پاڪستان جي ڪوششن کي ساراهيو ٻنهي اڳواڻن ويجهو رابطو برقرار رکڻ تي اتفاق ڪيو ۽ جلد ملاقات جي خواهش جو اظهار ڪيو

بقايا 6 روزاني عبرت

۾ مختلف سياسي، قومپرست ۽ مذهبي جماعتن جي اڳواڻن شرڪت ڪئي ريفرنس ۾ سردار عطاءُالله خان مينگل جي بلوچ قومي تحريڪ، جمهوريت ۽ محڪوم عوام جي حقن لاءِ ڊگهي سياسي جدوجهد کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو. جڏهن ته شاهواڻي اسٽيڊيم سانحي ۾ مارجي ويلن کي پڻ ڀيٽا پيش ڪئي وئي تعزيتي ريفرنس ۾ مختلف سياسي پارٽين جي اڳواڻن ملڪ ۾ وڌندڙ سياسي ۽ آئيني بحرانن جي حل لاءِ آل پارٽيز ڪانفرنس گهرائڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته آئين جي بالادستي، پارليامينٽ جي مضبوطي، صوبن جي حقن، وسيلن تي مقامي عوام جي اختيار، امن ۽ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ سياسي قوتن کي گڏيل حڪمت عملي جوڙڻي پوندي اڳواڻن واضح ڪيو ته طاقت ۽ آپريشن بدران ڊائلاگ ذريعي مسئلا حل ڪيا وڃن جڏهن ته نون صوبن جي قيام بابت ڪنهن به فيصلي کي قبول نه ڪيو ويندو مقررين چيو ته ملڪ کي موجوده بحرانن مان ڪڍڻ لاءِ سڀني سياسي پارٽين جي آل پارٽيز ڪانفرنس گهرائي وڃي، جنهن ۾ آئين جي بالادستي، پارليامينٽ جي خودمختياري، انصاف جي فراهمي، بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا جي مسئلن، صوبن جي وسيلن تي حق، امن، دهشتگردي جي خاتمي ۽ وفاق جي مضبوطي بابت گڏيل قومي بيانيو جوڙيو وڃي پشتونخوا ملي عوامي پارٽي جي چيئرمين ۽ قومي اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر محمود خان اچڪزئي چيو ته چار صوبا سنڀالي نٿا سگهن ته پوءِ نون صوبن جي ڳالهه ڇو ڪئي پئي وڃي هن چيو ته اسان غلامن جي حيثيت سان نه پر آزادي ۽ برابري سان رهڻ چاهيون ٿا ۽ ملڪ جي موجوده مسئلن جي حل لاءِ آل پارٽيز ڪانفرنس گهرائڻ گهرجي. سينيٽ ۾ قائد حزب اختلاف ۽ مجلس وحدت مسلمين جي مرڪزي چيئرمين علامه راجا ناصر عباس چيو ته ملڪ ۾ حڪومتن کان اڳ آئين ٺهيو، تنهنڪري قانون جي حڪمراني ڪانسواءِ ملڪ نٿو هلي سگهي. هن چيو ته هاڻي سياسي قوتن کي ميدان ۾ اچڻو پوندو اسان هر ظالم خلاف ۽ مظلوم سان گڏ بيٺل آهيون پي ٽي آءِ جي اڳوڻي اسپيڪر قومي اسيمبلي اسد قيصر چيو ته بلوچستان جي عوام کي پنهنجي وسيلن تي حق حاصل آهي. هن سوال اٿاريندي چيو ته سوئي ۾ گئس پيدا ٿئي ٿي پر اتي گئس موجود ناهي ۽ لاهور ۾ گئس فراهم ڪئي وڃي ٿي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر سيد زين شاهه ۽ جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض چانڊيو چيو ته 1973ع جو آئين ملڪ جي سمورن اڪابرين گڏجي تيار ڪيو هو پر اڄ ان تي مڪمل عملدرآمد نه ٿي رهيو آهي. هن چيو ته بلوچستان جي عوام کي پنهنجي وسيلن تي اختيار ڏيڻ ضروري آهي. پي ٽي آءِ جي سيڪريٽري جنرل سلمان اڪرم راجا چيو ته آئين موجب ڪنهن صوبي کي تقسيم ڪرڻ کان اڳ لاڳاپيل صوبائي اسيمبلي مان ٻه ٽهائي اڪثريت سان قرارداد منظور ڪرائڻ لازمي آهي. هن چيو ته ڪنهن به ممڪنه آئيني ترميم ذريعي صوبن جي حقن تي ڌاڙو هڻڻ نه ڏنو ويندو. جي يو آءِ سنڌ جي جنرل سيڪريٽري علامه راشد محمود سومرو چيو ته سردار عطاءُالله مينگل جي سياسي جدوجهد ۽ جمهوري خدمتون تاريخ جو اهم باب آهن هن چيو ته بلوچستان، سنڌ ۽ ٻين صوبن جي عوام کي آئيني حقن، وسيلن تي اختيار ۽ منصفاڻي حصي کان محروم نٿو رکي سگهجي موجوده صوبن جا مسئلا حل ڪرڻ ڪانسواءِ نون صوبن جو بحث بي وقت آهي، صوبائي حقن جي ضمانت ئي مضبوط وفاق ۽ مضبوط پاڪستان جي بنياد آهي نيشنل پارٽي جي ڪبير محمد چيو ته بلوچستان جو مسئلو طاقت سان نه پر ڊائلاگ ذريعي حل ٿي سگهي ٿو جڏهن ته علامه راشد محمود سومرو چيو ته جي يو آءِ حقن جي جدوجهد ۾ بلوچستان جي عوام سان گڏ بيٺل آهي پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ چيو ته سردار عطاءُالله مينگل اصولي ۽ قومي وقار واري سياست جو وڏو نالو هو هن چيو ته 2024ع جي چونڊن ۾ ڪراچي جي عوام پاران پي ٽي آءِ کي ڏنل مينڊيٽ جو احترام ڪيو وڃي. هن سنڌ دشمن واهن خلاف جدوجهد جاري رکڻ، جمهوريت، آئيني بالادستي ۽ عدليه جي آزادي جي بحالي لاءِ سمورين سياسي جماعتن کي آزاد سياسي سرگرمين جو حق ڏيڻ جو مطالبو پڻ ڪيو قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ مظهر راهوجو چيو ته نون صوبن جي نالي تي سنڌ جي وحدت کي متاثر ڪرڻ جي ڪا به ڪوشش قبول نه ڪئي ويندي، هن چيو ته سنڌ تاريخي وطن ۽ ڪراچي ان جو اٽوٽ حصو آهي سنڌ جي جاگرافيائي وحدت تي ڪا سوديبازي نه ٿيندي **بلوچستان آپريشن ۽ جبري گمشدگين خلاف قراردادون:** ريفرنس جي پڄاڻيءَ تي متفق قراردادون منظور ڪيون ويون جن ۾ بلوچستان ۾ جاري آپريشن، مبينا انساني حقن جي ڀڃڪڙين، ماوراءِ عدالت قتلن ۽ جبري گمشدگين تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي طاقت جي استعمال ۽ مبينا ظلم جو سلسلو فوري طور ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو قراردادن ۾ گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي، سياسي قيدين جي آزادي، سياسي اڳواڻن خلاف مبينا انتقامي ڪاررواين جي خاتمي، چادر ۽ چارديواري جي احترام ۽ عدالتن جي فيصلن تي عملدرآمد جو مطالبو پڻ ڪيو ويو ريفرنس ۾ بلوچستان مائنز اينڊ منرلز ايڪٽ واپس وٺڻ، مقامي ماڻهن جي زمينن بابت مبينا غيرقانوني الاٽمينٽون رد ڪرڻ ۽ قدرتي وسيلن تي مقامي آبادي جي حقن کي تسليم ڪرڻ تي زور ڏنو ويو **سرحدي علائقن تان پابنديون ختم ڪرڻ جو مطالبو** قراردادن ۾ تفتان، چمن، باديني، ماشڪيل، گوادر، بليده ۽ تربت سميت بلوچستان جي سرحدي علائقن تي لاڳو پابنديون ختم ڪري واپاري سرگرميون بحال ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو جيئن مقامي ماڻهن لاءِ روزگار ۽ معاشي سرگرمين جا موقعا بحال ٿي سگهن بلوچستان جي مختلف ڊويزنن ۽ ضلعن ۾ ڪيل انتظامي تبديلين تي پڻ اعتراض ڪندي نون ڊويزنن ۽ ضلعن بابت جاري نوٽيفڪيشن واپس وٺڻ جو مطالبو ڪيو ويو شرڪت ڪندڙن بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ مبينا بمباري، وٽن جي واڙي، عوام کي لڏپلاڻ تي مجبور ڪرڻ ۽ اچ وڃ تي پابندين جي مذمت ڪندي چيو ته مسئلن جو حل طاقت بدران سياسي ڳالهين، انصاف ۽ عوامي حقن جي احترام ذريعي ئي ممڪن آهي ريفرنس ۾ شريڪ سياسي اڳواڻن ان عزم جو اظهار ڪيو ته بلوچستان، سنڌ ۽ ٻين صوبن جي آئيني ۽ جمهوري حقن لاءِ سياسي جدوجهد جاري رهندي ۽ عوام کي سندن حق ملڻ تائين آواز بلند ڪيو ويندو

بقايا 7 روزاني عبرت

وزير جام ڪمال خان هانگ ڪانگ جنرل چيمبر آف ڪامرس جو دورو ڪيو جتي هن چيمبر جي چيئرمين ۽ نمايان ڪاروباري نمائندن سان ملاقات ڪئي ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڪاروباري سطح تي مضبوط رابطن، واپار سيڙپڪاري ۽ اقتصادي سهڪار وڌائڻ جي حوالي سان ڳالهيون ڪيون واپار واري وزارت موجب وفاقي وزير دوري دوران هانگ ڪانگ ۾ رهندڙ پاڪستاني برادري جي اهم شخصيتن سان پڻ ملاقاتون ڪيون. ان موقعي تي ٻنهي ملڪن جي ڪاروباري برادرين وچ ۾ سڌي ريت رابطن کي هٿي ڏيڻ جي حوالي سان ڳالهيون ڪيون ويون ملاقات دوران ان ڳالهه تي روشني وڌي وئي ته پاڪستان، هانگ ڪانگ جي خدمتن جي شعبي (سروسز سيڪٽر) خاص طور تي ماليت، هوا بازي ۽ ڊجيٽل ٽيڪنالاجي ۾ مهارت ذريعي ڪئين فائدا حاصل ڪري سگهي ٿو ڌرين گڏيل سهڪار کي هٿي وٺائڻ، رابطن کي مضبوط بڻائڻ ۽ ٽرانزٽ روٽس جي ترقي لاءِ "بيلٽ اينڊ روڊ انيشي ايٽو" جي اهميت تي پڻ روشني وڌي وئي وفاقي وزير نوان ڪاروباري موقعا ڳولهڻ لاءِ نمايان ڪاروباري اڳواڻن وچ ۾ باقاعده رابطن ۽ واپاري وفدن جي مٽاسٽا جي اهميت کي پڻ اجاگر ڪيو بعد ۾ هن پاڪستان ڪلب ۾ منعقد اجتماع ۾ شرڪت ڪئي جتي هن هانگ ڪانگ ۾ رهندڙ پاڪستاني برادري جي اهم ميمبرن ۽ ڪاروباري اڳواڻن سان ملاقاتون ڪيون تقريب کي خطاب ڪندي هن ٻنهي ملڪن لاءِ پاڪستانين جي خدمتن جي واکاڻ ڪئي. هن چيو ته هانگ ڪانگ هڪ اهم عالمي مالياتي واپاري ۽ مواصلاتي مرڪز هجڻ جي ناطي پاڪستاني ڪاروباري ماڻهن ۽ پروفيشنل ماهرن لاءِ وسيع موقعا فراهم ڪري ٿو وفاقي وزير پاڪستاني برادري تي زور ڀريو ته اها هانگ ڪانگ ۾ پنهنجي وسيع ڪاروباري رابطن ذريعي پاڪستان جي اقتصادي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ، سيڙپڪارن جو ڌيان ڇڪائڻ ۽ حصيداريون قائم ڪرڻ ۾ فعال ڪردار ادا ڪندي رهي

بقايا 8 روزاني عبرت

جنهن تحت ايندڙ 11 ورهين دوران بجلي پيدا ڪرڻ ۽ پهچائڻ جي شعبن ۾ گڏيل طور 58 ارب ڊالرن جي سيڙپڪاري ٿيڻ جو امڪان آهي نيپرا موجب رٿا ۾ 26 هزار 45 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪرڻ جي نئين صلاحيت شامل ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي آهي، جنهن ۾ 17 هزار 485 ميگاواٽ پابند ۽ 8 هزار 560 ميگاواٽ بهتر ڪيل صلاحيت شامل هوندي، جڏهن ته 2 هزار 577 ميگاواٽ پراڻي بجلي پيدا ڪرڻ واري صلاحيت ختم ڪرڻ جي پڻ تجويز آهي نيپرا جو چوڻ آهي ته 2035ع تائين ملڪ جي گڏيل نصب ٿيل بجلي پيدا ڪرڻ واري صلاحيت 62 هزار 657 ميگاواٽ تائين پهچڻ جو امڪان آهي، جڏهن ته رٿا ۾ 8 هزار 120 ميگاواٽ نيٽ ميٽرنگ پڻ شامل آهي. رٿا تحت اضافي بجلي پيدا ڪرڻ واري صلاحيت تي 47 ارب ڊالرن کان وڌيڪ خرچ اچڻ جو امڪان آهي جڏهن ته بجلي پهچائڻ وارين رٿائن لاءِ 10 ارب 65 ڪروڙ ڊالر گهربل هوندا. بجلي پهچائڻ واري نظام کي مضبوط ڪرڻ ۽ نوان گرڊ اسٽيشن قائم ڪرڻ به رٿا جو حصو آهن نيپرا موجب گوادر ۽ مڪران لاءِ 40 ميگاواٽ بجلي گهر جي گنجائش جڏهن ته ڍابيجي ۾ 269 ميگاواٽ جو هوائي ۽ شمسي توانائي تي ٻڌل گڏيل منصوبو پڻ انٽيگريٽيڊ سسٽم پلان ۾ شامل ڪيو ويو آهي. نيپرا 90 ڪروڙ ڊالرن جي بيٽري ذريعي توانائي ذخيرو ڪرڻ واري رٿا جي منظوري نه ڏني نيپرا موجب بيٽري وسيلي توانائي ذخيرو ڪرڻ وارين رٿائن لاءِ جامع فني ۽ معاشي اڀياس ضروري آهي نيپرا جي ميمبرن آزاد نظام مارڪيٽ هلائيندڙ اداري پاران وڏين رٿائن کي شامل ۽ خارج ڪرڻ بابت پڻ سوال اٿاريا ميمبرن قومي توانائي جي رٿابندي ۾ گڏيل مفادن واري ڪائونسل کي نظرانداز ڪرڻ تي به ڳڻتي ظاهر ڪئي ۽ چيو ته قومي بجلي پاليسي ۾ تبديلي گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي منظوري ڪانسواءِ نٿي ٿي سگهي نيپرا جي چيئرمين سميت ٽنهي ميمبرن فيصلي ۾ اختلاف راءِ پڻ ڏني، تنهن هوندي به رٿا جي منظوري ڏني وئي اختلافي نوٽ ۾ راءِ رٿا ۾ منصوبن کي شامل ڪرڻ يا خارج ڪرڻ لاءِ گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي منظوري نه وٺڻ بابت آهن

بقايا 9 روزاني عبرت

مئل حالت ۾ هٿ ڪيو ويو جنهن جي سڃاڻپ سني اسلابيڪر جي نالي سان ٿي آهي. ڪشمير ميڊيا سروس مطابق پوليس جو چوڻ آهي ته فلائيٽ ڪيپٽن سني اسلابيڪر هوٽل جي ڪمري ۾ بيهوش حالت ۾ مليو جنهن بعد کيس فوري طور اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن کيس مئل قرار ڏئي ڇڏيو ڄاڻايل پائليٽ 10 سيپٽمبر تي هوٽل ۾ چيڪ ان ڪيو هو. ٻئي ڏينهن سندس ڀاءُ هوٽل مئنيجر سان رابطو ڪري ٻڌايو ته سني فون ڪالز جو جواب ناهي ڏئي رهيو جنهن بعد مئنيجر ڪمري ۾ وڃي ڏٺو ته پائليٽ بيهوش پيو هو سني اسلابيڪر جو پوسٽ مارٽم نئين دهلي جي اسپتال ۾ ڪيو ويو. موت جو سبب پوسٽ مارٽم جي حتمي رپورٽ ۽ طبي ماهرن جي راءِ ملڻ بعد معلوم ٿي سگهندو

بقايا 10 روزاني عبرت

وزيراعظم نريندر مودي طرفان برڪس اڳواڻن جي اعزاز ۾ ڏنل دعوت ۾ شرڪت نه ڪرڻ واري فيصلي ڀارت ۽ چين جي لاڳاپن جي پيچيده نوعيت کي ظاهر ڪيو آهي ڪشمير ميڊيا سروس مطابق شي جن پنگ نئين دهلي پهتو ۽ مودي سان ڳالهين اڳ برڪس سربراهي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. اطلاعن مطابق هو آرام ڪرڻ لاءِ پنهنجي هوٽل واپس هليو ويو بيجنگ يا نئين دهلي مان ڪنهن پاران به ان جي باضابطا وضاحت جاري ناهي ڪئي وئي سندس عدم شرڪت ان ڪري اهم آهي ته روس جو صدر ولاديمير پيوٽن ۽ برڪس جا ڪيترائي ٻيا اڳواڻن ان ميڙاڪي ۾ شريڪ ٿيا. اها اڳڀرائي ان ئي ڏينهن سامهون آئي جڏهن شي جن پنگ ۽ مودي ٻه طرفه لاڳاپن ۾ بهتري ۽ ڊگهي عرصي کان جاري سرحدي تڪرار جي حل جي ڪوشش تي ڳالهيون ڪيون سندن ملاقات سان تڪراري سرحد تي ڪيترائي سال پراڻي فوجي ڇڪتاڻ کان پوءِ لاڳاپن کي مستحڪم ڪرڻ جي هڪ محتاط ڪوشش جو اشارو آهي تجزيو ڪندڙن جو چوڻ آهي ته دعوت جي ظاهري ڌار ۽ شي جن پنگ-مودي ملاقات جي اصل موضوعن وچ ۾ فرق ٻنهي طاقتن جي گڏيل لاڳاپن جي وڌندڙ مفاداتي نوعيت کي ظاهر ڪيو آهي جتي سفارتي علامتن بدران تزويراتي مفادن کي ترجيح ڏني پئي وڃي

بقايا 11 روزاني عبرت

ڊجيٽل انفراسٽرڪچر سميت اهم شعبن ۾ ڪاروباري رابطن ۽ سهڪار کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو آهي اهو عزم بيجنگ ۾ چائنا انٽرنيشنل فيئر فار ٽريڊ ان سروسز 2026ع جي موقعي تي منعقد پاڪستان-چين بي ٽو بي ڪانفرنس دوران ظاهر ڪيو ويو ڪانفرنس جو موضوع ون ون پارٽنرشپ هو جنهن ۾ ٻنهي ملڪن جي اعليٰ عملدارن، ڪاروباري اڳواڻن ۽ نجي شعبي جي نمائندن شرڪت ڪئي ڪانفرنس ۾ سيڙپڪاري، گڏيل منصوبن، ٽيڪنالاجي جي منتقلي ۽ واپاري تعاون جا نوان موقعا ڳوليا ويا. ان موقعي تي چين ۾ پاڪستان جي سفير خليل هاشمي خطاب ڪندي چيو ته اها ڪانفرنس پاڪستاني ۽ چيني ڪاروباري ادارن وچ ۾ سڌي ريت رابطن کي مضبوط بڻائڻ لاءِ هڪ اهم پليٽ فارم آهي اها ڪانفرنس چين ۾ پاڪستاني سفارتخاني ۽ چيني ڪمپني جي شراڪت سان منعقد ٿي جنهن ۾ اٽڪل 100 ماڻهن شرڪت ڪئي ۽ ڪاروباري رابطن ۽ نيٽ ورڪنگ جي حوالي سان ڳالهيون ڪيون پاڪستاني سفير پاڪستاني ۽ چيني اختيارين ۽ ڪاروباري اڳواڻن جي فعال شرڪت جي آجيان ڪئي ۽ ان ڳالهه تي زور ڀريو ته ٻنهي ملڪن جي ڪمپنين وچ ۾ عملي ڪاروباري موقعا پيدا ڪيا وڃن ڪانفرنس ۾ ٻنهي ملڪن جي گڏيل واپاري مفادن جي شعبن جي نشاندهي ڪئي وئي ۽ ٽيڪنالاجي تي ٻڌل اڀرندڙ شعبن ۾ شراڪتداري جي امڪانن جو جائزو ورتو ويو پاڪستان چين بي ٽو بي ڪانفرنس ٻنهي ملڪن جي پراڻن لاڳاپن کي عملي پائيدار ۽ گڏيل مفادن تي ٻڌل واپاري شراڪتدارين ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ هڪ اهم پليٽ فارم جو ڪردار ادا ڪيو جنهن سان ٻنهي ملڪن جي ڪاروباري ادارن وچ ۾ ون ون سهڪار جي گڏيل ويزن کي وڌيڪ هٿي ملي

بقايا 12 روزاني عبرت

برساتن جي ڏس ۾ صوبائي ڊيزاسٽر مئنيجمينٽ ايڊوائيزري جاري ڪئي آهي پي ڊي ايم اي ۽ سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروسز 1122 کي هاءِ الرٽ رهڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي سنڌ جي وڏي وزير جي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي موجب سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ 13 کان 16 سيپٽمبر تائين وقفي وقفي سان برسات پوڻ ۽ تيز هوائن جي سلسلي جو امڪان آهي ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، ميرپورخاص، بدين، ٺٽو، سڄاول ۽ ٽنڊو محمد خان ۾ مٽيءَ وارين تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان برسات پوڻ جو امڪان آهي سانگهڙ، خيرپورميرس، حيدرآباد، ٽنڊوالهيار، مٽياري، شهيد بينظير آباد ۽ ڄامشورو ۾ هلڪي ۽ وچين شدت واري برسات جو امڪان آهي ڪراچي ڊويزن ۾ به 14 کان 16 سيپٽمبر دوران وقفي وقفي سان ۽ گجگوڙ سان برسات پوڻ جو امڪان آهي هن سمورن ڊپٽي ڪمشنرن، ڊسٽرڪٽ ڊيزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽيز ۽ لاڳاپيل کاتن کي مشينري ۽ عملو تيار رکڻ جو حڪم ڏنو آهي گيانچند ايسراڻي عوام کي غيرضروري سفر کان پاسو ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي

بقايا 13 روزاني عبرت

ڪمپليڪس ۾ موسيقي جي پروگرام دوران سهالا جي مجسٽريٽ سان گڏ ڪيترن ئي ماڻهن پاران بنا ٽڪيٽ اندر داخل ٿيڻ جي ڪوشش تي پوليس اهلڪار ۽ مجسٽريٽ وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو پوليس ذريعن موجب پوليس اهلڪار مجسٽريٽ سان گڏ آيل ماڻهن کي بنا ٽڪيٽ موسيقي جي پروگرام ۾ داخل ٿيڻ کان روڪي ڇڏيو جنهن تي ٻنهي وچ ۾ منهن ماري ٿي اسلام آباد جي ڊپٽي ڪمشنر عرفان ميمڻ واقعي جو نوٽيس وٺندي ضلعي انتظاميا کي جاچ شروع ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي ڊپٽي ڪمشنر موجب اسسٽنٽ ڪمشنر واقعي جي مڪمل جاچ ڪندو، جنهن ڪانپوءِ ذميوار ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 14 روزاني عبرت

فار ٽريڊ ان سروسز 2026ع پڄاڻي تي پهچي ويو ميڊيا رپورٽن موجب نمائش ۾ دنيا جي 500 وڏين مختلف صنعتن جي ڪامياب ڪمپنين سميت 400 کان وڌيڪ عالمي ڪاروباري ادارن شرڪت ڪئي نمائش ۾ گهڻ قومي ڪمپنين چين ۾ واپار ۽ سيڙپڪاري جا نوان موقعا ڳولهڻ ۾ ڀرپور دلچسپي جو اظهار ڪيو

بقايا 15 روزاني عبرت

دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم گرم ۽ گهميل رهندي جڏهن ته ڪي پي ڪي، گلگت بلتستان، ڪشمير، پوٺوهار خطي ۽ ڏکڻ اوڀر سنڌ ۾ ڪجهه هنڌن تي تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان برسات جو امڪان آهي. ان دوران ڏکڻ اوڀر سنڌ ۽ پوٺوهار خطي ۾ ڪجهه هنڌن تي آنڌاري، تيز برسات ۽ برفباري جو به امڪان آهي موسميات کاتي مطابق گذريل 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم گرم ۽ گهميل رهي

بقايا 16 روزاني عبرت

آءِ سي وي ڊي سنڌ حڪومت جي "صحت سڀني لاءِ" واري ويزن جي عملي شڪل آهي. هڪ بيان ۾ هن چيو ته 47 لک 40 هزار 941 مريضن جو علاج ڪيو ويو آهي، جڏهن ته سنڌ مان 41 لک 84 هزار 950 مريض اين آءِ سي وي ڊي مان فائدو حاصل ڪري چڪا آهن سنڌ حڪومت دل جي علاج جون جديد ۽ مفت سهولتون سنڌ جي مختلف شهرن تائين پهچايون آهن جڏهن ته اين آءِ سي وي ڊي جي سيٽلائيٽ يونٽن ذريعي دل جي علاج جون سهولتون سنڌ جي مختلف علائقن تائين فراهم ڪيون پيون وڃن. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سائبر نائف ذريعي سنڌ ۾ ڪينسر جي مريضن کي جديد ۽ جديد ترين علاج جون سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن جڏهن ته سنڌ ۾ سائبر نائف جهڙي جديد طبي سهولت جو قيام عوام کي عالمي معيار جي علاج جون سهولتون فراهم ڪرڻ واري حڪومت جي عزم جو ثبوت آهي ايس آءِ يو ٽي سنڌ ۾ غريب ۽ مستحق مريضن کي مفت علاج فراهم ڪندڙ هڪ قابل فخر ادارو آهي، جتي پيچيده بيمارين جي علاج سميت جديد طبي سهولتون بنا ڪنهن فرق جي فراهم ڪيون پيون وڃن هن چيو ته ايس آءِ يو ٽي، اين آءِ سي وي ڊي ۽ ٻيا ادارا سنڌ حڪومت جي عوام دوست صحت واري ويزن جا عملي مثال آهن جڏهن ته ايس آءِ سي ايڇ اين ذريعي سنڌ ۾ ٻارن ۽ نون ڄاول ٻارن کي جديد طبي سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن سنڌ حڪومت جو مقصد آهي ته ڪو به غريب شهري پئسن جي کوٽ سبب علاج کان محروم نه رهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته تعليم جي شعبي ۾ بهتري سنڌ جي روشن مستقبل جي ضمانت آهي سنڌ حڪومت تعليم جي شعبي ۾ ميرٽ تي 93 هزار کان وڌيڪ استاد ڀرتي ڪيا آهن جيڪو سنڌ حڪومت جي تعليمي سڌارن جو هڪ اهم سنگ ميل آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت جو ڌيان صرف ٻارن کي اسڪول آڻڻ تائين محدود ناهي پر معياري تعليم ۽ بهتر سکيا جا نتيجا حاصل ڪرڻ پڻ ان جا مقصد آهن لطيف آباد، حيدرآباد جو اسڪول سنڌ حڪومت جي سرڪاري اسڪولن ۾ بهتري آڻڻ واري ويزن جو هڪ نمايان مثال آهي جڏهن ته سنڌ حڪومت سرڪاري اسڪولن ۾ سهولتون ۽ تعليمي معيار بهتر بڻائي عوام جو اعتماد بحال ڪري رهي آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پيپلز اسڪولز سنڌ ۾ معياري تعليم ۽ جديد تعليمي ماحول فراهم ڪرڻ جو هڪ اهم منصوبو آهي، جڏهن ته اروڙ يونيورسٽي سنڌ ۾ جديد تعليم، تحقيق، آرٽ، ڊيزائن ۽ ثقافتي ورثي جي فروغ جو هڪ اهم مرڪز آهي صحت ۽ تعليم ۾ سنڌ حڪومت جي سيڙپڪاري دراصل سنڌ جي مستقبل ۾ سيڙپڪاري آهي سنڌ حڪومت جو عزم آهي ته ڪو به ٻار تعليم ۽ ڪو به شهري علاج کان محروم نه رهي

بقايا 17 روزاني عبرت

کي بين الپارلياماني اسپيڪرز ڪانفرنس (آءِ ايس سي) پاران ساراهيو ويو سينيٽ سيڪريٽريٽ مطابق اها ساراهه 26 کان 28 آگسٽ 2026ع تي ڪمبوڊيا جي گادي واري شهر نوم پنهه ۾ منعقد ٿيل بين الپارلياماني اسپيڪرز ڪانفرنس ۾ سندس قيادت ۽ فعال ڪردار جي اعتراف ۾ ڪئي وئي. آءِ ايس سي جي سيڪريٽري جنرل ايڪناڪ ڊڪال سينيٽ چيئرمين نالي پنهنجي خط ۾ آءِ ايس سي ۽ سينيٽ آف ڪمبوڊيا جي صدر پاران ڪانفرنس ۾ سندس شرڪت ۽ ڪردار تي ٿورو مڃيو. خط ۾ سيد يوسف رضا گيلاني کي بين الپارلياماني اسپيڪرز ڪانفرنس جي باني چيئرمين جي حيثيت سان به خراج تحسين پيش ڪيو ويو سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني جي پارلياماني سفارتڪاري، امن ڳالهين، گڏيل افهام و تفهيم، تڪرارن جي پرامن حل ۽ قومن وچ ۾ سهڪار کي هٿي ڏيڻ تي ٻڌل آهي سڄي دنيا جي اسپيڪرز، پارلياماني سربراهن ۽ پارلياماني اڳواڻن سان سندس مسلسل رابطن روايتي سفارتي ذريعن کان هٽي ڪري پارليامينٽ سان پارليامينٽ وچ ۾ رابطن ۽ اداره جاتي سڌارن کي مضبوط بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي آءِ ايس سي پاران سينيٽ چيئرمين جي ڪوشش جي ساراهه پارلياماني سفارتڪاري جي ميدان ۾ سندس اهم ڪردار جو اعتراف آهي ۽ اهو پاڪستان جي تعميري گهڻ رخي تعاون، امن ۽ گڏيل خوشحالي جي عزم جي به عڪاسي ڪري ٿو.

ڪراچي جي اسپتالن ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڊاڪٽرن جي وظيفي ۾ واڌ منظور

ميئر ڪراچي پاران ماهوار وظيفو 75 هزار مان وڌائي هڪ لک 4 هزار 390 رپيا ڪرڻ جي منظوري

هائوس آفيسرن جي وظيفي ۾ واڌ جو فيصلو ملتوي، ڪارڪردگي رپورٽ طلب ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جي اسپتالن ۾ تربيت وٺندڙ پوسٽ گريجوئيٽ ڊاڪٽرن جي ماهوار وظيفي ۾ واڌ جي منظوري ڏني وئي آهي. ميڊيڪل اينڊ هيلٿ ڪميٽي جي چيئرمين بشير خاصخيلي موجب ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب سٽي ڪائونسل جي اجلاس ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڊاڪٽرن جي وظيفي ۾ واڌ جي منظوري ڏني، جڏهن ته هائوس آفيسرن جي وظيفي ۾ واڌ جو فيصلو في الحال نه ٿي سگهيو آهي. دستاويز موجب سنڌ حڪومت جي ناڻي کاتي پاران جاري ڪيل حڪمن جي روشني ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڊاڪٽرن جو ماهوار وظيفو 75 هزار رپين مان وڌائي هڪ لک 4 هزار 390 رپيا ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي هئي. يادداشت ۾ ڪاليج آف فزيشنز اينڊ سرجنز پاڪستان جي هدايتن جو پڻ حوالو ڏنو ويو جنهن موجب ايف سي پي ايس ۽ ايم سي پي ايس جي تربيت وٺندڙ ڊاڪٽرن کي مقرر پاليسي تحت وظيفو ادا ڪرڻ ضروري آهي-30 مئي 2026ع تي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن ۾ پڻ تربيت وٺندڙ ڊاڪٽرن کي 17هين گريڊ جي برابر ماهوار وظيفو ادا ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي هئي. ميڊيڪل اينڊ هيلٿ ڪميٽي جي چيئرمين بشير خاصخيلي چيو ته پوسٽ گريجوئيٽ ڊاڪٽرن جي وظيفي ۾ واڌ جو معاملو ڊگهي عرصي کان التوا هيٺ هو جيڪو هن ميئر ڪراچي آڏو پيش ڪيو جنهن ڪانپوءِ ميئر پاران واڌ جي منظوري ڏني وئي. ٻئي طرف هائوس آفيسرن جو موجوده ماهوار وظيفو 45 هزار رپين مان وڌائي 69 هزار رپيا ڪرڻ جي تجويز هئي پر ان جي في الحال منظوري نه ڏني وئي آهي. ميئر ڪراچي جي هدايت موجب هائوس آفيسرن جي مريضن لاءِ خدمتن ۽ ڪارڪردگي جي رپورٽ پيش ڪئي ويندي، جنهن ڪانپوءِ ايندڙ اجلاس ۾ سندن وظيفي ۾ واڌ بابت فيصلو ڪيو ويندو. بشير خاصخيلي چيو ته پوسٽ گريجوئيٽ ڊاڪٽرن جي وظيفي ۾ واڌ هڪ ڊگهي عرصي کان هلندڙ مسئلي جو حل آهي ۽ لاڳاپيل کاتو هيلٿ ڊپارٽمينٽ ايڪٽ 2022ع تحت ان فيصلي تي جلد عملدرآمد ڪندو.

ڪراچي ۾ مبينا پوليس مقابلا، 4 زخمي جوابدار گرفتار، هٿيار هٿ اچڻ جي دعويٰ

گلبرگ، لانڍي ۽ شاهراهه نورجهان ۾ پوليس جي ڪاروائين دوران جوابدار سوگهو ڪيا ويا

جوابدارن جي قبضي مان هٿيار هٿ آيا، زخمين کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ مبينا مقابلن ڪانپوءِ پوليس 4 ملزمن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو انهن جي قبضي مان هٿيار پڻ هٿ ڪيا ويا. پوليس موجب گلبرگ ۾ ايوا ڪاليج ويجهو مبينا مقابلي دوران هڪ ملزم کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ ان کان هٿيار هٿ ڪيو ويو زخمي ملزم کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو. آپريشن لانڍي جي داؤد چالي واري علائقي ۾ ڪيو ويو جتي پوليس سان مبينا مقابلي دوران هڪ ٻيو ملزم زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيو ڇيپا جي ذريعن ٻڌايو ته زخمي ڦورو کي ڇيپا ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ان جي سڃاڻپ عبدالرحمان طور ڪئي وئي. ان دوران شاهراهه نور جهان ويجهو به پوليس ۽ ملزمن وچ ۾ مبينا مقابلو ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻه ملزم گرفتار ٿيا، جن مان هڪ زخمي هو پوليس گرفتار ٿيل ملزم کان هٿيار هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي.

ڪراچي ۾ رينجرز ۽ سي ٽي ڊي جو گڏيل آپريشن، هڪ دهشتگرد مارجي ويو

گلبائي جي علائقي ۾ آپريشن دوران قاري ضياءُ الرحمان عرف قاري سيف الله کي ماريو ويو

مارجي ويل ڏوهاري حملن ۽ دهشتگرد ڪاررواين ۾ گهربل هو، هٿيار ۽ بارودي مواد هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) ۽ ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ (CTD) سنڌ، ڳجهي معلومات جي بنياد تي "فتنه الخوارج" سان لاڳاپيل هڪ انتهائي گهربل دهشتگرد جي موجودگيءَ بابت مليل ڄاڻ جي بنياد تي ڪراچي جي علائقي گلبائي شير شاهه ۾ گڏيل آپريشن ڪيو ان دوران ٿيل فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ دهشتگرد مارجي ويو سنڌ رينجرز جي ترجمان موجب مارجي ويل دهشتگرد جي سڃاڻپ قاري ضياءُ الرحمان عرف قاري سيف الله طور ڪئي وئي، دهشتگرد جي قبضي مان هٿيار ۽ بارودي مواد پڻ هٿ ڪيو ويو تفصيلن مطابق، مارجي ويل دهشتگرد قاري ضياءُ الرحمان (عرف قاري سيف الله) جو تعلق باجوڙ خيبر پختونخواهه سان هو مارجي ويل دهشتگرد پاڪستان آرمي ۽ ايف سي جي ڪيمپن تي ڪيترن ئي حملن، گڏوگڏ دهشتگردي جي ٻين مختلف ڪاررواين جي سلسلي ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي انتهائي گهربل هو ترجمان مطابق ته دهشتگرد 2006ع ۾ قاري درويش (عرف بندي وارن) جي اڳواڻي واري "فتنه الخوارج" گروپ ۾ شامل ٿيو ۽ ان کان پوءِ باجوڙ ۾ هڪ ڪيمپ ۾ دهشتگردي جي تربيت حاصل ڪئي 2006ع کان 2008ع تائين هن "فتنه الخوارج" جي ڪمانڊر مولوي فقير محمد جي ڳجهن ٺڪاڻن تي محافظ طور فرائض سرانجام ڏنا. 2007ع ۾ مارجي ويل دهشتگرد پنهنجي ساٿين سميت رڪشا باجوڙ ۾ واقع پاڪستان آرمي جي ڪيمپ تي حملا ڪرڻ سان گڏوگڏ ۽ ان جهڙن ٻين ڪيترن ئي حملن ۾ ملوث رهيو هو 2012ع ۾ آرمي آپريشن دوران فرار ٿي افغانستان هليو ويو هو افغانستان وڃڻ کان پوءِ دهشتگرد ننگرهار جي علائقي "بندهار دره" ۾ هڪ ڪيمپ ۾ وڌيڪ تربيت حاصل ڪئي ۽ ان کان پوءِ افغان سرحد سان لڳ پاڪستاني چوڪين تي ڪيترن ئي حملن ۾ حصو ورتو مارجي ويل دهشتگرد تازو ئي افغانستان مان ڪراچي منتقل ٿيو هو ۽ شهر اندر حساس هنڌن تي دهشتگرد ڪاررواين ڪرڻ لاءِ هڪ نيٽ ورڪ قائم ڪري رهيو هو ترجمان مطابق عوام کي اپيل ڪري ٿو ته اهڙن دهشتگرد بابت ڄاڻ فوري طور تي ويجهي رينجرز چيڪ پوسٽ، رينجرز هيلپ لائن (1101)، سي ٽي ڊي هيلپ لائن (1022، ايڪسٽينشن 4)، يا رينجرز مددگار واٽس ايپ نمبر (03479001111) تي ڪال يا ايس ايم ايس ذريعي ڏئي دهشتگردي جي روڪٿام ۾ مدد ڪن توهان جي سڃاڻپ رازداري ۾ رکي ويندي

ڪراچي ۾ سي ٽي ڊي جو آپريشن، پوليس حملن ۾ ملوث جوابدار مارجي ويو

سهراب ڳوٺ جمالي پل ويجهو فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ساجد ولد نياز وليد مارجي ويو

مارجي ويل جوابدار پوليس اهلڪارن تي حملن ۾ ملوث هو، لاش جناح اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ (CTD) ۽ وفاقي سول حساس اداري سهراب ڳوٺ واري علائقي ۾ جمالي پل ويجهو هڪ گڏيل آپريشن دوران هڪ جوابدار کي مارجي ويو. پوليس ترجمان موجب دهشتگردن جي موجودگيءَ بابت اطلاع ملڻ تي اهو گڏيل آپريشن شروع ڪيو ويو جنهن دوران جوابدارن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي اهلڪارن وچ ۾ فائرنگ جو ڏي وٺ ٿي سي ٽي ڊي (CTD) جي عملدارن ٻڌايو ته فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هڪ ڏوهاري مارجي ويو سي ٽي ڊي ذريعن ٻڌايو ته مارجي ويل ڏوهاري پوليس اهلڪارن تي ٿيل هٿياربند حملن ۾ ملوث هو ڇيپا جي ذريعن مارجي ويل جوابدار جي سڃاڻپ 24 سالن جي ساجد ولد نياز وليد طور ڪئي، سندس لاش کي ڇيپا ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو

گڏيل عرب امارات هيٽي ۾ انساني امداد لاءِ 10 ملين ڊالر مختص ڪري ڇڏيا

انساني بحران سبب متاثر ماڻهن جي مدد لاءِ هنگامي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي

امدادي پروگرام جو مقصد هيٽي ۾ بي گهر ۽ ڪمزور طبقي جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ آهي

ابوظهبي (اي پي پي) گڏيل عرب امارات هيٽي ۾ انساني امداد لاءِ 10 ملين ڊالر مختص ڪيا آهن ميڊيا رپورٽن موجب گڏيل عرب امارات جي صدر شيخ محمد بن زايد آل نهيان جي هدايتن الظفره ريجن جي حڪمران جي نمائندي ۽ امارات ريڊ ڪريسنٽ اٿارٽي جي چيئرمين شيخ محمد بن زايد آل نهيان جي نگراني ۾ گڏيل عرب امارات پاران هيٽي ۾ انساني بحران سبب متاثر ماڻهن جي مدد لاءِ 10 ملين آمريڪي ڊالر جي هنگامي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي اها امداد امارات ريڊ ڪريسنٽ ذريعي فراهم ڪئي ويندي، امداد ۾ خوراڪ جون بنيادي شيون رهائش لاءِ ضروري سامان، صحت، صاف پاڻي، صفائي ۽ صحت جي ٻين سهولتن سان گڏوگڏ دوائون طبي سامان ۽ اوزار شامل آهن امدادي پروگرام جو مقصد هيٽي ۾ ملڪ اندر بي گهر ماڻهن ۽ ڪمزور طبقي جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ آهي امدادي پروگرام تي عمل ڪرڻ لاءِ سمورين تيارين مڪمل آهن پروگرام جي پهرين مرحلي ۾ خوراڪ، رهائش، صحت، پاڻي ۽ صفائي تي ڌيان ڏنو ويندو واضح رهي ته هيٽي ۾ هن وقت شديد انساني بحران درپيش آهي هڪ اندازي موجب 10 لک کان وڌيڪ ماڻهو بي گهر ٿي چڪا آهن جڏهن ته لکين ماڻهو غذائي عدم تحفظ جو شڪار آهن ۽ کين فوري طور تي انساني امداد جي ضرورت آهي

سعودي عرب مان هفتي دوران 12 هزار 57 غير قانوني پناهگيرن ملڪ بدر

اقامي، ليبر ۽ بارڊر سيڪيورٽي جون وڌيڪ 14 هزار 796 ڀڃڪڙيون رڪارڊ ڪيون ويون

غير قانوني طور تي ملڪ ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش تي هڪ هزار 273 ماڻهن کي حراست ۾ ورتو ويو

رياض (اي پي پي) سعودي اختيارين موجب ملڪ ۾ هڪ هفتي دوران اقامي ليبر ۽ بارڊر سيڪيورٽي جون وڌيڪ 14 هزار 796 ڀڃڪڙيون رڪارڊ ڪيون ويون آهن جڏهن ته 12 هزار 57 غير قانوني پناهگيرن کي سندن ملڪن ڏانهن واپس موڪليو ويو آهي. ميڊيا رپورٽن موجب 3 کان 9 سيپٽمبر دوران گڏيل طور تي 7 هزار 504 اقامي جي قانون، 3 هزار 783 بارڊر سيڪيورٽي ۽ 3 هزار 509 ليبر قانون جون ڀڃڪڙيون رڪارڊ ڪيون ويون آهن غير قانوني طور تي ملڪ ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش تي هڪ هزار 273 ماڻهن کي حراست ۾ ورتو ويو انهن ۾ 55 سيڪڙو ايٿوپين، 44 سيڪڙو يمني ۽ هڪ سيڪڙو ٻين ملڪن سان تعلق رکن ٿا جڏهن ته 25 اهڙن ماڻهن کي پڻ پڪڙيو ويو آهي جيڪي پاڙيسري ملڪن مان سرحد پار ڪري سعودي عرب ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. سفر رهائش، روزگار ۽ پناهه ڏيڻ جي ڪوشش ۾ ملوث 21 ماڻهن کي پڻ حراست ۾ ورتو ويو آهي

سنڌ ورهاڱي کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو: علامه ناصر محمود سومرو

پيٽروليم اگهن ۾ واڌ، بجلي ۽ گيس جي لوڊشيڊنگ ۽ بدامني عوام لاءِ عذاب بڻجي چڪا آهن

سکر ۾ انٽرنيشنل پيس ڪانفرنس دنيا ۾ امن، ڀائيچاري جي فروغ لاءِ هڪ اهم عالمي پيغام ثابت ٿيندي

سکر (بيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام سنڌ پاران 19، 20 ۽ 21 مارچ تي سکر ۾ ٿيندڙ انٽرنيشنل پيس ڪانفرنس کي تاريخي ۽ ڪامياب بڻائڻ لاءِ سنڌ جي سمورين ڪميٽين جي ذميوارن جو اهم اجلاس صوبائي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري مولانا محمد صالح انڍڙ جي صدارت هيٺ مرڪز باب الاسلام سکر ۾ منعقد ٿيو. اجلاس ۾ مرڪزي اڳواڻ علامه ناصر محمود سومرو ۽ مفتي سعود افضل هاليجوي خصوصي شرڪت ڪئي. اجلاس دوران ڪانفرنس جي تيارين، انتظامي معاملن، مختلف ڪميٽين جي ڪارڪردگي ۽ ايندڙ حڪمت عملي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ سعودي عرب تي ٿيل حملي خلاف سخت احتجاج ڪيو ويو. جڏهن ته سنڌ جي ورهاڱي کي ملڪ جي ورهاڱي جي مترادف قرار ڏيندي چيو ويو ته سنڌ جي ورهاڱي کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو اجلاس ۾ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ، بجلي ۽ گيس جي لوڊشيڊنگ ۽ بدامني تي پڻ سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو ۽ چيو ويو ته اهي مسئلا عوام لاءِ عذاب بڻجي چڪا آهن. جي يو آءِ سنڌ جي ڊپٽي سيڪريٽري جنرل مولانا محمد صالح انڍڙ چيو ته انٽرنيشنل پيس ڪانفرنس دنيا ۾ امن، ڀائيچاري، انساني قدرن ۽ باهمي احترام جي فروغ لاءِ هڪ اهم عالمي پيغام ثابت ٿيندي. هن چيو ته ڪانفرنس ۾ مسلم ۽ غير مسلم ملڪن جي امن جي سفيرن کي شرڪت جي دعوت ڏني ويندي. جي يو آءِ جي مرڪزي اڳواڻ علامه ناصر محمود سومرو چيو ته انٽرنيشنل پيس ڪانفرنس کي تاريخي ۽ ڪامياب بڻائڻ لاءِ سمورين ڪميٽين جي وچ ۾ مضبوط رابطي، باهمي سهڪار ۽ منظم حڪمت عملي تحت ڪم ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته ميڊيا ۽ ٻين شعبن ذريعي ڪانفرنس جي پيغام کي مؤثر انداز ۾ عوام ۽ دنيا تائين پهچايو ويندو اجلاس ۾ مختلف ڪميٽين جي ذميوارن پنهنجي ڪارڪردگي ۽ تيارين بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. اجلاس ۾ مولانا عبدالله مهر، ڊاڪٽر اي جي انصاري، فقير سڪندر نقشبندي، مولانا محمد طيب ميکو آصف علي مگسي، مولانا عبدالغفار چاچڙ جمال الدين اوگاهي، مفتي عبدالباقي سومرو، مولانا عبدالحميد مهر عبدالقيوم آرائين، ايڊووڪيٽ سعيد احمد دستي، محمد آصف مگسي سميت جي يو آءِ سنڌ جي مختلف ڪميٽين جي ذميوارن شرڪت ڪئي. شرڪت ڪندڙن ان عزم جو اظهار ڪيو ته انٽرنيشنل پيس ڪانفرنس کي ڪامياب، منظم ۽ تاريخي بڻائڻ لاءِ سمورين صلاحيتون ڪتب آنديون وينديون ۽ امن، رواداري، ڀائيچاري ۽ انسانيت جي عالمي پيغام کي ڀرپور انداز ۾ اجاگر ڪيو ويندو.

ڪراچي پورٽ 138 سالن کان پاڪستان جي سامونڊي واپار ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪري پيو: ٽاسڪ فورس

نار تڪرار ۾ نوان واپاري موقعا ۽ پاڪستان جي وڌندڙ بحري صلاحيت اجاگر ٿي آهي

پورٽ جي ڪارگو هينڊلنگ 53 ملين ٽن کان وڌي 55.8 ملين ٽن جي رڪارڊ سطح تي پهچي وئي آهي

عالمي سطح تي شپنگ روٽس متاثر ٿيا ته ڪراچي پورٽ لاءِ ٽرانس شپمينٽ جا نوان واپاري موقعا پيدا ٿيا آهن

اسلام آباد (اي پي پي) ڪراچي پورٽ جي تاريخي ڪارڪردگي سبب نار تڪرار ۾ نوان واپاري موقعا ۽ پاڪستان جي وڌندڙ سامونڊي صلاحيت اجاگر ٿي آهي سامونڊي سڌارن بابت وزيراعظم جي ٽاسڪ فورس تحت ڪراچي پورٽ 138 سالن کان پاڪستان جي سامونڊي واپار ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. گذريل مالي سال ڪراچي پورٽ پنهنجي تاريخ ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪارگو ۽ ڪنٽينرز هينڊل ڪيا، ڪراچي پورٽ جي ڪارگو هينڊلنگ 53 ملين ٽن کان وڌي 55.8 ملين ٽن جي رڪارڊ سطح تي پهچي وئي. رڪارڊ ڪارگو سان ڪراچي پورٽ تي گذريل مالي سال دوران 2 هزار 115 سامونڊي جهازن جي اچ وڃ به رڪارڊ ڪئي وئي. عالمي سطح تي شپنگ روٽس متاثر ٿيا ته ڪراچي پورٽ لاءِ ٽرانس شپمينٽ جا نوان واپاري موقعا پيدا ٿيا آهن نار تڪرار دوران ڪراچي پورٽ تي ٽرانس شپمينٽ سرگرمين ۾ اضافو ٿيو ۽ بحران کي واپاري موقعي ۾ تبديل ڪيو ويو، پاڪستان جي اٽڪل 60 سيڪڙو ڪارگو جو دارومدار ڪراچي پورٽ سان لاڳاپيل واپاري نظام تي آهي، جيڪو بندرگاهه جي قومي اهميت واضح ڪري ٿو

ڍابيجي پمپنگ اسٽيشن تي بجلي جو وڏو بريڪ ڊائون، ڪراچي کي پاڻي جي فراهمي متاثر

پوڻن ۾ باهه لڳڻ سبب واٽر ڪارپوريشن جون ڪيبلون متاثر ٿيون، فني ٽيم مرمت لاءِ پهچي وئي

ڪيبل ۾ فني خرابي سبب 21 مان 10 پمپ بند، ٽئين ۽ چوٿين مرحلن سميت ڪي-ٿري پمپ هائوس جي بجلي معطل

شهر کي پاڻي جي فراهمي جزوي متاثر ٿيڻ جو خدشو، بجلي بحال ٿيندي ئي بند ٿيل پمپ هلائڻ جو اعلان

ڪراچي(ھ ڊ) ڪي اليڪٽرڪ جي نظام ۾ ڪيبل ۾ خرابي سبب ڍابيجي ۾ بجلي جي وڏي بريڪ ڊائون ٿي وئي آهي. واٽر ڪارپوريشن پاران جاري ڪيل بيان موجب صبح 6 وڳي ڍابيجي جي مختلف مرحلن ۾ بجلي جي فراهمي معطل ٿي وئي، جڏهن ته ڪي اليڪٽرڪ ڍابيجي ۾ بجلي بند ٿيڻ جو سبب ڪيبل ۾ خرابي قرار ڏنو آهي. واٽر ڪارپوريشن جي ترجمان موجب بريڪ ڊائون سبب ڍابيجي جي ٽئين مرحلي، چوٿين مرحلي ۽ ڪي-ٿري پمپ هائوس جي بجلي بند ٿي وئي، جڏهن ته بجلي بند ٿيڻ سبب 21 مان 10 پمپ غيرفعال ٿي ويا. واٽر ڪارپوريشن جي ترجمان موجب 10 پمپ بند ٿيڻ سبب ڪراچي کي پاڻي جي فراهمي جزوي طور متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي. ترجمان جو چوڻ آهي ته بجلي جي جلد بحالي لاءِ ڪي اليڪٽرڪ انتظاميا سان لاڳيتو رابطي ۾ آهيون، بجلي بحال ٿيندي ئي متاثر ٿيل 10 پمپ فوري طور فعال ڪيا ويندا. بيان ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي ته بجلي بحال ٿيڻ کانپوءِ متاثر علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي پڻ فوري طور معمول موجب بحال ڪئي ويندي. ٻئي طرف ڪي اليڪٽرڪ پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته پوڻن ۾ لڳل باهه سبب ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جون ڪيبلون متاثر ٿيون آهن فني ٽيم واٽر ڪارپوريشن جي ڪيبلن ۾ باهه لڳڻ واري هنڌ تي موجود آهي. ڪي اليڪٽرڪ جي ترجمان جو چوڻ آهي ته بجلي جي فراهمي جلد بحال ڪرڻ لاءِ واٽر ڪارپوريشن سان لاڳيتو رابطي ۾ آهي

ڪراچي ۾ هڪ ڪروڙ 45 لک رپين جي منصوبي جو افتتاح، جديد سهولتون فراهم

شادمان ۾ آءِ ٽي پارڪ ۽ بحال ٿيل پارڪ جو افتتاح ڪيو ويو نوجوانن لاءِ مفت ڪورسز جو اعلان

آءِ ٽي مرڪز ۾ مصنوعي ذهانت ۽ ٽيڪنالاجي جا مفت ڪورس شروع ڪيا ويندا: مرتضيٰ وهاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب ضلعي وچولي جي شادمان ٽائون ۾ پارڪ ۽ آءِ ٽي مرڪز جي بحاليءَ جي اهم منصوبي جو افتتاح ڪري ڇڏيو. ان موقعي تي سٽي ڪائونسل جا ميمبر، چونڊيل نمائندا ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا. ميئر ڪراچي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته شهر جي مختلف علائقن ۾ شهرين کي بهتر تفريحي، تعليمي ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ترقياتي منصوبن تي ڪم جاري آهي. شادمان پارڪ جي بحاليءَ سان علائقي جي شهرين کي هڪ بهتر، صاف سٿرو ۽ خوبصورت تفريحي ماڳ فراهم ٿيو آهي. ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پارڪن، راندين جي ميدانن ۽ ٻين شهري سهولتن کي بهتر بڻائڻ جو سلسلو جاري آهي ۽ بلدياتي ادارا شهرين کي بهتر ماحول ۽ سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهيا آهن هن ٻڌايو ته شادمان ٽائون ۾ پارڪ ۽ آءِ ٽي مرڪز جي بحاليءَ جو منصوبو هڪ ڪروڙ 45 لک رپين جي لاڳت سان مڪمل ڪيو ويو آهي. منصوبي تحت 4 هزار 400 چورس ميٽرن تي مشتمل پارڪ کي جديد سهولتن سان سينگاريو ويو آهي، جڏهن ته شهرين، خاص طور ٻارن لاءِ راندين جي جاءِ ۽ جهولن جي سهولت پڻ فراهم ڪئي وئي آهي هن چيو ته پارڪ جي خوبصورتي ۽ ساوڪ ۾ واڌ لاءِ هڪ هزار کان وڌيڪ چورس ميٽرن جي ايراضيءَ تي گاهه پوکيو ويو آهي. جڏهن ته هڪ سئو کان وڌيڪ نوان وڻ ۽ ٻوٽا پڻ لڳايا ويا آهن پارڪ جي بحاليءَ ڪانپوءِ شادمان ٽائون جي رهواسين کي هڪ بهتر ۽ خوبصورت تفريحي ماڳ ميسر ٿيو آهي. ميئر ڪراچي ٻڌايو ته منصوبي تحت شادمان ٽائون جي آءِ ٽي مرڪز کي پڻ جديد سهولتن سان آراسته ڪيو ويو آهي 180 چورس ميٽرن جي ايراضيءَ تي قائم آءِ ٽي مرڪز جي عمارت ۾ 8 ڪمرا تعمير ڪيا ويا آهن جتي آفيس، اسٽور، باورچي خانو ۽ غسل خانن سميت ٻيون ضروري سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن هن چيو ته پارڪ ۽ آءِ ٽي مرڪز لاءِ بجلي ۽ پاڻي جي فراهميءَ جو انتظام پڻ منصوبي ۾ شامل آهي. جڏهن ته پارڪ جي نيڪال واري نظام کي ٻاهرين نيڪال واري نيٽ ورڪ سان ڳنڍيو ويو آهي منصوبي ۾ شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ علائقي جي ماحول کي بهتر بڻائڻ تي خاص ڌيان ڏنو ويو آهي ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته شادمان ۾ هڪ ايڪڙ کان وڌيڪ ايراضي، جيڪا ڪڏهن گندگي، ڪچري ۽ ويرانگي جو منظر پيش ڪندي هئي، اڄ ان کي شهرين لاءِ هڪ جديد تفريحي ۽ تعليمي مرڪز ۾ تبديل ڪيو ويو آهي هن منصوبي کي هاڻي شادمان آءِ ٽي پارڪ جو نالو ڏنو ويو آهي. هن چيو ته موجوده دور مصنوعي ذهانت ۽ معلوماتي ٽيڪنالاجيءَ جو دور آهي ۽ نوجوانن کي جديد علم ۽ مهارتن سان ليس ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي هن چيو ته پارڪ سان گڏ قائم آءِ ٽي مرڪز کي پڻ فعال ڪيو ويو آهي ۽ اڄ کان ان ۾ داخلا جو عمل شروع ڪيو ويندو داخلا جي عمل جي مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ ايندڙ 30 ڏينهن اندر نوجوانن لاءِ مصنوعي ذهانت ۽ معلوماتي ٽيڪنالاجي جا مختلف ڪورس مفت ڪرايا ويندا هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت جو عزم آهي ته ڪراچي جي هر ضلعي ۽ هر ٽائون ۾ اهڙا مرڪز قائم ڪيا وڃن جتي شهرين کي تفريح ۽ صحتمند سرگرمين سان گڏ جديد تعليم ۽ هنر سکڻ جا موقعا پڻ حاصل ٿين هن چيو ته سڄي دنيا ۾ وڏيون ڪمپنيون مختلف ملڪن مان نوجوانن جون خدمتون آن لائين حاصل ڪري رهيون آهن ۽ ڪراچي جي نوجوانن کي پڻ انهن موقعن سان فائدو وٺڻ جي قابل بڻائڻ ضروري آهي

هن چيو ته اسان جو مقصد نوجوانن کي اهڙيون مهارتون فراهم ڪرڻ آهي جن جي ذريعي هو باعزت روزگار حاصل ڪري سگهن، پنهنجي والدين ۽ خاندان جي خدمت ڪري سگهن ۽ شهر ۽ ملڪ جي ترقيءَ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن شادمان آءِ ٽي پارڪ صرف هڪ پارڪ ناهي پر نوجوانن جي بهتر مستقبل لاءِ هڪ اهم قدم آهي هن چيو ته هاڻي رڳو واعدن ۽ اعلانن جو دور ناهي پر عملي ڪم ۽ نتيجا ڏيکارڻ جو وقت آهي شادمان آءِ ٽي پارڪ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته جيڪو واعدو ڪيو ويو ان کي پورو ڪيو ويو ۽ جيڪو منصوبو شهرين جي سامهون رکيو ويو ان کي عملي شڪل ڏني وئي ميئر ڪراچي چيو ته ڪراچي ۾ ترقياتي ڪمن جو سلسلو تيزيءَ سان جاري آهي ۽ مختلف علائقن ۾ روڊن ۽ بنيادي ڍانچي جي بهتريءَ جي منصوبن تي ڪم ڪيو پيو وڃي اهو دور گذري ويو جڏهن چيو ويندو هو ته ڪي ايم سي وٽ اختيار ۽ وسيلا ناهن هن چيو ته قانون اختيار ۽ وسيلا ساڳيا آهن پر فرق قيادت ۽ عوامي خدمت جي جذبي جو آهي موجوده قيادت عام ڪراچي جي شهري جي مسئلن سان ڳنڍيل آهي ان ڪري اڄ شهر ۾ ترقياتي ڪم نظر اچي رهيا آهن هن چيو ته شهر جي بنيادي ڍانچي جي بهتريءَ لاءِ وڏيڪ ڪم شروع ڪيا پيا وڃن ۽ لڳ ڀڳ 149 روڊن جي تعمير ۽ بحاليءَ جي منصوبن لاءِ ٺيڪن جو عمل جاري آهي جيتوڻيڪ انهن مان ڪيترائي روڊ سڌي ريت ڪي ايم سي جي دائره اختيار ۾ نٿا اچن پر اتي پڻ ڪراچي جا شهري آباد آهن ۽ انهن جون تڪليفون گهٽائڻ اسان جي ذميواري آهي هن سنڌ حڪومت جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته حڪومت شهر جي ترقي ۽ شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڀرپور سهڪار ڪيو آهي هن اميد ظاهر ڪئي ته هلندڙ مهيني ٺيڪن جو عمل مڪمل ٿيڻ سان ئي ڪم جا حڪم جاري ڪيا ويندا ۽ ان ڪانپوءِ ڪراچي جي مختلف ضلعن ۽ ٽائونن ۾ روڊن جي تعمير ۽ بحاليءَ جو ڪم شروع ٿي ويندو ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته سياسي مخالفن جو اختلاف ۽ تنقيد جمهوري سياست جو حصو آهي هو پنهنجي مخالفن کان حمايت جي اميد نٿا رکن پر تنقيد بدران حقيقتن ۽ دستاويزن سان ڳالهه ٿيڻ گهرجي ميئر ڪراچي مصطفيٰ ڪمال پاران ميدان ۾ اچڻ واري بيان تي ردعمل ڏيندي چيو ته هو پاڻ ميدان ۾ موجود آهن ۽ شهر جي مختلف علائقن ۾ وڃي ڪم ڪري رهيا آهن هن ڪراچي جي ماضيءَ جو حوالو ڏيندي چيو ته ڪراچي جا شهري خوف، دهشت، بدامني ۽ لاشن وارو شهر نٿا چاهين موجوده ڪراچي کي امن، ترقي ۽ شهري سهولتن جي ضرورت آهي ۽ هو اهڙي ئي ڪراچي لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن هن مخالفن پاران ڪي ايم سي تي مبينا طور 300 ارب رپيا خرچ ڪرڻ جي دعويٰ جو حوالو ڏيندي چيو ته جيڪڏهن اها دعويٰ درست آهي ته ان جا ثبوت ۽ بجيٽ جا دستاويز سامهون آندا وڃن. هن چيو ته رڳو زباني دعوائون قابل قبول ناهن پر اهو ٻڌايو وڃي ته اها رقم ڪڏهن منظور ٿي، ڪهڙا منصوبا منظور ڪيا ويا، انهن جا ٺيڪا ڪڏهن ٿيا ۽ عملي طور انهن تي ڪيترو ڪم ٿيو ميئر ڪراچي چيو ته هو ان معاملي تي ڪنهن به هنڌ ۽ ڪنهن به فورم تي بحث لاءِ تيار آهن پر بحث حقيقتن ۽ دستاويزن جي بنياد تي ٿيڻ گهرجي هن چيو ته هو پڻ رڪارڊ موجب حقيقتون عوام جي سامهون رکندا. هن چيو ته اڳوڻي ميئر وسيم اختر ۽ موجوده ميئر جي طرز قيادت ۾ واضح فرق آهي اهڙيءَ طرح پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ متحده قومي موومينٽ جي سياست ۽ طرز حڪمراني ۾ پڻ فرق آهي

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ غارن ۽ قدرتي چپن "ڪاسٽ" جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ غارن ۽ قدرتي چپن "ڪاسٽ" جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو 13 سيپٽمبر تي "ڪاسٽ" جو عالمي ڏينهن ملهائڻ جو مقصد زمين اندر موجود نازڪ ماحولياتي نظام، غارن ۽ قدرتي چپن جي سلسلي بابت دنيا ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ آهي واضح رهي ته غارن ۽ مخصوص زميني حالت ڪاسٽ جو علائقو زمين جي اٽڪل هڪ پاڻي چار حصي تي پکڙيل آهي جيڪو هڪ ارب کان وڌيڪ ماڻهن کي پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ سميت انوکي حياتيات جو تحفظ پڻ ڪري ٿو ڪاسٽ جو عالمي ڏينهن ملهائڻ جو فيصلو يونيسڪو پاران ڪيو ويو ته جئين ان پوشيده قدرتي ورثي جي پائيدار انتظام ۽ سائنسي تحقيق کي هٿي وٺائي سگهجي هلندڙ سال اهو ڏينهن "غارن ۽ ڪاسٽ جي پائيدار انتظام جي دريافت، آگاهي ۽ ان جو تحفظ ڪرڻ" جي موضوع هيٺ ملهايو پيو وڃي ان ڏينهن جي موقعي تي خانگي ۽ سرڪاري ادارن سميت سماجي ادارن جي انتظام هيٺ مختلف پروگرام منعقد ڪيا ويا جن ۾ غارن ۽ قدرتي چپن جي حوالي سان عوامي سطح تي شعور اجاگر ڪيو ويو

پاڪستاني سفير خليل هاشمي چيني سفارتڪار شاؤڪانگ پاران الوداعي تقريب منعقد ڪرڻ تي ٿورو مڃيو

بيجنگ (اي پي پي) چين ۾ پاڪستان جي سفير خليل هاشمي نالي واري چيني سفارتڪار ۽ گڏيل قومن جي سماجي ۽ اقتصادي معاملن جي اڳوڻي انڊر سيڪريٽري شاؤڪانگ پاران منعقد خاص الوداعي تقريب جي ميزباني تي شڪريو ادا ڪيو هلندڙ مهيني جي شروعات ۾ منعقد ٿيل الوداعي تقريب ۾ چين جي نالي وارن ماهرن اسڪالرن دانشورن ۽ ڪاروباري شخصيتن شرڪت ڪئي تقريب ۾ پاڪستان ۽ چين جي لاڳاپن جي مختلف رُخن جو جائزو ورتو ويو ۽ مستقبل ۾ ٻه طرفي سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ وارن امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. پاڪستاني سفير "ايڪس" تي جاري ڪيل پوسٽ ۾ چيو آهي ته چيني سفارتڪار شاؤڪانگ پنجن ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي کان پاڪستان سان پنهنجي پراڻي دوستي تحت اها تقريب منعقد ڪئي آهي تقريب ۾ سفارتڪاري، دفاع، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، ڪاروبار، صحت، هنرمندي جي ترقي، تعليم ۽ تحقيق سميت مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ نمايان شخصيتون شريڪ ٿيون تقريب ۾ شريڪ ماڻهن پاڪستاني سفير ۽ بيجنگ ۾ پاڪستاني سفارتخاني سان سندس مقرري دوران ويجهو سهڪار ڪيو ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ وسعت ڏيڻ وارين ڪوششن ۾ ڪردار ادا ڪيو ڪيترن ئي شرڪت ڪندڙن چيني ڪاروباري ادارن سان سهڪار کي هٿي وٺائڻ ۾ مدد ڪئي جڏهن ته ٻين صحت، هنرمندي جي ترقي، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي شعبن ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ شراڪت کي اڳيان وڌائڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو تقريب جي آخر ۾ پاڪستاني سفير خليل هاشمي شرڪت ڪندڙن پاران ٻنهي ملڪن جي گڏيل ڪاميابين ۽ مستقبل ۾ سهڪار جي امڪانن تي ڳالهيون ڪيون جيڪي سندس لاءِ خاص اهميت رکن ٿيون هن تقريب ۾ شريڪ سمورن ماڻهن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ خاص ڪري چيني سفارتڪار شاؤڪانگ جي دوستي سهڪار ۽ ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن کي اڳيان وڌائڻ لاءِ سندس خدمتن جي تعريف ڪئي

ڪراچي ۾ پيٽروليم ليوي ۽ بجلي معاهدن خلاف جماعت اسلامي جو ڌرڻو جاري

پاڪستان انجنيئر فورم جي وفد ڌرڻي ۾ شرڪت ڪري مڪمل حمايت جو اعلان ڪيو

مهانگائي خلاف احتجاج جاري رهندو، 20 سيپٽمبر تي اسلام آباد ڏانهن مارچ ڪنداسين: منعم ظفر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيٽروليم ليوي جي نالي تي پيٽرو ٽيڪس جي ظالماڻي وصولي ۽ آزاد بجلي پيدا ڪندڙ ڪمپنين سان عوام دشمن معاهدن خلاف گورنر هائوس تي جماعت اسلامي جو ڌرڻو 28هين ڏينهن به جاري رهيو ڌرڻي واري هنڌ استادن جو سيشن منعقد ٿيو جنهن ۾ وڏي انگ ۾ استادن شرڪت ڪئي، جڏهن ته پاڪستان انجنيئر فورم ڪراچي چيپٽر جي وفد عمران احمد جي اڳواڻي ۾ ڌرڻي ۾ شرڪت ڪري مڪمل حمايت جو اعلان ڪيو ۽ حافظ نعيم الرحمان جي اپيل تي 20 سيپٽمبر تي اسلام آباد مارچ ۾ شرڪت جي خاطري ڪرائي. پاڪستان انجنيئر فورم ڪراچي چيپٽر جي صدر حماد انجنيئرن پاران ڌرڻي فنڊ ۾ 15 لک رپيا پڻ جمع ڪرايا. ان موقعي تي جماعت اسلامي ضلعي اوير جي امير نعيم اختر جي اڳواڻي ۾ روفي گلوبل سٽي جي متاثرن جي وفد پڻ ڌرڻي ۾ شرڪت ڪئي ۽ پنهنجا مسئلا جماعت اسلامي جي قيادت آڏو رکيا. جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفر خان گورنر هائوس تي جاري ڌرڻي جي 28هين ڏينهن پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته جماعت اسلامي جي مسلسل جدوجهد جي نتيجي ۾ پيٽروليم ليوي وارو پيٽرو ٽيڪس هاڻي ملڪ جو اهم عوامي مسئلو بڻجي چڪو آهي عوام حڪمرانن کان خيرات نه پر پنهنجو حق گهرن ٿا. حڪومت پيٽروليم ليوي جي نالي تي عوام تي ڳرو بار وڌو آهي. وزيراعظم شهباز شريف ٻڌائي ته عوام کي وڌيڪ ڪيترو نيوڙيو ويندو؟ هن چيو ته گذريل اڍائي سالن دوران حڪومت پيٽروليم ليوي جي مد ۾ 3 هزار 137 ارب رپيا وصول ڪيا، جڏهن ته پگهاردار طبقي کان 700 ارب رپيا ۽ وڏن زميندارن کان رڳو 10 ارب رپيا وصول ڪيا ويا. حڪمران مفت پيٽرول، مفت بجلي ۽ مختلف مراعتون حاصل ڪري رهيا آهن، جڏهن ته عام ماڻهو مهانگائي جي چڪي ۾ پيسجي رهيو آهي منعم ظفر خان چيو ته 20 سيپٽمبر تي اسلام آباد مارچ جون تياريون جاري آهن ۽ حڪومت سان ڳالهيون پڻ جاري رکنداسين جماعت اسلامي جا ڌرڻا رڳو ڪراچي ۾ نه پر ملڪ جي مختلف حصن ۾ جاري آهن جن جو بنيادي مقصد عوام کي پيٽروليم ليوي جي ناجائز بار کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ ۽ آزاد بجلي پيدا ڪندڙ ڪمپنين جي معاهدن بابت عوامي مفادن جو تحفظ ڪرڻ آهي هن چيو ته جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان 20 سيپٽمبر تي اسلام آباد ۾ مارچ جو اعلان ڪيو آهي جنهن لاءِ رجسٽريشن جو عمل شروع ٿي چڪو آهي ڪراچي سميت سڄي ملڪ مان عوام اسلام آباد مارچ ۾ شرڪت لاءِ تيار آهي هن وڌيڪ چيو ته 10 فيبروري کان 10 سيپٽمبر تائين ڀارت ۾ ڊيزل جي قيمت ۾ رڳو 9 سيڪڙو ۽ بنگلاديش ۾ 15 سيڪڙو واڌ ٿي، جڏهن ته پاڪستان ۾ ڊيزل جي قيمت ۾ 41 سيڪڙو واڌ ڪئي وئي اها صورتحال ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته پاڪستان جي عوام کي مسلسل مهانگائي جي بار هيٺ دٻايو پيو وڃي جماعت اسلامي ڪراچي جي امير چيو ته ايران جي صدر اعلان ڪيو آهي ته هڪ ڏينهن حڪومتي سربراهه سائيڪل تي آفيس ايندا، جڏهن ته اسان جا حڪمران عوام تي ٽيڪسن جو بار وڌائڻ سان گڏ پنهنجي مراعتن ۾ گهٽتائي آڻڻ لاءِ تيار ناهن حڪمرانن کي عوام جي مسئلن جو احساس ڪرڻو پوندو ۽ پنهنجا شاهاڻا خرچ ۽ مراعتون گهٽائڻيون پونديون منعم ظفر خان چيو ته مسلم ليگ ن جي اڳواڻ احسن اقبال ذريعي وزيراعظم جو پيغام مليو آهي ته اڱاري ڏينهن پيٽروليم ليوي ۽ اربع کان آزاد بجلي پيدا ڪندڙ ڪمپنين جي معاهدن بابت ڳالهيون ڪيون وينديون جماعت اسلامي حڪومت جي ان فيصلي جي آجيان ڪري ٿي ۽ اميد ڪري ٿي ته آزاد بجلي پيدا ڪندڙ ڪمپنين بابت اهڙا فيصلا ڪيا ويندا، جيڪي ملڪ ۽ عوام جي وسيع مفاد ۾ هجن عوام وڌيڪ مهانگي بجلي ۽ ناجائز بار برداشت ڪرڻ جي سگهه نٿو رکي. هن چيو ته جماعت اسلامي عوام جي حقن جي جنگ وڙهي رهي آهي ۽ هي ڌرڻو ڪنهن فرد يا جماعت جي مفاد لاءِ نه پر پاڪستان جي عام شهري لاءِ آهي. جيستائين عوام کي حقيقي رليف نه ٿو ملي، پيٽروليم ليوي جي ناجائز بار جي خاتمي ۽ آزاد بجلي پيدا ڪندڙ ڪمپنين جي مسئلي جي منصفاڻي حل لاءِ جدوجهد جاري رهندي، منعم ظفر خان چيو ته جيڪڏهن سياسي جماعتون ۽ ٽي وي اينڪر پيٽروليم ليوي جهڙي اهم عوامي مسئلي تي ڳالهه نه ڪندا ته ان جو مطلب اهو ٿيندو ته اهي به حڪمرانن جي غلط پاليسين ۾ برابر جا شريڪ آهن. عوام تي لاڳو ڪيل ظالماڻي بار خلاف آواز اٿارڻ هر سياسي جماعت ۽ ذميوار شهري جي ذميواري آهي. هن چيو ته جماعت اسلامي جا ڌرڻا جاري آهن ۽ گڏوگڏ 20 سيپٽمبر جي اسلام آباد مارچ جون تياريون پڻ ڀرپور نموني جاري آهن عوام جي حقن جي حاصلات تائين جدوجهد جاري رکي ويندي، جڏهن ته حڪومت سان ڳالهين جو سلسلو پڻ جاري رهندو ۽ جماعت اسلامي چاهي ٿي ته ڳالهين ذريعي عوام جي حق ۾ مثبت ۽ عملي فيصلا سامهون اچن

حڪومت پيٽروليم ليوي بابت جماعت اسلامي سان ڳالهين لاءِ مهلت گهري ورتي

لاهور (م د) پيٽروليم شين جي وڌندڙ قيمتن بابت عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ حڪومت ۽ جماعت اسلامي وچ ۾ ڳالهين ۾ دير جو سلسلو جاري آهي، ٻن غير فيصلائتي مرحلن کانپوءِ حڪومت ٽئين مرحلي کان اڳ هڪ ڏينهن جي اضافي وقت جي درخواست ڪئي آهي وزيراعظم شهباز شريف جي هدايتن تي اڄ سومر تي مقرر ڳالهيون اڱاري تائين ملتوي ڪيون ويون آهن جڏهن ته جماعت اسلامي حڪومت تي دٻاءُ برقرار رکڻ لاءِ 20 سيپٽمبر تي اسلام آباد ڏانهن لانگ مارچ جو اعلان ڪيو آهي وفاقي وزير براءِ منصوبه بندي احسن اقبال وزيراعظم شهباز شريف جو پيغام پهچائڻ لاءِ جماعت اسلامي جي نائب امير لياقت بلوچ سان رابطو ڪيو آهي لياقت بلوچ موجب احسن اقبال ٻڌايو ته وزيراعظم جي خواهش آهي ته پيٽروليم ليوي بابت ڳالهيون اڱاري ڏينهن ٿين لياقت بلوچ ٻڌايو ته حڪومت جماعت اسلامي سان ڳالهين لاءِ هڪ ڪميٽي قائم ڪئي آهي ان سان گڏ پيٽروليم ليوي ۽ آزاد پاور پروڊيوسرز (IPPs) جي معاملن کي ڏسڻ لاءِ به الڳ ڪميٽيون پڻ ٺاهيون ويون آهن هن چيو ته پيٽروليم ليوي بابت حڪومت سان ڳالهيون اڱاري تي مقرر آهن جڏهن ته آءِ پي پيز (IPPs) جي معاملي تي بحث اربع ڏينهن ڪيو ويندو پيٽروليم ليوي بابت حڪومت ۽ جماعت اسلامي وچ ۾ اسلام آباد ۾ اڳ ۾ ئي ڳالهين جا ٻه مرحلا ٿي چڪا آهن جڏهن ته ٻئي مرحلا ڪنهن حتمي نتيجي کان بغير ختم ٿيا.

Monday 14 September 2026
سومر 14 سيپٽمبر 2026ع
روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
اسان جو سماج ڪيڏانهن پيو وڃي؟
صفحو 4

محمود شاھ
21هين صديءَ ۾ قبائلي تڪبر
صفحو 4

ٌصوفيءَ صاف ڪيو، ڏوئي ورق وجود جو'
فقير حاجن نظاماڻي
صفحو 4

عمران يعقوب
لا نينا کان ايل نينو تائين
صفحو 4

دڙو ۾ پوليس جي مبينا زيادتين خلاف ڳوٺاڻن جو جو هٿن ۾ ڏنڊا کڻي ڌرڻو، باهيون، روڊ بلاڪ

ڳوٺ گل ملاح ۽ ڳوٺ باقر شاهه جي رهواسين ٽنهڻ اس ۾ ٽائرن کي باهيون ڏئي روڊ بند ڪري ڇڏيو، ٽريفڪ معطل

پوليس رات دير سان اڌڙوٽ شخص خميسو ملاح کي وچ شهر ۾ بنا ڏوهه جي وحشياڻو تشدد ڪري مرٽينگ ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

ملوث اهلڪارن خلاف سخت ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو

دڙو (ن ع) دڙي ۾ ڳوٺ گل ملاح ۽ ڳوٺ باقر شاهه جي رهواسين ملاح پاران سنڌن هڪ ڄڻي خميسي ملاح کي دڙو پوليس طرفان مبينا طور زبردستي ڪنهي ڪٽي بندرين تشدد جو نشانو بنائي ڪيس مرٽينگ حالت ۾ ڦٽو ڪرڻ خلاف مرد، عورتن ۽ ٻارن ماروي ملاح، نوران ملاح، بچائي ملاح، انيلا ملاح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پڇاڙي پل چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ۽ پوليس خلاف نعريبازي ڪئي وئي، مظاهرين ٽنهڻ اس ۾ ٽائرن کي باهه ڏئي 4 ڪلاڪن تائين روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن سبب اينڊز وينڊز ٽريفڪ معطل ٿي وئي، ان موقعي تي مظاهرين الزام هنيو ته پوليس رات دير سان اسان جي اڌڙوٽ شخص خميسو ملاح کي وچ شهر ۾ بنا ڪنهن ڏوهه جي وحشياڻو تشدد ڪري مرٽينگ ڪري ڇڏيو آهي، هنن چيو ته ملوث اهلڪارن خلاف سخت ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو، هوڏانهن پ پ جي اڳواڻ ضلعي صدر ارباب وزير احمد ميمڻ ملاح برادري جي احتجاجي ڌرڻي ۾ پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪيون، ۽ تشدد ۾ ملوث اهلڪارن خلاف سخت ڪارروائي ڪرائڻ جي خاطري بعد احتجاج ختم ڪرايو

دڙو پوليس جا مبينا ظالمانا ۽ ڪنهي تشدد بعد مرٽينگ ڪرڻ واقعي خلاف ڳوٺاڻا احتجاج ڪندي

ميهڙ ۾ بجلي جي هيٺ لٽڪيل تار مان 12 ورهين جو ٽينگر ڪرنٽ لڳڻ سبب سخت زخمي، اسپتال منتقل

ميهڙ (ن ع) ميهڙ جي شهباز ڪالوني ۾ 12 ورهين جو فياض سولنگي ٻين ٻارن سان گڏ راند ڪيڏي رهيو هو ته علائقي ۾ هيٺ لٽڪيل بجلي جي تار سان اڻڄاڻو سنڌس رابطو ٿي ويو جنهن سبب ڪيس زوردار ڪرنٽ لڳو ۽ هو بيهوش ٿي ڪري پيو واقعي بعد علائقي ۾ خوف ۽ پريشاني پکڙجي وئي وارثن ۽ علائقي واسين فوري طور زخمي ٽينگر کي تعلقي اسپتال ميهڙ (ٽگس) پهچايو

پٽ شاهه ميونسپل ڪميٽي جي بجيٽ ۾ ڪروڙين رپين جي مبينا ڪرپشن جو انڪشاف

واٽرسپلاءِ، صفائي، ڊرينيج مشينري جي مرمت، خريداري ۽ تيل خرچن جا مبينا جعلي بل ٺاهي لٽيو پيو وڃي: ذريعا

ٺيڪا مبينا طور من پسند ماڻهن کي ڪميشن عيوض ڏيڻ ۽ ناقص مٽيريل استعمال ۽ غير معياري ڪمن جا بل پاس ڪرايا وڃن ٿا

سياسي، سماجي ۽ انساني حقن جي تنظيمن جو وزيراعليٰ سنڌ، بلديات کاتي ۽ اينٽي ڪرپشن اختيارين کان معاملي جو نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

پٽ شاهه (ن ع) پٽ شاهه تعلقه ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين ۽ ميونسپل آفيسر سميت عملي جي ملي ڀڳت سان ميونسپل ڪميٽي کي هر مهيني ملندڙ ڪروڙين رپين جي بجيٽ ۾ جعلسازي ذريعي ڪروڙين رپين جي مبينا ڪرپشن جو انڪشاف ٿيو آهي ذريعن موجب شهر جي واٽرسپلائي سفائي سترائي ۾ ڪم ايندڙ گاڏين،ڊرينيج مشينري جي مرمت، خريداري ۽ تيل خرچ جا مبينا ڪروڙين رپين جا جعلي بل ٺاهي سرڪاري خزاني کي بنهي هٿن سان لٽيو پيو وڃي، جڏهن ته ايمرجنسي جي بنيادن تي ڪوٽيشن جي نالن تي شهر جي مختلف واردن ۾ مرمتي ڪمن پيور بلاڪ،سي سي بلاڪ، نالين سميت ٻين ترقياتي ڪمن جا ٽينڊر ڪرائي مذڪوره ليڪن جون ڪاغذي ڪارروايون پوريون ڪري جاٽايل ڪروڙين رپين جي اسڪيمن جي ڪمن جا ٺيڪا ڳري ڪميشن عيوض من پسند، سفارشي ۽ پنهنجي ويجهن ماڻهن کي ڏيڻ جون شڪايتون سامهون آيون آهن جڏهن ته ترقياتي ڪمن جي اسڪيمن ۾ مقرر ڪيل اسٽيمينٽ جي ڪوالٽي کي به برقرار نه رکيو ويو،ان باوجود ميونسپل ڪميٽي چيئرمين،ميونسپل آفيسر ،ليڪيدارن ۽ لاڳاپيل عملدارن سان ملي ڀڳت ڪري غير معياري ۽ غير تسلي بخش ڪمن جا ڪروڙين رپين جا بل پاس ڪرائي ورتا، جڏهن ته ترقياتي ڪمن ۾ ناقص مٽيريل استعمال ڪيڻ ڪري ڪيترن ئي جاين تي ڪيل ڪم وقت کان اڳ ئي اکڙي تباهه ٿي ويا، ان کان علاوه ميونسپل ڪميٽي چيئرمين ميونسپل آفيسر ۽ عملدار پنهنجي پرائيويٽ گاڏين ۾ سرڪاري تيل استعمال ڪرڻ جا پڻ سنگين الزام سامهون آيا آهن ذريعن موجب ميونسپل چيئرمين ۽ آفيسر سياسي بااثر ماڻهن پنهنجي رشيدارن، ويجهن سائين کي پڻ ميونسپل ڪميٽي جي سرڪاري تيل چوري جون پرچون ڏيئي هر مهيني هزارين ليٽر سرڪاري تيل غير قانوني طور خرچ ڪري سرڪاري خزاني کي وڏو نقصان رسائڻ سان گڏ عوام جي حقن تي پڻ ڌاڙو هنيو پيو وڃي،

ٽنڊوالهيار ۾ وومين پوليس ڪارروائي، شراب ڀٽي تي ڇاپو، عورت گرفتار

اشفاق ٽائون ۾ ڇاپو هڻي هڪ عورت ڏاهي ميگهواڙ کي گرفتار ڪيو ويو

عورت جوابدار وٽان 170 ليٽر ديسي شراب هٿ، ڪيس داخل

ٽنڊوالهيار (د ر) ايس ايس پي ٽنڊوالهيار سيد سليم شاهه جي هدايتن تي ايس ايچ او وومين ثمينه گل لغاري جي اڳواڻي ۾ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد اشفاق ٽائون ۾ ڇاپو هنيو ڇاپي دوران هڪ عورت ڏاهي ميگهواڙ کي گرفتار ڪري 170 ليٽر ديسي شراب هٿ ڪيو ويو جڏهن ته پوليس گرفتار عورت مٿان ڪيس داخل ڪري ڇڏيو ان موقعي تي ايس ايچ او وومين ثمينه گل لغاري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ايس ايس پي جي هدايت تي ڪاروائي ڪئي آهي منشيات فروشن کي ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو منشيات فروش ڪيترا به بااثر ڇو نه هجن ڪين قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻينداسين هن چيو ته منشيات فروش انسانيت جا دشمن آهن جنهن سان نوجوان نسل تباهه ٿي رهيو آهي اسان جون منشيات سميت ڏوهي سرگرمين ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروايون جاري آهن

ٽنڊوالهيار ۾ وومين پوليس جي ڪارروائي . شراب جي ڀٽي تي ڇاپو . هڪ عورت گرفتار . ڪيس داخل

دادو ۾ عورت جو مائٽن تي گهر ۾ گهڙي موتمار ڌمڪيون ڏيڻ خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

دادو(د ر) پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙي جي مائٽن پاران گهر ۾ گهڙي موتمار ڌمڪيون ڏيڻ جو الزام عورت جو ٻچڙن سميت احتجاج ، دادو لڳ ڳوٺ گل محمد مگسي جي رهواسڻ مسمات زينب زال اصغر علي چهواڻ پنهنجي معصوم ٻچڙن سميت دادو پريس ڪلب پهچي مسمات پرويزه ڌيءَ گلزار چهواڻ جي وارثن جي مبينا زيادتين خلاف سخت احتجاج ڪندي پريس ڪانفرنس ڪئي، مسمات زينب چهواڻ ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو ته مسمات پرويزه ڌيءَ گلزار چهواڻ پنهنجي مرضي سان عزيز چهواڻ سان پسند جو پرڻو ڪيو آهي، جڏهن ته عزيز چهواڻ سنڌس مڙس اصغر چهواڻ جو سئوٽ آهي، هن چيو ته سنڌس خاندان جو پرويزه ۽ عزيز چهواڻ سان ڪو به واسطو نه آهي.

سڪرنڊ ۾ ايم ڊي ڪيٽ اميدوارن لاءِ موڪ ٽيسٽ، شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن ۾ مجتا سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا

سڪرنڊ (س ر) قائد عوام يونيورسٽي شهيد بينظيرآباد ۾ 20 سيپٽمبر تي ٿيندڙ ايم ڊيڪيٽ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ هانيا اڪيڊمي پاران شاگرديائين ۽ شاگردن کي تياري ڪرائڻ جي لاءِ موڪ ٽيسٽ جو اهتمام ڪيو ويو جنهن جي پهرين مرحلي ۾ بهترين پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين جي حوصلا افزائي لاءِ کين مجتا سرٽيفڪيٽ ڏيڻ لاءِ شاندار تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ سماج سڌارڪ تعليم جي بهتري لاءِ جاکوڙيندڙ سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي کي مهمان خاص طور گهرايو ويو جنهن جي هٿان شاگردن ۽ شاگرديائين کي سنڌن شاندار ڪوشش ۽ ڪاميابي تي مجتا سرٽيفڪيٽ ڏياريا ويا جن مجتا ماڻي انهن ۾ رابعا آرائين ، لاريب راجپوت ، عائشه فاطمه ، زبير مهر ، شاهه مردان ۽ عائشه جلباڻي شامل هيون جنهن بعد قاضي جاويد سنائي پنهنجي صدارتي تقرير ۾ شاگردن کي مبارڪون ڏيندي چيو ته ڪوشش ڪرڻ وارا ڪڏهن به هارائيندا ناهن هانيا اڪيڊمي جيڪو ڪم ڪري رهي آهي ان مان اندازو آهي ته ان شاء الله هانيا جا شاگرد ۽ شاگرديائيون 20 سيپٽمبر تي ٿيندڙ ٽيسٽ ۾ ضرور ڪاميابي حاصل ڪندا ان کان اڳ پروفيسر غلام حسين جلباڻي آيل مهمان کي آجياڻو پيش ڪيو ۽ پروگرام جو مقصد بيان ڪيو.

مسوبرڳڙي ۾ نئين ڊرينيج اسڪيم جو ڪم آخري مرحلن ۾ داخل

مسوبرڳڙي (ن ع) مسوبرڳڙي شهر ۾ ڊرينيج جي منصوبي جو ڪم آخري مرحلن ۾ پهچڻ تي رهواسين سرهائي جي لهر ڇانئيل آهي سڄي شهر سميت ميگهواڙ محلي ۾ به ڊرينيج اسڪيم تي ڪم تيزي سان هلندڙ آهي ميڊيا سان ڳالهائيندي هتان جي مقامي پ پ پ اڳواڻ سوهن لعل ميگهواڙ چيو آهي ته ميگهواڙ محلي ۾ نيڪاسي آب وارو مسئلو سدائين ڊرينيش هوندو هو ، گلي ۾ گندو پاڻي بيٺل هئڻ ڪري رهواسي سدائين مشڪلاتن کي منهن ڏيندا پئي آيا، هن وڌيڪ چيو ته اسان شهر واسي توڙي هتان جي ميگهواڙ برادري ميئر حيدرآباد ڪاشف خان شورو ،پ پ پ اڳواڻ بلال خان شورو ۽ پ پ پ اڳواڻ سليم رضا مگريو جا ٿورائتا آهيون جن جي ڪاوشن سان اسان جو هي نهايت اهم مسئلو تڪميل تي پهچڻ وارو آهي

HANIYA ACADEMY
SAKRAND
LEADERSHIP TEAM
سڪرنڊ قائد عوام يونيورسٽي شهيد بينظيرآباد ۾ ۾ ٿيل موڪ ٽيسٽ ۾ ڪامياب ٿيندڙ شاگردياڻي کي مجتا سرٽيفڪيٽ ڏنو پيو وڃي

ميهڙ ۾ ڪارو ۽ بدبودار پاڻي، صفائي جو نظام به ناڪام: شهرين جو احتجاج

شهري اتحاد جي سڏ تي سياسي، سماجي تنظيمن، واپارين ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي

ڪروڙين رپين جي ماهوار بجيٽ باوجود پيئڻ جو صاف پاڻي به ميسر ناهي: مظاهرين

ميهڙ (ن ع) ميهڙ ۾ واٽر سپلاءِ جو ڪارو ۽ بدبودار پاڻي فراهم ٿيڻ ۽ شهر ۾ صفائي جا ناقص انتظام برقرار رهڻ خلاف شهرين جو احتجاج ٻئي ڏينهن به جاري رهيو شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي جي ڊي اي، پي ٽي آءِ قومي عوامي تحريڪ، سني ايڪشن ڪاميٽي، واپارين ۽ وڪيلن سميت مختلف سياسي، سماجي تنظيمن ۽ شهرين پاران دعا چوڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي احتجاجي ريلي ۾ شهري اتحاد جو چيئرمين نياز علي ٻرڙو ايڊووڪيٽ، عابد حسين ڪلهوڙو ايڊووڪيٽ، منور جتوئي ايڊووڪيٽ، مير ڪوسو محمد ايوب ڪوسو غلام فاروق حيدري، نبيل پنهور هاشم ٻرڙو اسماعيل بروهي، محمد عرس ڪوسو سيد فتاح شاهه زبير سمون مير شڪيل عطار مير عمران علي ٽيوٽو مختيار سنڌي عاشق علي ڪوسو دلبر ڪوسو جهانگير ابڙو ۽ امتياز علي چنو سميت وڏي انگ ۾ شهرين شرڪت ڪئي مظاهرين هٿن ۾ بينر کڻي شهر جي مختلف رستن تان مارچ ڪيس جتي "پاڻي ڏيو پاڻي ڏيو" ۽ "صفائي ڪرايو" سميت مختلف نعرا هنيا ويا احتجاجي ريلي مختلف رستن تان ٿيندي ڪارو چوڪ تي پهتي، جتي اڳواڻن ۽ شرڪت ڪندڙن پاران خطاب ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته ميهڙ ميونسپل ڪاميٽي کي هر مهيني ڪروڙين رپين جي بجيٽ ملڻ باوجود شهر جي عوام کي صاف پاڻي فراهم نه ٿو ڪيو وڃي واٽر سپلاءِ مان ڪارو ۽ بدبودار پاڻي اچڻ سبب شهري سخت پريشاني ۾ مبتلا آهن جڏهن ته شهر جي مختلف علائقن ۾ گندگي جا ڍير لڳل آهن ۽ صفائي جو نظام مڪمل طور تي ناڪام نظر اچي رهيو آهي هنن چيو ته شهرين کي پيئڻ لاءِ صاف پاڻي فراهم ڪرڻ ۽ شهر جي صفائي ڪرائڻ ميونسپل ڪاميٽي جي بنيادي ذميوارين مان آهي، پر ان باوجود ميهڙ جي عوام کي بنيادي سهولتن کان محروم رکيو ويو آهي اڳواڻن الزام لڳايو ته ميونسپل ڪاميٽي جي انتظاميا کي بار بار مسئلن کان آگاهه ڪرڻ باوجود صورتحال ۾ ڪا به بهتري نه آندي وئي آهي احتجاج ڪندڙن ميونسپل ڪاميٽي ميهڙ جي سي ايم او بابر مگسي کي شهر ۾ صفائي ۽ پاڻي جي مسئلي جو ذميوار قرار ڏيندي مطالبو ڪيو ته شهرين جا جائز مسئلا فوري طور حل ڪيا وڃن هنن چيو ته جيڪڏهن شهر ۾ صاف پاڻي جي فراهمي ۽ صفائي جو نظام بهتر نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو اڳواڻن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ميهڙ شهر ۾ واٽر سپلاءِ جو صاف پاڻي فراهم ڪرڻ، گندگي جا ڍير ختم ڪرڻ ۽ باقاعده صفائي ڪرائڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن جيئن شهرين ۾ وڌندڙ بيچيني ختم ٿي سگهي هنن خبردار ڪيو ته مسئلا حل نه ٿيڻ جي صورت ۾ شهري اتحاد پاران احتجاج جو سلسلو وڌيڪ تيز ڪيو ويندو.

احتجاج
احتجاج
ميهڙ ۾ واٽر سپلاءِ جو ڪارو ۽ بدبودار پاڻي فراهم ٿيڻ خلاف شهرين پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊوڄام زال ۽ مڙس جو زرعي يونيورسٽي جي ويلفيئر آفيسر ۽ واپڊا عملي جي زيادتين خلاف احتجاج

ٽنڊوڄام (ت ر) زرعي يونيورسٽي جي ويلفيئر آفيسر ۽ واپڊا عملي مبينا زيادتين خلاف ٽڪ ٽاڪر جوڙي پاران ٽنڊوڄام پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ويو مقامي ٽڪ ٽاڪر جوڙي، زرعي يونيورسٽي جي نائب قاصد علي رضا ۽ سنڌس گهر واري ساجده خاصخيلي صحافين آڏو ڏانهيندي چيو ته يونيورسٽي جي ويلفيئر آفيسر مختيار سيلرو لاڳن سپرنٽينڊنٽ غلام حسين سولنگي ۽ حاڪم ميرجت مبينا طور ڪانئڻ هر مهيني 15 هزار رپيا وٺندا هئا ۽ کين ڊائريڪٽ بجلي جو ڪنيڪشن هٿي ڏني ۾ هاڻي ڪنيڪشن ڪٽي ڇڏيو آهي احتجاج ڪندڙ زال مڙس جو چوڻ هو ته بجلي جو ڪنيڪشن ڪاٽڻ ڪانپوءِ هاڻي واپڊا جي بقايا جاڻائي ڪانئڻ لکين رپين جي رقم طلب ڪئي پئي وڃي جنهن سبب هو سخت پريشاني ۾ مبتلا آهن هنن الزام لڳايو ته يونيورسٽي ۾ ڊائريڪٽ بجلي جي ڪنيڪشنن جو هڪ وڏو نيٽ ورڪ موجود آهي جنهن ۾ ويلفيئر آفيسر سميت ٻيا بااثر ۽ سفيد پوش ماڻهو مبينا طور ملوث آهن ساجده خاصخيلي ڏانهيندي چيو ته ويلفيئر آفيسر مختيار سيلرو ڪيس بليڪ ميل ڪري رهيو آهي هن چيو ته نئين رهائشي ڪوارٽر ڪرڻ لاءِ هڪ لک رپيا وياج تي کڻي ويلفيئر آفيسر کي ڏنا، پر رقم ڏيڻ باوجود ڪيس اڃا تائين ڪوارٽر فراهم نه ڪيو ويو آهي يونيورسٽي جي انتظاميا، اعليٰ اختيارين ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو ته معاملن جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ سنڌن مسئلو فوري طور حل ڪيو وڃي ۽ رهائشي ڪوارٽر فراهم بجلي بحال ڪئي وڃي ۽ ورتل رقم واپس ڪرائي کين انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو

سُر سامونڊي
سنڌي ادبي سنگت شاخ مورو
مورو سنڌي ادبي سنگت شاخ موري جي پاران شاهه لطيف جي " سُر سامونڊيءَ " تي هڪ شاندار ليڪچر پروگرام جو ڏيک

موري ۾ شاهه لطيف جي "سُر سامونڊي" تي فڪري ويهڪ

ساس موري جي شاندار پروگرام ۾ اديبن، شاعرن ۽ ادب دوستن جي شرڪت

اسد سولنگيءَ پاران سُر سامونڊي جي بيتن جي پسمنظر لغت تفصيلي روشني

ليڪچر ڪانپوءِ سوال جواب جي شاندار نشست، وائيون ۽ نغما پيش ڪيا ويا

مورو (ن ع) سنڌي ادبي سنگت شاخ موري جي پاران شاهه لطيف جي " سُر سامونڊيءَ " تي هڪ شاندار ليڪچر پروگرام ٿيو جنهن جا ليڪچر ڪار لطيف جا پارکو،شاعر،اديب ۽ نقاد محترم اسد سولنگي صاحب جن هئا.جڏهن ته پروگرام جي ڪاروائي شاخ جي سيڪريٽري ۽ ناميارو نقاد خليق ٻگهيو هلائي نالياري نثري نظم جي خوبصورت شاعر ۽ دانشور خادم بالاديءَ پاران سڀني مهمانن جا آجياڻي طور ٿورا مڃيا ۽ سنگت جي پروگرام جي بنيادي مقصدن تي روشني وڌي. هن موقعي تي اشرف سولنگيءَ پاران ليڪچر ڪار کي خوبصورت لونگي پارائي وئي،سُر سامونڊي مان هڪ وائي بهترين سُر ۾ بالا بلوچ ڳائي خوب داد وصول ڪيو،لطيف سائين جي ڪلام جي هڪ ٻئي پارکو سيد محمد ياسين شاهه جي پاران سُر سامونڊيءَ جا ڪجهه بيت ۽ بيتن جا پس منظر پيش ڪيا.شاخ جي جوائنٽ سيڪريٽري اشرف سولنگي،ليڪچر ڪار محترم اسد سونگيءَ جو تعارف پيش ڪيو،سٿو کان وڌيڪ سنگت جي ميمبر دوستن شرڪت ڪئي،۾ ٻاهران آيل سائين، نوشهرو فيروز تيو جتوئي،مليائي، شاهپور جهانيان ۽ ڏيپارجا شاخن جي سمورن ميمبرن عهديدارن ڀرپور شرڪت ڪئي،جن ۾ محترم نويد ملاح،انيس انصاري ۽ سائين عبد الجبار ڪوسي جن به شامل رهيا.انهيءَ کان سواءِ پروگرام ۾ عنايت سولنگي، لطيف خاصخيلي ۽ عزيز سابقيءَ پڻ وايون ڳائي منچ کي مسرور ڪري ڇڏيو.پروگرام ۾ ليڪچر ڪار شاهه لطيف جي سُر سامونڊيءَ تي هڪ زبردست شاندار ليڪچر ڏيندي لطيف سائين جي بيتن سر لوهيڙا ڳُپيا،ڪُسر نسريا ۽ ٻين ڪيترن ئي بيتن جي پس منظر،پيش منظر،لغات،سنڌ جي تهذيبي ارتقا،ثقافتي پهلو،مشاهدن ۽ تجربن بابت چيو ته سُر سامونديءَ ۾ تڙپ،سوز ۽ انتظار جي ڪيفيت جو سُر آهي،لطيف هن سر ۾ رُتن جي بدلاءَ جو مشاهدو پيش ڪيو آهي،واهوندي جي وقت سمنڊ ۾ وڻجارن جي سفر،ڏياريءَ جي مُند ،انهيءَ دور جي رسمن رواجن ۽ مروج ريتن کي لطيف سائين ڪمال سان عڪس بند ڪيو آهي.سنڌس بيتن ۾ لفظ معلم ڪنهن استاد لاءِ مخصوص نه ۾ سمنڊ ۽ پاڻي توڙي منڊن جي ماهرن طرف اشارو آهي.لطيف سائين لفظ " ڇٽيءَ " استعمال ڪيو آهي،جيڪا دراصل ڇڪيا آهي،جيڪا سنڌ ۾ قديم هندن جي هڪ رسم هئي،۾ لطيف جو ڪمال اهو آهي ته اهو لفظ سنڌ ۾ مشاهدي طور تي موجود رهيو آهي،جيئن ٻڪري وغيره کي ذبح ڪرڻ وقت ڇٽيءَ تي رسمي سان ٽنگيو ويندو آهي.هن چيو ته گيبچڻ جو عمل پرڊن ۾ ٿئي ٿو،لوهيڙا ٿي سگهي ٿي روهيڙا اصل ۾ لفظ هجي،لوهوڪا جو پڻ استعمال سنڌ ۾ ملي ٿو.ڪسر جو نسرڻ سنڌ ۾ دراصل پاڻيءَ جي عروج جو زمانو رهيو آهي.لطيف،شير جي اصليت جو شاعر آهي،لطيف سائين وٽ منظر ڪشي به هِن سُر ۾ شاهڪار آهي.مصور لطيف جي بيتن مان خوبصورت مصوري ڪري سگهجي ٿي.لفظ ڪيڙن،زمين کي چيري ڏاند جي هر وانگر هڪ عمل جو نالو آهي.لطيف سائين بيتن ۾ اندر بيٺين جي ساڳئي انداز ۾ سنڌ مان ڪيڙڻ جي علامت استعمال ڪئي آهي،جيڪا هڪ الڳ قسم جي منظر نگاري آهي.ائين به هڪ تارو آهي،جنهن طرف لطيف سائين جي ڪلام ۾ عڪس آهن.ليڪچر ڪار لطيف جي بيتن اندر موجود مشاهدي کي مختلف مثالن سان سمجهايو.هن چيو ته لطيف سائين جو فن ۽ فڪر به اڳين شاعرن جو تسلسل آهي.سُر سامونڊي به لطيف سائين حقيقت ۾ شاهه عنايت نصرپور واري کان متاثر ٿي سرجيو هوائين سُر ڪاپائتيءَ جو مثال به ڏئي سگهجي ٿو.جنهن وٽ زبردست تجنيس حرفي هئي.ليڪچر بعد سوال جوابن جو سلسلو هليو.جيڪو انتهائي شاندار رهيو.پروگرام ۾ شريڪ ٿيندڙن نهايت اهم سوال ڪيا،جن جا جواب ليڪچر ڪارن ڏنا. آيل مهمانن موجوده شاخ جي عهديدارن خاص طور سيڪريٽري خليق ٻگهيئي کي هڪ ڀرپور ۽ شاندار پروگرام ڪرائڻ تي مبارڪون ڏنيون.آخر ۾ سڀني آيل دوستن ۾ ٽنگر پڻ تقسيم ڪيو ويو.

چوهڙجمالي لڳ درگاهه شاهه يقيق تي گهمڻ آيل نوجوان شاخ ۾ ٻڏي فوت

ڪراچي واسي محمد اڪرم ستاواهه شاخ ۾ وهنجڻ دوران ٻڏي فوت ٿي ويو

مقامي ٽوبن ۽ ڳوٺاڻن پاران لاش جي ڳولا ڪري هٿ ڪيو ويو، هيلٿ سينٽر منتقل

چوهڙجمالي (ن ع) چوهڙجمالي لڳ درگاهه شاهه يقيق تي گهمڻ آيل ڪراچي واسي نوجوان شاخ ۾ وهنجندي ٻڏي ويو، ڳولا ڪانپوءِ ڳوٺاڻن لاش هٿ ڪري ورتو ڪراچي جي ڪورنگي واسي 30 سالا نوجوان محمد اڪرم ستاواهه شاخ ۾ وهنجندي ٻڏي ويو جنهن جي مقامي ٽوبن ۽ ڳوٺاڻن پاران لاش جي ڳولا ڪئي وئي، مقامي ٽوبن ۽ ڳوٺاڻن پاران ڪيترن ئي ڪلاڪن جي ڳولا بعد لاش هٿ ڪيو ويو ٻڏي فوت ٿيل نوجوان جو لاش رورل هيلٿ سينٽر چوهڙ جمالي منتقل ڪيو ويو جتي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

چوهڙجمالي شاخ ۾ ٻڏي فوت ٿيل نوجوان جو لاش ڪڍيو پيو وڃي

مورو ۾ النور MDF فيڪٽري بند ٿيڻ جو خدشو، هزارين ملازمن ۽ خاندانن جو مستقبل داءَ تي لڳل

مبينا ڌمڪين ۽ غنڊاگردي سبب صنعتي اداري جي انتظاميا ۽ ملازمن ۾ خوف، جنرل مئنيجر عارف خان خٽڪ پاران جان کي خطرو هجڻ جو خدشو ظاهر

فيڪٽري بند ٿي ته هزارين خاندانن جو روزگار متاثر ٿيڻ سان گڏ موري جي صنعتي ۽ معاشي سرگرمين تي به منفي اثر پوندا

انتظاميا ۽ شهرين جو اعليٰ اختيارين کان فوري نوٽيس وٺي فيڪٽري کي سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ ۽ مبينا ڌمڪين جي شفاف جاچ جو مطالبو

مورو(ن ع) مورو تعلقي جي ايشيا جي ٻئي نمبر وڏي صنعتي اداري طور سڃاتي ويندڙ النور MDFبورڊ فيڪٽري جي مبينا طور بند ٿيڻ جي خدشي سبب ملازمن شهرين ۽ صنعتي حلقن ۾ سخت ڳڻتي پکڙجي وئي آهي فيڪٽري بند ٿيڻ جي صورت ۾ هزارين ملازمن ۽ سنڌن خاندانن جو روزگار متاثر ٿيڻ جو اسڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي. النور MDFبورڊ فيڪٽري جي جنرل مئنيجر عارف خان خٽڪ پڻ پنهنجي جان کي مبينا خطري جو خدشو ظاهر ڪندي لاڳاپيل ادارن کان تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ صورتحال جو نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي. هن شهرين، ملازمن ۽ صنعتي حلقن مطالبو ڪيو آهي ته امن امان قائم رکڻ وارا ادارا النور بورڊ فيڪٽري جي سيڪيورٽي صورتحال تي فوري توجهه ڏين مبينا ڌمڪين ۽ حملي جي منصوبابندي بابت شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ فيڪٽري جي انتظاميا توڙي ملازمن کي مڪمل تحفظ فراهم ڪيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته النور MDFبورڊ فيڪٽري مورو جي صنعتي ۽ معاشي سرگرمين ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي تنهن ڪري ڪنهن به سبب جي ڪري فيڪٽري جي بندش سان هزارين خاندانن جو روزگار متاثر ٿيڻ سان گڏ شهر جي معاشي سرگرمين تي به منفي اثر پئجي سگهي ٿو بااثر ذريعن پاران فيڪٽري جي انتظاميا کي مبينا طور دٻاءُ ۾ آڻڻ ۽ فيڪٽري جي جنرل مئنيجر عارف خان خٽڪ مٿان حملي جي منصوبابندي جون ڳالهيون سامهون آيون آهن جنهن سبب انتظاميا ۽ ملازمن ۾ خوف ۽ بيچيني واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي. جنرل مئنيجر الزام لڳايو ته فيڪٽري اندر مبينا غنڊاگردي، ڌمڪين ۽ طاقت جي زور تي سياسي پشت پناهي رکندڙ ڪجهه ماڻهو فيڪٽري جي معاملن کي يرغمال بڻائي ڇڏيو آهي، جنهن سبب انتظاميا توڙي ملازمن لاءِ ڪم ڪرڻ وارو ماحول سخت متاثر ٿيڻ جو خدشو پيدا ٿيو آهي. جيڪڏهن اهڙين مبينا سرگرمين کي روڪڻ لاءِ بروقت قدم نه کنيا ويا ته صورتحال وڌيڪ خراب ٿي سگهي ٿي ۽ صنعتي ادارو بند ٿيڻ جي طرف وڃي سگهي ٿو هن اعليٰ اختيارين ضلعي انتظاميا ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي فيڪٽري کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، مبينا غنڊاگردي ۽ ڌمڪين جي شفاف جاچ ڪئي وڃي ۽ ڪنهن به اڻٿيندڙ واقعي کان اڳ حفاظتي قدم کنيا وڃن.

ٽنڊوڄام زال ۽ مڙس مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪندي

قاسم آباد جي رهواسين جو ٻاٿرن خلاف احتجاجي مظاهرو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي قاسم جي نسيم شاپنگ پلازه جي رهواسڻ افشان چانڊيو زال محمد شريف باجڪاڻي ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون پنهنجي ڏيڻ،پٽ سوڌو بااثر ماڻهن جي ظلم ۽ پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هن ڏانهيندي الزام هنيو ته سنڌس ئي پلازه ۾ رهندڙ عياش قسم جي ماڻهن منصور ۽ راشد ڪوهارو مسلسل اسان کي تنگ ڪري رهيا آهن جنهن سبب اسان عدم تحفظ جو شڪار آهيون هن چيو ته گذريل 2محرم تي پلازه يونين ۾ شڪايت ڪرڻ تي جاٽايل ماڻهن مجرجي اسان مٿان لوهي سيخن ۽ ڏنڊن سان حملو ڪري ڏنو جنهن ۾ مون سوڌو منهنجا 5گهرڀاتي زخمي ٿي پيا جنهن واقعي جو حد جي ٿاڻي نسيم نگر تي ڪيس داخل ڪرايو جتي پوليس هڪ معمولي زخمي ٽينگري جو ليٽر ڏنو ۽ وڌيڪ زخمين جو ليٽر جاري نه ڪيو ڪيس داخل ٿيڻ بعد جاٽايل ماڻهن ٻيهر ڪنهن به قسم جي رستا روڪ سوڌو ڪجهه به غلط نه ڪرڻ جي يقين ڏياڻي تي ماسرو حل ڪيو ۾ ڌاڙو هڪ واپڊا واري ذريعي بجلي جي ڪنيڪشن ڪٽرائي ڇڏيو ۽ پاڻي ڪنيڪشن به ڪٽرائي ڇڏيا ۽ ڌمڪيون ڏنيون جنهن تي 15کي اطلاع ڪئي جنهن جوابدارن خلاف ڪارروائي بدران بجلي ڪنيڪشن بحال ڪرائي هليا ويا هن چيو ته جاٽايل ماڻهن جي ظلم کان تنگ اچي چڪا آهيون هو منهنجي نياڻين ۽ مون تي غلط نظر رکن ٿا ۽ ڪنهن صورت مجبور ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهن ۾ اسان ڪنهن صورت انهن ماڻهن آڏو جهڪنداسين هن چيو ته جاٽايل ٻنهي جوابدارن جي ضمانت رد ٿيل آهي پر ان باوجود پوليس جوابدارن خلاف ڪابه ڪارروائي نٿي ڪري، هن سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه آءِ جي سنڌ پوليس سوڌو وس وارن کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي جوابدار گرفتار ڪري تحفظ ڏنو وڃي

سجاول جي ڪڇي وارن ٻيلن ۾ مبينا ڌوهاري آبادڪاري خلاف احتجاج، برادرين جو ڪٺ

ٻڌون ۽ دڙي جي ٻيلن مان مبينا ڌاڙيل فيڪٽر ختم ڪرڻ لاءِ سوين ماڻهن جي شرڪت، امن امان جي بحالي جو مطالبو

مختلف برادرين جي اڳواڻن جو ڪڇي وارن علائقن ۾ مبينا ڌوهاري عنصرن جي آبادڪاري تي ڳڻتي جو اظهار

مطالبا منظور نه ٿيڻ جي صورت ۾ ايس ايس پي سجاول جي آفيس آڏو احتجاجي ڌرڻو هڻڻ جو اعلان

دڙو (ن ع) دڙو: سجاول ضلعي جي ڪڇي وارن ٻيلن ۾ مبينا ڌوهاري آبادڪاري خلاف احتجاج، ٻڌون ۽ دڙي جي ٻيلن مان ڌاڙيل فيڪٽر کي ختم ڪرڻ لاءِ برادرين جو ڪٺ، سوين ماڻهن جي شرڪت، ايس ايس پي آفيس سجاول آڏو ڌرڻو هڻڻ جو اعلان.

تفصيل موجب ٻڌون، دڙو سميت لاڙ جي مختلف علائقن ۾ مبينا طور هڪ ڀيرو ٻيهر ڌاڙيل ڪلچر کي هٿي ڏيڻ ۽ ڪڇي وارن ٻيلن ڪڏي، مولچند، جراڻ هديراڻي پناهه ڪيرس ۽ ٻين علائقن ۾ ڌاڙيلن ۽ ٻين ڌوهارين جي مبينا آبادڪاري سبب ڏوهن ۾ واڌ خلاف ٻڌون شهر جي مختلف برادرين جن ۾ جماري، جاٺوري، چانگ، پليجا، لاشاري، سومرا، چانڊيا ۽ ٻيون برادريون شامل آهن، پاران ڪٺ ڪوٺايو ويو. ان موقعي تي سياسي سماجي اڳواڻن ۽ برادرين جي چڱن مڙسن رشيد آزاد سومري، عبدالڪريم پليجي، ڏاڏا آدم پليجي، انور جماري، اسحاق لاشاري، گل محمد جاٺوري، هوت خان جماري، مجنون سهتي، گل حسن چانگ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٻڌون جي مڪ اسٽاپ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، مظاهرين خطاب ڪندي چيو ته لاڙ جي پُرامن علائقن خاص طور ڪڇي وارن ٻيلن ۾ سنڌ جي مختلف علائقن مان مبينا ڌوهاري عنصرن کي آڻي آباد ڪيو پيو وڃي، جنهن سبب مقامي ماڻهن لاءِ امن امان جا مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن. هنن چيو ته ٻڌون جي ڪڏي، مولچند، جراڻ ۽ ٻين ٻيلن ۾ سنڌ جي اترين علائقن کان آيل ماڻهن جي مبينا آبادڪاري تي ڪين سخت خدشا آهن سنڌن دعويٰ موجب مختلف علائقن ۾ روزانو ڏوهن جون وارداتون ٿي رهيون آهن.

دڙو ٻڌون جي ٻيلن ۾ ڌوهاري عناصرن جي مبينا آبادگاري خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 72. هين ڏينهن به احتجاج

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 72. هين ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله ، محمد نديم شاهد خان،جاويد پٽني ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيوويو ان موقعي تي هنن چيو ته حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيوته 20 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيوته ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون ۽ سمورين مراعتون وٺي رهيا آهن

پبلڪ اسڪول حيدرآباد ۾ انتظامي بحران، سفارشي راڄ خلاف ملازمن جو احتجاج

حاضر سروس، رٽائرڊ ۽ جبري برطرف ملازمن جي پريس ڪانفرنس، پگهارن، پينشن ۽ رهڻ جي ادائيگي لاءِ احتجاج

هڪ ڪلارڪ کي ڪيترن ئي شعبن جون چارجون ڏيڻ، من پسند ڀرتين ۽ مالي بي ضابطگين جا الزام

ملازمن جو سنڌ جي وڏي وزير کان گذريل پنجن سالن جي بجيٽ جي جاچ، ميرٽ تي پرنسپل مقرر ڪرڻ جو مطالبو

حيدرآباد(رپورٽ اعجاز لغاري) پبلڪ اسڪول حيدرآباد ۾ انڌير نگري بربت راڄ، سفارشي ڪلچر لکين رپيا پگهارون غريب ملازم حقن لاءِ پريشان،اختيارين سنتل، احتجاج سنڌ جي ٻي نمبر وڏي شهر جو قديمي ۽ تاريخي پبلڪ اسڪول ڪيترين عرصي کان مسئلن جي ورچڙهي ويو آهي اسڪول انتظاميا جي نااهلي ۽ سفارشي ڪلچر ناليواري تعليمي اداري جي ساک کي آسمان کان زمين تي ڪيرائي ڇڏيو آهي اسڪول انتظاميا جو حال اهو آهي هڪ ڪلارڪ وٽ 10ڊپارٽمنٽن جي چارج آهي جڏهن ته وائيس پرنسپل اسڪول کي پنهنجي رياست سمجهي هلائڻ لڳو آهي جنهن سبب ملازم پگهارن ۽ پينشن جي رهڻ لاءِ پريشان آهن ان سلسلي ۾ ڪالهه حيدرآباد پبلڪ اسڪول جي حاضر سروس، رٽائر ۽ جبري برطرف ملازمن رٽائر اڪائونٽنٽ ظفر اقبال رٽائر سڪيورٽي گارڊ الهبخش ڪوسو،جبري برطرف ٽيچر پروين پٺو حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سنڌ جو ناليوارو تعليمي ادارو پبلڪ اسڪول حيدرآباد انتظامي نااهلي ۽ سفارشي ڪلچر سبب پنهنجي اهميت تيزي سان وڃائي رهيو آهي اسڪول جو ٽيچنگ اسٽاف ۽ ٻيو عملو پگهار پينشن ۽ رهڻ لاءِ پريشان آهي هنن چيوته پهريان پبلڪ اسڪول ۾ ميرٽ تي ڀرتيون ٿينديون هيون پر جڏهن کان ايڊيشنل چارج فضل الدين ميمڻ کي ملي آهي تڏهن کان من پسند ڀرتيون جن ۾ ست ماڻهو شامل آهن انهن کي قانوني تقاضائون پوريون ڪرڻ جي دعوا ڪندي ڀرتي ڪيو ويو آهي جنهن سان اسڪول جو تعليمي وقار پڻ متاثر ٿيو آهي اسڪول جو مالي خسارو وڏي ويو آهي اسڪول جو هاسٽل وارو نظام تباهه ٿي ويو آهي هن وقت پرنسپل اقبال ميمڻ ڪانپوءِ سمورا انتظامي عهدا وائيس پرنسپل فضل الدين ميمڻ حوالي آهن جيڪو بيماري سبب ذميواريون نڀائڻ جي به طاقت نٿو رکي جڏهن ته هڪ رٽائر وائيس چانسلر ناصر شيخ کي پرنسپل مقرر ڪيو ويو آهي جيڪو صاحب به صرف آرام ڪرڻ لاءِ اسڪول ايندو آهي جڏهن ته اقبال ميمڻ اچڻ شرط 20ملازم وڌين پگهارن رکي ڇڏيا جنهن ۾ سنڌس مٽ مائٽن جو وڏو انگ شامل آهي جيڪي هاڻ وڌيو 100تائين پهچي ويون آهن هنن چيوته اسڪول جي سڪيورٽي جو حال اهو آهي ته هڪ رات اڳ اسڪول جي ڪالوني ۾ رهندڙ مس پروين آرائين جي گهر ۾ چور گهڙي چوري جي ڪوشش ڪئي ته مزاحمت تي ڪيس زخمي ڪري فرار ٿي ويا هنن چيوته اسڪول جا 10کان وڌيڪ شعبن جنهن ۾ سڪيورٽي ميس مئنيجر گارڊن توڙي خريداري جي چارج هڪ ليب اسسٽنٽ فرحان لوڌي حوالي آهي جڏهن ته فرحان لوڌي ڪرپشن ڪيس ۾ قيد ڪاٽي چڪو آهي هنن چيوته عورت ٽيچر پيواهه پروين جيڪا 2012 ۾ ڀرتي ٿي جنهن کي 6سالن کان پوءِ اضافي اسٽاف ۽ نااهلي جو الزام ڏئي بيروزگار ڪيو ويو جڏهن ته پروين 6سال ذميواري سان ڊيوٽي ڏني پر هن کي انتقامي ڪارروائي جو نشانو بڻايو ويو جيڪا ناانصافي آهي هنن چيوته اسڪول جا حاضر سروس ۽ رٽائر ملازم 2011کان 2026تائين مهانگائي الائونس کان محروم آهن2018کان 2026تائين پگهارن ۽ پينشن ۾ ڪو به سالياڻو اضافو نه ڪيو ويو آهي ۽ نه ئي ميڊيڪل الائونس ڏنو ويو آهي هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي اپيل ڪئي ته پبلڪ اسڪول حيدرآباد جي ساک کي بچائڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کڻي گذريل 5سالن جي بجيٽ جي جاچ ڪرائي وڃي ۽ ميرٽ جي بنياد تي پرنسپل جي مقرري ڪري ڪرپٽ عملي خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

حيدرآباد ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس استادن جو نوڪري نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) آءِ بي اي جي ٽيسٽ ۾ 40 کان وڌيڪ مارڪون کڻندڙ پرائمري ۽ جي ايس ٽي جي اميدوارن ماسٽري جي نوڪري ڏيڻ لاءِ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ڪاٽن کي باهيون ڏئي احتجاجي مظاهرو ڪيو،مظاهري دوران اميدوارن هٿن ۾ پليڪارڊ کڻي پنهنجي جائز مطالبن جي حق ۾ نعريبازي به ڪئي مظاهرين جي اڳواڻي ڪندڙ سيد وسيم شاهه سيد منتصر شاهه ڊاڪٽر عارف ڪليري، ظهير لغاري ۽ ٻين چيو ته آءِ بي اي جي ٽيسٽ ۾ 40 کان وڌيڪ مارڪون کڻي پاس ٿيل جي ايس ٽي ۽ پي اسي ٽي جا اميدوار گذريل 14 مهينن کان ماسٽري جي نوڪري لاءِ مسلسل جدوجهد ۽ احتجاج ڪري رهيا آهن پر اڃا تائين سنڌن مسئلو حل نه ڪيو ويو آهي هنن چيو ته سنڌ حڪومت ۽ تعليم کاتي پاران ميرٽ ۽ شفافيت جون وڏيون دعوائون ڪيون وڃن ٿيون پر 40 ۽ ان کان وڌيڪ مارڪون کڻندڙ اميدوارن کي اڃا تائين نوڪريون نه ڏنيون ويون آهن جيڪو عمل ميرٽ ۽ شفافيت جي ابتڙ آهي. انهن مطالبو ڪيو ته ٽائيم پيريڊ ختم ٿيڻ کان پوءِ جاري ڪيل مبينا جعلي يا غيرقانوني آفر آرڊرن ۽ انهن جي بنياد تي ٿيل جوائننگز جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي جيڪڏهن ڪنهن اميدوار کي غيرقانوني طريقي سان ويٽنگ اميدوارن کي نظرانداز ڪري مقرر ڪيو ويو آهي ته اهڙا آرڊر فوري طور رد ڪري ڇڏيا.

فريدآباد مان ڪنهي گم ڪيل نوجوان 26 ڏينهن گذرڻ باوجود بازياب نه ٿيڻ احتجاج

رياض خاصخيلي جي بازيابي لاءِ وارثن جو احتجاجي مظاهرو، سخت نعريبازي

رياض جو ڪنهن به پابندي مڙهيل تنظيم سان واسطو ناهي، ڪو ڏوهه آهي ته عدالت پيش ڪيو وڃي: وارث

فريدآباد(ن ع) فريدآباد مان ڪنهي گم ڪيل نوجوان رياض خاصخيلي بازياب نه ٿي سگهيو وارثن پاران 26 ڏينهن به احتجاج ڪري سخت ناري بازي ڪئي ان موقعي تي مظاهري جي اڳواڻن آدرش خاصخيلي بلاول خاصخيلي عمر خاصخيلي ۽ ٻين چيو ته نوجوان پورهيت رياض خاصخيلي کي چوويهه ڏينهن ٿي ويا آهن پر سنڌس ڪيس هيئنر تائين بازياب ناهي ٿي سگهيو اسان وارث سخت پريشان آهيون رياض خاصخيلي بي قصور آهي سنڌس جو ڪنهن به پابندي پيل تنظيم سان ڪو به واسطو ناهي اگر ڪو ڏوهه آهي ته پاڪستان جي عدالتن ۾ پيش ڪيو وڃي هنن چيف جسٽس آف پاڪستان آرمي چيف کان مطالبو ڪيو ته رياض خاصخيلي کي بازياب ڪرائي اسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻئي صورت ۾ امن احتجاج جاري رهندو

فريدآباد مان ڪنهي گم ڪيل نوجوان رياض خاصخيلي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

سڪرنڊ ۾ محبوب سمون خاندان پاران درود شريف جي محفل منعقد

سڪرنڊ (س ر) پاڪستان جي ورهاڱي کانپوءِ ترت ئي سڪرنڊ شهر جي مذهبي ۽ ڪاروباري شخصيت مرحوم فقير محبوب علي سمون پاران شروع ڪيل آقا ڪريم ﷺ جن جو ميلاد شريف جو سلسلو سنڌس ڪين پيڙهيءَ پاران به جاري ۽ ساري اڄ ان ئي سلسلي کي جاري رکندي مرحوم جي اولاد علي رستم سمون ، ايڊووڪيٽ ذوالفقار علي سمون ، علي رضا سمون ۽ آصف علي سمون پاران جامع مسجد محبوب ۾ ميلاد شريف جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ درگاهه محمد شاهه جيلاني جي فقيرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي علي رستم سمون ميڊيا کي ٻڌايو ته الحمد لله هر سال آقا ڪريم ﷺ جن جو ميلاد ملهائيندا آهيون پر اسان پاران ميلاد جو طريقو منفرد آهي اڪثر ميلاد شريف ۾ نعت شريف جا نذرانا پيش ڪيا ويندا آهن جيڪو بهترين عمل آهي پر اسان نعت شريف جي جاءِ تي درود شريف جو ورد ڪرائيندا آهيون ڇاڪاڻ جو درود شريف پڙهڻ جو قرآن پاڪ ۾ حڪم ٿيل آهي جيڪو اسين سنڌ جي پراڻي روايت موجب سفيد چادر تي پٿريون رکائي پڙهايو ويندو آهي جنهن جو انگ هڪ اندازي موجب لکن ۾ هوندو آهي درود شريف جي محفل دوران سيد نور محمد شاهه جيلاني اجتماعي دعا گهرائي محفل ميلاد ۾ علامه عجيب الرحمان مدني ، ، حافظ غلام حسين چانڊيو ، سيد شبير احمد شاهه ، سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي ۽ امان علي ڪوري پڻ شامل هئا پروگرام دوران محبوب سمون ، منصور سمون ، عبدالرئوف سمون ، نجيب الرحمان سمون ، زاهد حسين سمون آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو

ايس پي ايس سي جي نتيجن تي ٺٽي ۾ طلبا تنظيم جو احتجاج

ڪرپشن ۽ اقرباپروري ۾ ملوث عنصرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي:مظاهرين

وڏي وزير سنڌ کان نوجوانن جي مسئلي جو فوري نوٽيس وٺي ميرٽ ۽ شفاف ڀرتين کي يقيني بڻائڻ جي اپيل

غلام الله (ن ع) جمعيت طلباءِ اسلام ضلعي ٺٽي پاران "حقوق طلباءِ مارچ بحالي ميرٽ تحريڪ" تحت ٺٽو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري کي ضلعي صدر محمد انس افتخار حضروي، جنرل سيڪريٽري عبدالوهاب ميمڻ ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي -CCE 2024سميت تازن نتيجن بابت ميرٽ ۽ شفافيت تي سنگين سوال اٿي رهيا آهن، جنهن سبب هزارين تعليم يافته نوجوانن ۾ بيچيني پکڙيل آهي هنن مطالبو ڪيو ته شڪي نتيجن جو غيرجانبدار ۽ شفاف جائزو ورتو وڃي ڪرپشن ۽ اقربا پروري ۾ ملوث عنصرن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي اڳواڻن سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي ڀرتي واري نظام ۾ سڌارن ۽ ميرٽ تي مستقل ۽ شفاف ڀرتين کي يقيني بڻائڻ جو مطالبو ڪيو هنن وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه کان اپيل ڪئي ته نوجوانن جي مسئلي جو فوري نوٽيس وٺي ڪين سنڌن جائز حق ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

سڪرنڊ محبوب سمون خاندان پاران درود شريف جي منعقد محفل جو ڏيک

ميهڙ ۾ جشنِ عيد ميلاد النبي ﷺ جي روح پرور محفل منعقد

خواجه نور مسجد ۾ عالمن حافظن نعت خوانن صحافين ۽ شهرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت

نعت خوانن جون عقيدت ڀريون نعتون، شرڪت ڪندڙن پاران مرحبا جا نعرا

ميهڙ (ن ع) ميهڙ ۾ جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جي شاندار محفل "مرحبا يا مصطفيٰ ﷺ" جي نعرن سان علائقو گونجي اٿيو خواجه نور مسجد ۾ روح پرور محفل عالمن حافظن صحافين ۽ معزز شهرين جي وڏي شرڪت، نعتن جي گونج، نگر جي وچ ۽ عشق رسول ﷺ جو جذبو نمايان ميهڙ جي ڪاسائي پاڙي ۾ قائم خواجه نور مسجد ۾ جشنِ عيد ميلاد النبي ﷺ جي سلسلي ۾ هڪ شاندار ۽ روح پرور محفل سجاد احمد چنه،واحد پنهيار پاران منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ عالمن ، مولوي صاحبان حافظن قرآن صحافين، سماجي اڳواڻن ۽ معزز شهرين سميت وڏي انگ ۾ عاشقان رسول ﷺ شرڪت ڪئي محفل دوران نعت خوانن حافظ گداحسين حسني،شڪيل قادري،مولانا صابر اگرو فقير ساجد علي ۽ ٻين دلنشين ۽ عقيدت ڀرين نعتن سان ماحول کي روحاني بڻائي ڇڏيو جڏهن ته شرڪت ڪندڙن پاران "مرحبا مرحبا يا مصطفيٰ ﷺ" جا نعرا بلند ڪيا ويا، جن سان سڄو علائقو گونجي اٿيو ان موقعي تي جشنِ عيد ميلاد النبي ﷺ جي خوشيءَ ۾ شرڪت ڪندڙن ۾ نگر پڻ تقسيم ڪيو ويو عالمن سڳورن سيد فقير محمد شاهه سيد محمد شاهه رضوي علامه مولوي علي حسن حسيني مولوي احمد زهين مگسي،مولوي نثار ڏهر،مولانا شهداد شيخ،مولوي حنيف سڪندري،حافظ محمد عارب چنه ,مولانا برڪت ڏهر،سيد فهيم شاهه،حافظ شوڪت پنهور،حافظ ديدار حسيني خطب ڪندي چيو ته سيرتِ طيبه عشقِ رسول ﷺ ۽ حضور اڪرم ﷺ جي تعليمات تي روشني وڌي آخر ۾ ملڪ قوم ۽ امت مسلمه جي سلامتي خوشحالي ۽ امن لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون ۽ محفل عقيدت ۽ احترام سان پڄاڻي تي پهتي،جڏهن ته محفل ۾ منير الحق چنه محمد حسين جاٺوري راجا جان محمد جاٺوري،عادل مغل،لياقت شيخ سهيل عباسي رحمان چنه سميت وڏي تعداد ۾ شهرين شرڪت ڪئي

ميهڙ خواجه نور مسجد ۾ جشنِ عيد ميلاد النبي صه جي سلسلي ۾ منعقد محفل جو ڏيک

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

سومر 14 سيپٽمبر 2026ع

اسان جو سماج ڪيڏانهن پيو وڃي؟

ڪو وقت هو جڏهن پاڙو رڳو گهرن جو ميڙ نه هوندو هو پر هڪ خاندان وانگر هوندو هو. پاڙي ۾ ڪنهن گهر مان ڏک جي خبر ايندي هئي ته سمورو پاڙو ان در تي پهچي ويندو هو. ڪنهن جي گهر ۾ خوشي ٿيندي هئي ته سڀئي ان خوشيءَ ۾ شامل ٿيندا هئا. ڪنهن غريب جي گهر ۾ تڪليف هوندي هئي ته پاڙي جا خوشحال ماڻهو بنا ڪنهن ڏيکاءَ جي سندس مدد ڪندا هئا. اوڙي پاڙي جي هر گهر جي حالت کان ماڻهو واقف هوندا هئا. ڪنهن بيمار جي طبيعت پڇڻ، ڪنهن پوڙهي کي سهارو ڏيڻ، ڪنهن يتيم ٻار جو خيال رکڻ ۽ ڪنهن ضرورت مند جي مدد ڪرڻ سماجي ذميواري سمجهي ويندي هئي. پر اڄ سوال اهو آهي ته اسان جو سماج ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي؟ ڇا اسان ترقيءَ جي نالي ۾ پنهنجي انسانيت، پنهنجا رشتا ۽ پنهنجو سُڪون ته نه وڃائي رهيا آهيون؟ جديد دور ۾ سهولتون وڌيون آهن، رابطا آسان ٿيا آهن پر دلين جا فاصلا به وڌي ويا آهن. ماڻهو هڪ ئي گهر ۾ ويٺي هوندي به هڪ ٻئي کان پري نظر اچن ٿا. هٿن ۾ موبائل فون آهن پر هڪ ٻئي لاءِ وقت ناهي. اڄ ڪيترن ئي ماڻهن جي دنيا موبائل جي ننڍڙي اسڪرين تائين محدود ٿي وئي آهي. صبح اکيون کولڻ کان وٺي رات جو سمهڻ تائين ڪيترائي ماڻهو مجازي دنيا ۾ گم رهن ٿا. سوشل ميڊيا تي سوين ماڻهن سان رابطا آهن پر پنهنجي پاڙي ۾ رهندڙ ڪنهن بيمار بزرگ جو حال معلوم ڪرڻ لاءِ وقت ناهي. موبائل اسان کي دنيا سان ڳنڍيو ضرور آهي پر ڪٿي ڪٿي اسان کي پنهنجي ويجهن ماڻهن کان ڌار به ڪري ڇڏيو آهي. اڳي شام ٿيندي هئي ته پاڙي ۾ ويهڪون لڳنديون هيون. ماڻهو هڪ ٻئي سان حال احوال ڪندا هئا. مسئلا ٻڌندا هئا ۽ گڏجي حل ڳوليندا هئا. اڄ دروازا بند آهن، دريون بند آهن ۽ دلين جا در به آهستي آهستي بند ٿيندا پيا وڃن. پاڙي واري جي تڪليف هاڻي ڪيترن ماڻهن لاءِ سندن ذاتي معاملو بڻجي وئي آهي. سڀ کان وڌيڪ افسوس جي ڳالهه اها آهي ته اسان جي سماج مان احساسِ ذميواري گهٽجي رهي آهي. غريب، مسڪين ۽ ضرورت مند ماڻهو اڪثر اڪيلائيءَ جو شڪار آهن اڳ ۾ جيڪڏهن ڪنهن غريب جي گهر ۾ بک هوندي هئي ته پاڙي وارا ان کي پنهنجي عزت جو مسئلو سمجهندا هئا. پر هاڻي ڪيترائي ماڻهو پنهنجي سهولتن ۽ مصروفيتن ۾ ايترا گم آهن جو پرسان رهندڙ انسان جي تڪليف به نظر نٿي اچي.

رشتن جي ڪمزوري به اسان جي سماج جو وڏو مسئلو بڻجي وئي آهي. مٽ مائٽن سان گڏ ويهڻ، خوشي ۽ غم ۾ شريڪ ٿيڻ، وڏڙن کان نصيحت وٺڻ ۽ ننڍن سان محبت ڪرڻ اسان جي ثقافت جو حصو رهيو آهي. پر هاڻي ڪيترن ئي گهرن ۾ ملاقاتون گهٽجي رهيون آهن. رشتا فون ڪالز ۽ پيغامن تائين محدود ٿي رهيا آهن. انسان وٽ وقت گهٽ ناهي، پر ترجيحون بدلجي ويون آهن. ٻيو وڏو خطرو اهو آهي ته سماج ۾ فريب، دوکي ۽ فراڊ کي ڪيترائي ماڻهو معمول جي ڳالهه سمجهڻ لڳا آهن. ڪجهه ماڻهو ايمانداريءَ کي ڪمزوري ۽ چالاڪيءَ کي ڪاميابي سمجهڻ لڳا آهن. واپار هجي، نوڪري هجي يا روزاني زندگي، اعتماد جو رشتو ڪمزور ٿيندو پيو وڃي. جڏهن سماج مان سچائي ختم ٿيندي آهي ته پوءِ امن ۽ سڪون به آهستي آهستي ختم ٿيڻ لڳندو آهي. رشوت، اقرباپروري ۽ سفارش جو ناسور به اسان جي ترقيءَ جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ آهي جڏهن قابليت بدران تعلق، ايمانداري بدران سفارش ۽ حق بدران طاقت کي اهميت ملندي ته پوءِ عام ماڻهوءَ جو اعتماد ختم ٿي ويندو. هڪ صحتمند سماج لاءِ ضروري آهي ته انصاف سڀني لاءِ برابر هجي ۽ هر ماڻهوءَ کي پنهنجي محنت جو حق ملي. زندگيءَ ۾ بيچيني، پريشاني ۽ عدم تحفظ وڌڻ جا ڪيترائي سبب آهن. مادي سهولتون وڌڻ باوجود انسان جو اندر خالي ٿيندو پيو وڃي. گهر وڏا ٿي ويا آهن پر دلين ۾ جاءِ گهٽجي وئي آهي. آمدني جا وسيلا وڌيا آهن پر سڪون گهٽجي ويو آهي. ماڻهن وٽ ڳالهائڻ لاءِ گهڻو ڪجهه آهي پر ٻڌڻ وارو ناهي. اسان کي سوچڻ جي ضرورت آهي ته آخر اسان ڪهڙي سماج جي تعمير ڪري رهيا آهيون؟ اهڙو سماج، جتي هر ماڻهو صرف پنهنجي ذات بابت سوچي يا اهڙو سماج جتي انسان هڪ ٻئي جي ڏک ۽ خوشيءَ ۾ شريڪ ٿين؟ ترقي صرف وڏين عمارتن، جديد گاڏين ۽ نئين ٽيڪنالاجيءَ جو نالو ناهي. اصل ترقي اها آهي، جتي انسان انسان جو خيال رکي، جتي پاڙي ۾ محبت هجي، رشتن ۾ گرمي هجي ۽ دلين ۾ سڪون هجي. جيڪڏهن اسان اهو سڀ وڃائي ڇڏيو ته پوءِ جديد دنيا جون سموريون سهولتون به اسان کي خوشي نٿيون ڏئي سگهن.

لانينا کان ايل نينو تائين

عمران يعقوب

توهان محسوس ڪيو هوندو ته ساوڻ جي مهيني ۾ هر ٻئي ڏينهن برسات پوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ته روزانو به. پر جڏهن کان ڀادون (ساوڻ کانپوءِ ايندڙ مهينو) شروع ٿيو آهي برساتن جو اهو سلسلو اوچتو ڄڻ رڪجي ويو آهي ملڪ جي مٿاهين علائقن جهڙوڪ راولپنڊي، اسلام آباد ۽ ڪجهه ٻين هنڌن تي برساتون ٿي رهيون آهن پر سخت برساتن لاءِ مشهور ساوڻ جي مهيني ۾ ملڪ جو باقي حصو سُڪل نظر اچي رهيو آهي. ماهرن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن جلد وڌيڪ برساتون نه ٿيون ته ربيع جي فصلن جي آبپاشيءَ لاءِ پاڻيءَ جي کوٽ يقيني بڻجي ويندي ڇا توهان ڄاڻو ٿا ته ان جو سبب ڇا آهي؟ اهو موسمي تبديلين جو هڪ نئون خطرناڪ ۽ گهرا اثر ڇڏيندڙ رُخ آهي. جيڪو پئسفڪ سمنڊ ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ وڏي موسمي تبديليءَ سان لاڳاپيل آهي. پئسفڪ سمنڊ دنيا جو سڀ کان وڏو سمنڊ آهي ايترو وڏو جو جيڪڏهن دنيا جا سمورا کنڊ گڏ ڪري هڪ ٻئي سان ملائي رکي ڇڏجن ته به پئسفڪ سمنڊ انهن جي گڏيل ايراضيءَ کان وڏو آهي زمين تي موجود سموري پاڻيءَ جو اڌ کان وڌيڪ حصو هن سمنڊ ۾ موجود آهي هن سمنڊ ۾ دنيا جا ٽي سڀ کان گهرا هنڌ موجود آهن، رونگا کڏ، ماريانا کڏ ۽ فلپين کڏ. هي سمنڊ زمين جي هڪ ٽهائي تي پکڙيل آهي ان جي وسعت جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته هي ايشيا کان ڏکڻ آمريڪا تائين لڳ ڀڳ 19 هزار ڪلوميٽرن تائين پکڙيل آهي اهو سمنڊ ظاهري طور تي پُرامن نظر اچي ٿو، ان ڪري ئي ان کي پئسفڪ سمنڊ چيو وڃي ٿو پر پاڻيءَ جي ايتري وڏي مقدار سبب اهو دنيا جي موسمن تي گهرو اثر وجهي ٿو هن سمنڊ جي ڪري پيدا ٿيندڙ ٻن موسمي حالتن کي 'ايل نينو' ۽ 'لا نينا' چيو وڃي ٿو.

لا نينا ۽ ايل نينو هڪ ٻئي سان ڳنڍيل موسمي حالتون آهن عام خيال اهو آهي ته جيڪڏهن لا نينا موجود نه هجي ته پوءِ پئسفڪ سمنڊ ۾ ايل نينو موجود هوندو آهي ۽ ان جي ابتڙ به ائين ئي ٿيندو آهي جيڪڏهن ايل نينو ۽ لا نينا متوازن رهن ته دنيا جون موسمي حالتون به متوازن رهنديون آهن لا نينا هڪ اهڙو موسمي رجحان آهي جيڪو 'ايل نينو ڏاکڻي لهر' جو حصو آهي اهو پئسفڪ سمنڊ جي وچين ۽ اوڀر وارن حصن ۾ سامونڊي پاڻيءَ جي غير معمولي ٿڌاڻ سبب پيدا ٿيندو آهي اها صورتحال عالمي موسم تي اثرانداز ٿيندي آهي جو ته سامونڊي گرمي پد هوا جي دٻاءَ ۽ هوائن جي ڳهڻ نظامن کي متاثر ڪندو آهي ۽ اهي ٻئي عنصر موسم کي ڪنٽرول ڪندا آهن لا نينا عام طور تي ايل نينو جي ابتڙ هوندو آهي جنهن ۾ پئسفڪ سمنڊ جو پاڻي معمول کان وڌيڪ گرم ٿي ويندو آهي ٻنهي جا اثر مختلف علائقن ۾ مختلف ٿيندا آهن دلچسپ ڳالهه اها آهي ته لا نينا اسپيني ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي 'ننڍڙي ڇوڪري'، جڏهن ته ايل نينو جي معنيٰ آهي 'ننڍڙو ڇوڪرو' مذاق طور چئي سگهجي ٿو ته اها ننڍڙي ڇوڪري ۽ ننڍڙي ڇوڪريءَ جي وچ ۾ هلندڙ ڪشمڪش آهي جيڪا دنيا جي موسم تي اثرانداز ٿيندي آهي پر اها صرف مذاق جي ڳالهه ناهي، معاملو انتهائي سنجيده آهي هن ڀيري جيڪو ايل نينو دنيا جي موسمن تي اثر وجهي رهيو آهي، اهو ڪو عام ايل نينو ناهي پر سپر ايل نينو آهي، جنهن کي 'نيويارڪ ٽائمز' ڪجهه ماهرن جي حوالي سان 'گاڊزيلا ايل نينو' جو نالو ڏنو آهي موسمي اڳڪٿي ڪندڙ ماڊلن مطابق اهو هڪ رڪارڊ ٽوڙيندڙ ايل نينو ثابت ٿي سگهي ٿو ان ڳالهه جا واضح ثبوت موجود آهن ته سمنڊ هڪ غير معمولي صورتحال ۾ داخل ٿي چڪو آهي

گڏيل قومن جي اداري جي وارننگ موجب اهو گذريل 70 سالن جو سڀ کان طاقتور ايل نينو آهي ۽ ممڪن آهي ته هزار سالن ۾ سڀ کان وسيع اثر رکندڙ موسمي تبديلي ثابت ٿي سگهي ٿو انسانن جي پيدا ڪيل موسمي شدت کي جيڪڏهن هن جاري ايل نينو جي اثرن سان گڏ ڏٺو وڃي ته 2027ع رڪارڊ تي موجود تاريخ جو سڀ کان گرم سال بڻجي سگهي ٿو جنهن سان دنيا جي گرمي پد ۾ وڏي واڌ ٿيندي ۽ زمين جي موسمي نظام ۾ ڊگهي عرصي لاءِ تبديليون اچي سگهن ٿيون. موسمياتي ماهرن موجب سيپٽمبر، آڪٽوبر ۽ نومبر 2026ع دوران ايل نينو پنهنجي مڪمل شدت سان موجود رهندو، جڏهن ته لا نينا يا ايل نينو ڏاکڻي لهر جي غير جانبدار حالت جا امڪان تقريباً ختم ٿي ويندا ماهرن هلندڙ سال اپريل ۾ ئي خبردار ڪيو هو ته دنيا جي ٻين ملڪن وانگر پاڪستان کي به سپر ايل نينو جي ممڪن اثرن کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو جنهن سبب موسمي معمولن ۾ نمايان تبديليون اچڻ جو امڪان آهي. پاڪستان جي موسميات کاتي پڻ چيو هو ته آگسٽ ۽ سيپٽمبر دوران ايل نينو شدت اختيار ڪري سپر ايل نينو بڻجي سگهي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ خشڪ سالي، گرميءَ جون لهرون ۽ محسوس ٿيندڙ گرمي پد ۾ غير معمولي اضافو ٿي سگهي ٿو اها اڳڪٿي هاڻي درست ثابت ٿيندي نظر اچي رهي آهي هلندڙ ايل نينو جا ملڪن ۽ کنڊن تي ڪهڙا خطرناڪ اثر ٿي سگهن ٿا؟ ان جي هڪ جهلڪ ڏسون ٿا. ڏکڻ آفريڪا، ڏکڻ اوڀر ايشيا، اتر آمريڪا جي ڏاکڻين علائقن، انڊونيشيا ۽ آسٽريليا ۾ سخت خشڪ سالي پيدا ٿي سگهي ٿي ۽ انهن علائقن جي ٻيلن ۾ باهه لڳڻ جا واقعا وڌي سگهن ٿا. ان جا ڪجهه اثر ظاهر ٿيڻ شروع به ٿي ويا آهن جيئن پاڪستان ۾ برسات جي موسم دوران برساتن ۾ وڏي گهٽتائي. ان کان علاوه ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ سامونڊي طوفانن جي موسم آهي پر اتي غير معمولي خاموشي نظر اچي رهي آهي. جڏهن ته بحرالڪاهل جيڪو عام طور تي پرامن رهندو آهي، اتي سامونڊي طوفانن ۾ واڌ اچي رهي آهي آگسٽ جي آخر ۽ سيپٽمبر جي شروعات ۾ پئسفڪ سمنڊ ۾ ٽي وڏا سامونڊي طوفان ختم ٿيا، جن ۾ لوويل، ڪارينا ۽ ميري شامل آهن. جڏهن ته وڌيڪ طوفان نهڻ جا امڪان موجود آهن. ٻي تبديلي اها آهي ته ڏکڻ آفريڪا، ڏکڻ اوڀر ايشيا، اتر آمريڪا جي ڏاکڻين علائقن، انڊونيشيا ۽ آسٽريليا جي ابتڙ اوڀر آفريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا جي ڪجهه علائقن ۾ طوفاني موسم، تيز برساتن ۽ ٻوڏن جو خطرو وڌي سگهي ٿو. موسمياتي ماهرن جو چوڻ آهي ته سپر ايل نينو جا پاڪستان تي به گهرا اثر ٿي سگهن ٿا. ان جو هڪ اثر اهو آهي ته ڀادون جي مهيني ۾ برساتون گهٽجي رهيون آهن ۽ ايندڙ مهينن ۾ وڌيڪ گهٽتائي جو خدشو آهي. برساتون گهٽ ٿينديون ته ربيع جي فصلن لاءِ پاڻي گهٽ موجود هوندو آبپاشي لاءِ پاڻي نه هوندو ته زرعي پيداوار گهٽ ٿيندي. اسان اڳ ئي پنهنجي خوراڪ جو وڏو حصو ٻين ملڪن کان درآمد ڪندا آهيون. اها نئين صورتحال خوراڪ جي درآمدي خرچ ۾ واڌ ڪري سگهي ٿي، جنهن جو بار پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن تي پوندو.

21هين صديءَ ۾ قبائلي تڪبر

محمود شار

پاڪستان جي سڀ کان وڌيڪ آباديءَ واري شهر، ملڪ جي سڀ کان وڏي صنعتي ۽ واپاري مرڪز ۾، ملڪ جي سڀ کان وڏي يونيورسٽيءَ جي سامهون هڪ پروفيسر جي ننڍڙي گاڏيءَ تي وڏي ڊٻلي پنهنجي طبقاتي فرق جو سمورو بار ۽ ڪاوڙ لاهي ڇڏي. جڏهن علم ۽ فضيلت جي ان پيڪر پنهنجو تعارف ڪرايو ته ان ڪاري ڊٻلي جي ملڪ کي ايا وڌيڪ ڪاوڙ اچي وئي ته ايترو پڙهيل لکيل ماڻهو اسان جي شان ۾ گستاخي ڪري رهيو آهي هٿياربند گارڊ پنهنجي ملڪ جي هڪ اشاري جا منتظر رهندا آهن انهن به علم ۽ قابليت کي لتاڙڻ ۾ پنهنجو حصو ڀرپور نموني ادا ڪيو پوءِ خيال آيو ته کليل عام تشدد ۾ مزو تڏهن اچي پنهنجا وڏا علائقا ته ويجهو ناهن پر پنهنجو هڪ ڍابو ويجهو هو ڏينهن ڏٺي جو ڪراچي يونيورسٽيءَ جي شعبي اسلامڪ لرننگ جي سربراهه پروفيسر محمد عارف خان ساقي سندس پاڻي ۽ ٽُٽل ڦِٽل گاڏيءَ جي ڊرائيور کي ڪٺي ان ڍابي جي احاطي ۾ آندو ويو. پوءِ هوٽل جي باورچين ۽ ويٽرن به هن 'ڪارِ خير' ۾ حصو ورتو. ڇاڪاڻ ته نوڪريءَ جي تقاضا ئي اها سمجهي وئي اڄڪلهه نوڪري عزت، ادب، تهذيب ۽ تمدن سڀني تي مٿانهين ٿي وئي آهي هڪ چوڪيدار کان وٺي گريڊ 22 تائين هر ڪو نوڪريءَ جا تقاضا پورا ڪرڻ ۾ لڳل آهي وفاقي ادارا هجن صوبائي کاتا يا ڪٿي ڪٿي بلدياتي ۽ خانگي نوڪريون، هٿياربند گارڊ ۽ خانگي سيڪيورٽي ادارن جا اهلڪار سڀ انهيءَ غرور ۾ مبتلا نظر اچن ٿا.

ڪلهه اڄ جو ڏينهن هو پنهنجي پٽن، ڌيئرن، پوٽن، پوٽين، ڏوهٽن ڏوهٽين، ڀائٽين ۽ ناٽين سان گڏ منجهند جي مانيءَ تي خيلن جي ٿي وٽ ڪرڻ جو ڏينهن عصر جي نماز کان پوءِ پاڙي وارن سان ملاقات ڪري حال احوال معلوم ڪرڻ جو ڏينهن. دنيا جي عزت وارن ملڪن ۾ شهرن کي وڌيڪ مهذب ۽ ادب وارن هنڌن طور ڏٺو ويندو آهي شهري ثقافت کي ٻهراڙيءَ جا علائقا به اختيار ڪندا آهن ٻهراڙيءَ جا نوجوان شهرن ڏانهن موڪليا ويندا آهن ته جيئن هو تهذيب ۽ ثقافت سکن جيڪڏهن خاندان وڌيڪ خوشحال هجن ته پنهنجي پٽن ۽ ڌيئرن کي آمريڪا، يورپ يا گهٽ ۾ گهٽ دبئي موڪليندا آهن پر پاڪستان ۾ سڀ ڪجهه ان جي ابتڙ ٿي رهيو آهي هتي شهرن ۾ ٻهراڙيءَ جو ڪلچر، وڏيرڪو نظام، سردارن جي خوشامد، رويو ۽ انداز غالب اچي ويو آهي 1985ع جي غير جماعتي چونڊن کان پوءِ اهو جاگيردارانو ڪلچر ئي سڀني جو پسنديده تمدن بڻجي ويو. اسان 60ع واري ڏهاڪي کان سياسي جلسن جي رپورٽنگ ڪندا رهيا آهيون وڏن وڏن جلسن ۾ به اسٽيج تي هٿياربند گارڊ نظر نه ايندا هئا هٿيارن جي نمائش کي ڪو به پسند نه ڪندو هو پر انهن غيرجماعتي چونڊن دوران هر جلسي ۾ اسٽيج تي پنج ڇهه هٿياربند نوجوان تمام خبردار ۽ خطرناڪ نظرن سان ماڻهن کي ڏسندي نظر آيا. انهيءَ ئي دور ۾ هر جماعت اندر هٿياربند ونگ به قائم ٿيڻ لڳا. اهي هٿياربند عام سياسي ڪارڪنن تي به حاوي ٿيڻ لڳا. جماعتن جا سربراهه ۽ اهم عهدن وارا ماڻهو هٿياربند گارڊن وارين گاڏين سان هلڻ لڳا. پوءِ ڊالا يا ڊبل ڪيبن گاڏيون اچي ويون، جيڪي ماڻهن ۾ خوف پيدا ڪنديون آهن انهن ۾ ويٺل سياستدان ۽ واپاري به پاڻ کي ڪنهن جاگيردار يا سردار کان گهٽ نٿا سمجهن

ڪراچيءَ ۾ سڀ کان پهريان اهڙا هٿياربند سياستدان يا سردار بلوچستان کان اچڻ شروع ٿيا. ان وقت چيو ويندو هو ته انهن قبائلي سردارن ۾ پاڻ ۾ گهڻيون دشمنيون هونديون آهن. تنهنڪري انهن سان هٿياربند گارڊ رکڻ سندن ضرورت ۽ مجبوري آهي پر اهي گارڊ ڪڏهن به روڊن تي ماڻهن کي نه ڏسندا هئا ۽ نه ئي پنهنجو رعب وجهندا هئا. پر سنڌ جا وڏا جاگيردار، وڏيرا، واپاري، بلڊر ۽ ڪاروباري شخصيتون پنهنجي حيثيت ڏيکارڻ لڳا. انهن جي ڊبل ڪيبن گاڏين يا گڏ هلندڙ ٽرڪن ۾ موجود گارڊ ماڻهن لاءِ خوف جو سبب بڻجڻ لڳا. اهي خانگي هجن يا پوليس وارا رستي ۾ اشارن سان موٽر سائيڪل وارن ۽ گاڏين وارن کي خوفناڪ نموني هٽائيندا هلن ٿا ۽ صاحبِ موصوف اهو سڀ ڏسي خوش ٿيندو رهي ٿو. جڏهن اهي هٿياربند جلوس شاهراهِ فيصل ۽ ڪراچيءَ جي ٻين رستن تي روز نظر اچڻ لڳا ته مون کان هڪ نظم لکجي وئي هئي جيڪا اوهان جي نظر ڪيان ٿو، عنوان: 'پروٽوڪول'

پهريان اچي ٿي سائرن جي رڙ
پوءِ لڳاتار 'هٽو بچو' جو شور،
ان کان پوءِ شينهن جهڙو ڊالو
لوهي ٽوپ، گهوريندڙ اکيون،
پنهنجون بندوقون سڀني ڏانهن تاڻيل
۽ حقارت سان سڀني کي ڏسندڙ
وچ ۾ ڪو بادشاهه زمان،
لهرائيندڙ لباس پاتل،
اهڙيءَ طرح پنهنجي شهرن مان گذرن ٿا،
ڄڻ وڏي فتح کان پوءِ ڪو فاتح،
فتح ڪيل شهر مان گذري رهيو هجي

ٽريفڪ پوليس هجي يا ٻي ڪا پوليس، اهڙن گارڊن سان هلندڙ معززن کان قانوني پڇا ڳاڇا نٿي ڪئي وڃي انهن جا پٽ، مائٽ ۽ دوست به قانون کان مٿانهان سمجهيا وڃن ٿا. سمورا قانون موٽر سائيڪلن ۽ پراڻين ننڍين گاڏين لاءِ آهن ڇا اسان سڀ ڪنهن قبائلي سماج ۾ زندگي گذاري رهيا آهيون؟

21هين صدي رڳو پنج تارن وارين هوٽلن (فائيو اسٽار هوٽلن) ۽ وڏن شاپنگ مالز ۾ پهتل آهي باقي هنڌن تي اڃا 18هين صديءَ جو راڄ آهي اهي ئي پجارو ۽ ڊٻلي وارا جڏهن ڪنهن مهذب ملڪ ۾ وڃن ٿا ته سندن سمورو غرور ختم ٿي وڃي ٿو. ڇو ته اتي قانون سڀني لاءِ برابر هوندو آهي هاڻي جڏهن ڪراچيءَ جهڙي وڏي شهر ۾ 21هين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي ۾ به صديون پراڻو طبقاتي فرق کليل نموني نظر اچي رهيو آهي ته پوءِ سنڌ، بلوچستان، پنجاب ۽ خيبر پختونخواهه جي ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ انهن وڏائي ڪندڙ ماڻهن جو ڪهڙو حال هوندو؟ اهڙي سماج ۾ هڪ فرد، هڪ ووٽ جي ڪهڙي اهميت رهي ٿي؟ پارليامانی نظام ڇو ڪمزور ٿي رهيو آهي؟ ان جو سبب اهو آهي ته قومي ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ به اڪثريت انهن ئي ڊالا بردارن جي ويٺل آهي ملڪ جي خراب معاشي حلت جو تقاضو اهو آهي ته سماج سادگي ۽ بچت اختيار ڪري پر اسان وٽ پنهنجي عهدي، حيثيت ۽ خاندان جي نمائش ضروري سمجهي وڃي ٿي سرڪاري عمارتون ڏسو اهي مغل بادشاهن جي دور جي ياد ڏيارين ٿيون صدر، وزيراعظم، وفاقي وزيرن ۽ صوبائي وزيرن جا قافلا ڪهڙي شان سان گذرن ٿا ۽ اها نمائش اربين کربين رپين جا قرض کڻي ڪئي وڃي ٿي اهڙي ڪلچر ۽ طبقاتي فرق جي موجودگيءَ ۾ جمهوريت رڳو سڏڪندي رهندي آهي معزز عدالتون انصاف ڏيڻ ۾ ناڪام ٿين ٿيون موٽر سائيڪل، رڪشا ۽ ننڍيون گاڏيون ٽريفڪ قانونن تي عمل ڪن ٿيون جڏهن ته وڏيون گاڏيون ۽ ڊالا مٿي لاڏائيندا، ٽريفڪ اهلڪارن کي نظرانداز ڪندا تيزيءَ سان گذري وڃن ٿا اهو ئي ڪلچر آهي جنهن جو نشانو اسان جو معزز ڊاڪٽر عارف ساقي بڻيو انهيءَ سبب ئي ميرٽ جو قتلِ عام ٿي رهيو آهي هر شهر ۾ بدامني ۽ انتشار وڌي رهيو آهي غربت جي لڪير کان هيٺ رهندڙ 45 سيڪڙو ماڻهو وچولي طبقي ۾ اچڻ جي خواهش به وڃائي ويٺا آهن. جڏهن ته اسان جو وچولو طبقو به مراعت يافته طبقي جو قانون ٽوڙڻ ۾ مدد ڪري پاڻ کي معزز بڻائڻ چاهي ٿو ڏينهون ڏينهن حڪمراني خراب ٿيندي وڃي ٿي قرض وڌي رهيا آهن قانون ويچارو ويل چيئر تي آيل آهي ۽ آئيني ترميمن جي بار هيٺ دٻجي ساهه کٽي رهيو آهي پر ڊٻلي وارا واهگه کان گوادر تائين بي خوف گهمي رهيا آهن

پهلے آتی هے سائرن ڪی چيخ
پهر مسلسل هٹو بچو ڪا شور
بعد ازآن شير دل ڈالا
آهنی ٹوپ گهورتی آنکهيں
اپنی بندوق سب په تانے هوئے
اک حقارت سے ديکهتے سب ڪو
درميان مين هے ڪوئی شاه زمان
پهڑپهڑاتے لباس پهنے هوئے
يون گزرتے هين اپنے شهرون سے
بعدفتح مين ڪوئی فاتح

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

حيدرآباد سول اسپتال ۾ صحت جي نظام جي بدترين حالت!

حيدرآباد سنڌ جو تاريخي، علمي ۽ ثقافتي شهر آهي پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته هن شهر جي سڀ کان اهم سرڪاري ۽ صحت جو مرڪز سول اسپتال جي موجوده صورتحال عوام لاءِ سخت پريشاني ۽ انتظاميا لاءِ وڏو سوال بڻجي چڪي آهي اسپتال جو مقصد غريب، مسڪين ۽ بي سهارا ماڻهن کي مفت يا مناسب علاج جون سهولتون فراهم ڪرڻ آهي اتي مريضن ۽ سندن وارثن کي بنيادي سهولتن لاءِ به سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. اسپتال ۾ داخل ٿيندڙ مريض اڳ ئي بيماري ۽ غربت جي اذيت ۾ مبتلا هوندا آهن پر اسپتال جو ماحول ۽ سهولتن جي کوٽ سندن تڪليف کي وڌيڪ وڌائي ڇڏي ٿي سوال اهو آهي ته آخر هڪ غريب مريض ڪهڙي ڏوهه جي سزا ڀوڳي رهيو آهي؟ جيڪڏهن ڪنهن مريض وٽ پئسا ناهن، سفارش ناهي يا بااثر ماڻهوءَ سان تعلق ناهي ته ڇا ان جو علاج به پوئتي رکيو ويندو؟ سرڪاري اسپتال عوام جي آهي ۽ ان جون سهولتون ڪنهن سفارش، سياسي اثر رسوخ يا ذاتي تعلق جي محتاج نه هجڻ گهرجن پرجيڪڏهن عملي طور تي عام ماڻهوءَ کي هر ننڍڙي ڪم لاءِ به سفارش ڪرائڻي پوي ته پوءِ اها صورتحال سڄي نظام لاءِ انتهائي افسوسناڪ آهي هاڻي ضرورت آهي ته ذميوار اختيارين کان واضح جواب ورتو وڃي ۽ اسپتال کي حقيقت ۾ به اهڙو ادارو بڻايو وڃي جتي امير توڙي غريب، سفارش وارو ۽ بغير سفارش وارو، هر مريض برابري، عزت ۽ حق سان علاج ڪرائي سگهي

سمير ساگر قريشي / حيدرآباد

'صوفيءَ صاف ڪيو، ڏوئي ورق وجود جو'

فقير حاجن نظاماڻي

لطيف سائينءَ جي بيتن جو مطالعو ڪجي ٿو ته لطيف سائين پنهنجي فڪري رنگ جو عڪس چند داستانن کان علاوه ڪٿي به ظاهر ڪري ته ڏنو آهي توحيد ۽ وحدانيت رب پاڪ جي لطيف سائينءَ جي هر بيت، داستان ۽ هر سُر ۾ جڳيءَ ريت ملي ٿي پر ڪي نڪتا جن مان سندن خيال جي پرچار ڪري سگهجي تمام گهٽ جاين ۾ ملن ٿا لطيف سائينءَ جي اهڙن بيتن مان سُر يمن ڪلياڻ يا ايمن ڪلياڻ جو داستان نمبر پنج به هڪ آهي پر نمبر مختلف رسالن جي ترتيب ڏيندڙ الڳ الڳ به رکيا آهن اهو اسان جو بحث ناهي اسان تصوف جي راهه جي مختلف ڪردارن جي پرچار ڪنداسين جن جو فڪري عڪس لطيف سائينءَ جي ڪلام ۾ ملي ٿو جنهن ۾ واضح طور تي لطيف سائينءَ مولانا جلال الدين رومي رحه جي باري ۾ بيت به چيا آهن پر تصوف جي فڪر کان جڳيءَ ريت واقف به آهن جيڪا ڳالهه علمِ آشڪار به آهي لطيف سائينءَ سان جيڪي ٽي ڪتاب قرآن شريف، شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام ۽ مولانا جلال الدين رومي جي مثنوي به ساڻ هونديون هيون فقيرچون ٿا ته لطيف سائينءَ تي علمي بحث ڪرڻ وارن کي اها به خبر هجڻ گهرجي ته لطيف سائين جن فارسي زبان بابت جڳيءَ ريت واقف هئا نه صرف ايترو پر لطيف سائين پنهنجي ڪلام ۾ فارسي ٻولي اهڙي اسلوب سان استعمال ڪئي آهي جيڪا پنهنجو مٽ پاڻ آهي پر اسان تصوف جي ڳالهه ڪريون ٿا ته لطيف سائين تصوف جي فڪر بابت ڪيترن داستانن ۾ وحدانيت جو رنگ کولي پکيڙيو آهي پر هن داستان ۾ لطيف سائينءَ جن ان ڳالهه جي پرچار به ڪئي آهي.

صوفي لاڪوفي، ڪون پاڻئيس ڪير،
منجهائي منجهه وڙهي، پٽر ناهيس پير،
جنين ساڻس وير، ٿئي تنين جو واهرو.

لطيف سائين جن هن بيت ۾ فرمائين ٿا ته صوفي اهو آهي جنهن کي ڪو به پاڻئي ڪونه ٿو آهي ڪوفي وارن مان ناهن جن جي بارئي ۾ لطيف سائين سُر ڪيڏاري ۾ فرمائين ٿا ته 'ڪوفين قهر ڪيو، ٿيا جماعتي يزيد جا'. جن حضرت امام حسين عليه السلام کي خط لکي مڪي مان ڪوفي ڏانهن گهرايو هو، پر پوءِ ڦري ويا هئا. لطيف سائينءَ جي فڪر کي عام ماڻهو به ضرور سمجهي سگهي ٿو پر ايترو عام ۽ سولو لڳندڙ پيغام ڪيترن رازن کي پنهنجي سيني ۾ سمائيو ويٺو آهي پاڻ ڳالهه پٽي ڪئي بيت جي صوفين جي اِها هڪ نشاني آهي ته هو ٻٽي ڳالهه ناهن ڪندا، هڪ ته سخت هوندا آهن جنهن کان پوري دنيا واقفڪار پڻ آهي ڪڏهن منصوري سر سوريءَ تي ڏسجي ٿو، ڪٿي شمس جي کل لهندي نظر اچي ٿي ڪٿي بلاول گهاڻي ۾ پيڙهجي ٿو، ڪٿي سرمد جي سسي لهي ٿي ڪٿي لطيف سائينءَ کي ڪانٽي گهوڙي تي ڪڏهن زهر جو معجون ۽ جنگيون ڪيون وڃن ٿيون، صوفي پنهنجي فڪر ۾ محوو نظر اچي ٿو صوفيت جي هن سفر ۾ جاني دشمنن جو به مددگار ٿيڻو پوي ٿو هن انوکي راهه جا مسافر فقير ٻين جي لاءِ ڇپر ڇانءَ هوندا آهن هر ڪنهن کي هنن فقيرن وٽان سک ملي ٿو.

صوفيءَ صاف ڪيو، ڏوئي ورق وجود جو / تنهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ سين

فقيرچون ٿا ته لطيف سائينءَ جي فڪر جي پرچار ڪرڻ مهل عجيب ڪيفيت وارو ماحول هوندو آهي توحيد جي تند وجود جي وار وار سان ويڙهي روح جي رڳن تائين پهچي ٿي اندر مان اهڙا الفاظ جنم وٺن ٿا جن کي ظاهر ڪرڻ مهل زبان جي ڪيفيت ساڪن ٿي وڃي ٿي رازن کي عيان ڪرڻ تصوف جي باب ۾ گناهه آهي جنهن بابت لطيف سائينءَ فرمايو آهي ته صوفي سيني معاملن کان واقفڪار هوندو آهي جيڪو راز ظاهر ڪري ٿو اهو گناهه ۾ شامل ٿئي ٿو روح هر رمز کان ڄاڻ حاصل ڪيل هوندو آهي پر ظاهر ڪرڻ جي ان کي منع ٿيل آهي هر ڪنهن انسان جي ڪيفيت ساڳي ناهي هوندي، اهڙي ڳالهه مان فساد برپا ٿيڻ جو قوي امڪان هوندو آهي انڪري همه راز ۽ تصوف جي شاگردن کي ئي اهڙن عملن کان واقف ڪري، روحاني سڪون حاصل ڪري سگهبو آهي سڪون انسان جي پراڻي خواهش آهي جنهن کي هر ڪو انسان حاصل نٿو ڪري، نه وري ڪو اهڙو سستو ڪم جو ان بابت هر ڪنهن کي اِها رسد حاصل ٿئي صوفي سير سهن ۾، جيئن رڳن ۾ ساهه

سا ته ڪري ڳالهڙي، جيئن پرين پروڙي پساهه
آهس اي ءَ گناهه، جيڪا ڪري پڌري.

لطيف سائينءَ جي رسالي ۾ سُر رامڪلي ۽ ڪاموڏي ۾ فقيرن جو ذڪر جڳيءَ ريت ٿيل آهي جتي انهن فقيرن جي رهڻي ڪهڻي، انهن جي زندگيءَ جو احوال فقيرن جي ڪرت ڪارين جو سمورو احوال ڀلوڙ نموني ڏنل آهي انهن فقيرن جي سچائپ جي ڪسوٽي پڻ ڏنل آهي ڪامل ولين جي سچائپ سان گڏ انهن جي روپن ۾ لڪل ڪوڙن جوڳين جو احوال به ڏنل آهي ته انهيءَ رنگ کي خراب ڪرڻ وارا جوڻا جوڳي ڪهڙيءَ ريت هلن ٿا، رهن ٿا. انهن ۽ ڪامل ولين ۾ ڪهڙو فرق آهي هن جڳ جا جوڳي ٿيا پيٽ جون پريون

هلن ڪين هنگلاڄ ڏي، ڪوڙيو پون ترڀون،
جڏهن ڪتين سيد ڳريون، تڏهن ڦري فقير ٿيا.

فقير پنهنجي مستيءَ ۾ مگن هوندا آهن پنهنجي وجود سان نفس سان هر وقت جنگ ڪندا رهندا آهن جنهن بابت ارشادِ نبوي جو مفهوم آهي اصل جنگ پنهنجي نفس سان آهي جنهن کي جهاد اڪبر ڪري چئجي ٿو لطيف سائين جي بيتن ۾ ايترو اثر آهي جو هر موضوع جي لاءِ ڪيترائي بيت تيار هوندا آهن جن جي پرک ڪري اصل جاءِ سان ٺهڪجي مشڪل ٿي پوي ٿو، هن بيت ۾ لطيف سائين اصلي جوڳي فقيرن جي ڳالهه ڪري، انهن جي ڪم جي پرکاءُ سان گڏ انهن فقيرن جي پريت ٻڌائين ٿا، جيئن هن بيت ۾ لطيف سائين جو فڪر فقيرن جي اعليٰ درجن سان ترجماني ڪري.

جي پاڻئين جوڳي ٿيان، تان ويهي ڳوليو وجود
اٿي الڪ سامهون، سامي ڪر سجود
خلوت ڪر خفي سين، ٿي نفي ۾ نابود
پرچ پووب پار ڏي، بابو چڙهي بود
ناٿگا نفس پنهنجو، ڪر رضا ساڻ ربود
تن کي ڏيئي تسيا، ٿي الف سين آلود
لُٽي تون لاهوت ۾، ڪر ويراڳي ورود
غنبي چڙهي غنود، ته راول رسين رام کي

اڄوڪو ڏينهن ---- 14 سيپٽمبر

مختيار اثر

جي پي سپي

جي پي سپي هندستاني فلمن جو مشهور پيشڪار ۽ هدايتڪار هو. هن جو پورو نالو گوپالداس پرمانند سپاهيملاڻي هو ۽ سندس جنم 14 سيپٽمبر 1914ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو ورهاڱي وقت سندس ڪٽنب ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير هو. هو هڪ پروڊيوسر طور سندس پهرين فلم 'سزا' هئي جيڪا 1951ع ۾ رليز ٿي ان بعد هن ڪيترين ئي يادگار فلمن ٺاهيون، جن ۾ 'سيتا اور گيتا'، 'شان'، 'ساگر'، 'راجو بن گيا جينٽلمين'، 'شعلي' ۽ ٻيون فلمون شامل آهن جي پي سپي 3 ڀيرا هندستان جي فلم فيڊريشن جو صدر رهيو هو هندستان جي فلم ۽ ٽي وي پروڊيوسرس گلڊ جو چيئرمين پڻ رهيو هن کي 1968ع ۽ 1982ع ۾ فلم فيئر ايوارڊ سان نوازيو ويو. تاريخ 25 ڊسمبر 2007ع تي سندس زندگيءَ جو سفر پڄاڻيءَ تي پهتو.

ايئر مارشل محمد عظيم دائودپوٽو

اڄ پاڪستان جي پهرئين سنڌي ايئر مارشل محمد عظيم دائودپوٽي جي جنم جو ڏينهن آهي هو شمس العلماءُ عمر بن محمد دائودپوٽي جو فرزند هو ۽ سندس جنم 14 سيپٽمبر 1933ع تي ٿيو. هن ابتدائي تعليم ڪراچيءَ جي سينٽ پيٽرڪ هاءِ اسڪول مان حاصل ڪئي ان بعد ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ پڙهيو. 1951ع ۾ پاڪستان ايئرفورس اڪيڊميءَ ۾ شامل ٿيو ۽ 1955ع ۾ رائيل آسٽريلين ايئر فورس اڪيڊميءَ مان گريجوئيشن ڪيائين ڪجهه عرصو پائليٽ ۽ اسڪواڊرن ڪمانڊر رهڻ بعد پاڪستان ايئرفورس اسٽاف ڪاليج جو حصو رهيو. ان کان پوءِ هن پاڪستان هاءِ ڪميشن نئين دهليءَ ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون. اڳتي هلي لنڊن جي رائل ڪاليج آف ڊفينس اسٽڊيز مان سکيا حاصل ڪرڻ کان پوءِ پاڪستان ايئرفورس جي رفيقي ۽ سرگوڌا بيس جو سرواڻ رهيو. 1983ع کان 1986ع تائين هن زمبابوي جي هوائي فوج جي ڪمانڊر طور ڪم ڪيو. وطن ورڻ کان پوءِ 1986ع کان 1990ع تائين پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائين جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر طور ڪم ڪيائين. پاڻ 25 آڪٽوبر 1999ع کان 24 مئي 2000ع تائين گورنر سنڌ طور ڪم ڪيو ان کان علاوه پاڪستان انڊسٽريل ڊولپمينٽ جو چيئرمين، ڪشمير ڪارپوريشن جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ۽ ٻين اهم عهدن تي به ڪم ڪيائين. پاڪستان هوائي فوج ۾ سندس ڪيل خدمتن ۽ ڪارنامن جي مڃتا طور پاڪستان سرڪار کيس ستاره جرائت، ستاره امتياز ۽ هلال امتياز جهڙن تمغن سان نوازيو. زمبابوي حڪومت کيس 'آرڊر آف ميرٽ' جي اعزاز سان نوازيو. هن 3 اپريل 2017ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي.

جسٽس حامد علي مرزا

اڄ مشهور قانوندان ۽ سپريم ڪورٽ جي اڳوڻي جج جسٽس حامد علي مرزا جي جنم جو ڏهاڙو آهي. هو 14 سيپٽمبر 1940ع ۾ جيڪب آباد ۾ ڄائو. انهيءَ ئي شهر مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. اڳتي هلي بي ايس سي ۽ ايل ايل بي جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. 1961ع ڌاري وڪالت ڪرڻ شروع ڪيائين. هن 1973ع ۾ سينئر سول جج ۽ اسسٽنٽ سيشن جج طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. 1983ع ۾ هن ڊسٽرڪٽ سيشن جج طور ۽ 1995ع ۾ هاءِ ڪورٽ جي جج طور ذميداريون سنڀاليون. 2000ع کان 2005ع تائين سپريم ڪورٽ جي جج طور ڪم ڪيائين. 2009ع ۾ کيس پاڪستان جو چيف اليڪشن ڪمشنر مقرر ڪيو ويو. هن 23 آڪٽوبر 2017ع تي هي جهان ڇڏيو.

پير مظهر الحق

اڄ مشهور سياستدان پير مظهر الحق پنهنجي سالگره ملهائي رهيو آهي سندس جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1949ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو. سنڌ جو مشهور سياستدان پير الاهي بخش سندس ڏاڏو ۽ قاضي محمد اڪبر سندس نانو هو. هن بي اي ۽ ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون پاڻ پهريون ڀيرو 1988ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ان بعد به ڪيترائي ڀيرا سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. 1988ع کان 2013ع جي وچ واري عرصي دوران مختلف وزارتن جا قلمدان سندس هٿ هيٺ رهيا، جن ۾ هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ جو وزير، پارليامانی معاملن ۽ قانون جو وزير ۽ تعليم جو وزير شامل آهن.

علي گل سانگي

اڄ سنڌ جي مشهور عوامي شاعر علي گل سانگيءَ جي جنم جو ڏهاڙو آهي هن 14 سيپٽمبر 1952ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ ڏوداڻيءَ ۾ هڪ زميندار گهراڻي ۾ زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو سندس والد جو نالو روشن علي سانگي هو. هن بي اي تائين تعليم حاصل ڪئي. 1983ع ۾ کيس سانگي قبيلي جو چڳو مڙس چونڊيو ويو. هو يونين ڪائونسل ڏوداڻيءَ جو ڪيترائي سال چيئرمين ۽ فتح پور يونين ڪائونسل جو ناظم به رهيو. ان کان علاوه تعلقي ڪائونسل لاڙڪاڻي جي چيئرمين طور به ڪم ڪيائين. هو پير پاڳاري جو معتقد هو ۽ سڄي عمر مسلم ليگ (فنڪشنل) سان واڳيل رهيو. هن 'روزاني مهراڻ' ۾ صحافتي خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ 11 سالن تائين پريس ڪلب لاڙڪاڻي جو صدر رهيو. هن 18-19 سالن جي عمر ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. شاعريءَ ۾ هو جعفر فقير پنهور ۽ مينهل فقير کان گهڻو متاثر هو. هن جي شاعريءَ کي استاد منظور علي خان، محمد يوسف، سرمد سنڌي ۽ منظور سخيراڻيءَ سميت سنڌ جي مختلف فنڪارن سُرن جو روپ ڏنو. هن جي شاعريءَ جا پنج مجموعا 'پيرن ۾ پينگهه'، 'ڪنڌيءَ تسريا ڪان'، 'پيرين پنڌ ڪنڊياس'، 'ٽيڻ ڳالهائين ٿا' ۽ 'ڳجر ۾ ڳج' ڇپجي چڪا آهن. هن ڀلوڙ شاعر 29 اپريل 2014ع تي هن فاني دنيا کان هميشه لاءِ موڪلايو.

آسي زميني



سنڌ جي هن سرموڙ شاعر جو جنم 14 سيپٽمبر 1957ع تي حيدرآباد تعلقي جي ننڍڙي شهر ٽنڊو قيصر ۾ ٿيو. هن سنڌ جي اريگيشن کاتي ۾ نوڪري ڪئي ۽ انهيءَ ئي کاتي ۾ نوڪري پوري ڪري رٽائر ٿيو. آسي زميني سنڌي ادبي دنيا ۾ هڪ ڀلوڙ شاعر ۽ سنڌيڪار طور مشهور آهي هن کي شاعريءَ جي بحر ۽ وزن جي وڏي ڄاڻ حاصل آهي هن جي شاعري رومانيت جي رنگن سان گڏ ڌرتيءَ جي محبت ۽ ساٿيهه جي سڪ سان تمتار آهي هن جو شمار سنڌ جي بلند پائي جي شاعرن ۾ ٿئي ٿو. هن جي شاعريءَ جا ٻه ڪتاب 'مڃتا جي رڃ ۾' ۽ 'ٻه شاعر ٻه ڪهاڻيڪار' ڇپجي چڪا آهن ٽنڊو قيصر ۾ هن هڪ لائبريري قائم ڪئي آهي جنهن ۾ ڪيترائي قيمتي ادبي ڪتاب موجود آهن هن ڪيترائي ڪتاب اردوءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا آهن جن ۾ 'مسيحي گهراڻي جا بنياد'، 'ليڊي هيلٿ وزيٽرس جو نصاب'، 'حفاظتي ٽڪا'، 'ريڪٽن جي راند'، 'ثقافتي گهٽ پوسٽ ۽ پاڪستاني سماج' ۽ 'تهذيبي تڪبر' شامل آهن هن ڪيترن ئي ادبي ڪتابن جا مهاڳ پڻ لکيا آهن هو ڪيترن ئي ادبي رسالن جي ايڊيٽوريل بورڊ جو ميمبر رهيو آهي جن ۾ آڇيون، ادب، امرتا، جياپو ۽ ڪينجهر وغيره شامل آهن اسين سنڌ جي هن ڀلوڙ قلم ڌڻيءَ کي سندس سالگره جي موقعي تي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪريون ٿا.

ادريس جتوئي

اڄ سنڌ جي مشهور ليکڪ، تعليمي ماهر، صحافي ۽ پبلشر ادريس جتوئيءَ جي سالگره جو ڏينهن آهي هن سلڇاڻ وند ساهتڪار 14 سيپٽمبر 1962ع تي موري تعلقي جي ڳوٺ ٺوڙها ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو علم جا ابتدائي اکر پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيو ۽ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول نوان جتوئيءَ مان پاس ڪيائين اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ماس ڪميونيڪيشن ۾ ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان سنڌيءَ ۾ ايم اي جون سندون حاصل ڪيائين هن اسڪول جي استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي 2000ع ۾ گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج فار ايجوڪيشن حيدرآباد ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو هن 2005ع ۾ بيورو آف ڪريڪيولم ۽ ايڪسٽينشن ونگ ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر جو عهدو ماڻيو سنڌي ادبي دنيا ۾ ادريس جتوئي هڪ شاعر، مضمون نگار ۽ مقالا نگار طور ڄاتل سڃاتل آهي هن ڪيترن ئي اديبن جا ڪتاب ڇپرائي سنڌي ادب جي خزاني کي مالامال ڪيو آهي مشهور ادبي رسالي 'اخبار تعليم' ۽ ماهوار رسالي 'سنڌ لائين' جي ايڊيٽر طور پڻ خدمتون سرانجام ڏنيون اٿس

سيد اظهر حسين شاهه

سيد اظهر حسين شاهه جو جنم اڄوڪي تاريخ تي 1963ع ۾ سيد خداڏني شاهه جي گهر مٽياري شهر ۾ ٿيو ابتدائي تعليم مٽياريءَ ۾ حاصل ڪيائين ۽ اڳتي هلي بين الاقوامي تعلقات واري شعبي ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ماسٽر ڊگري حاصل ڪيائين شروع ۾ يوٽيلٽي ڪارپوريشن ۾ ملازمت اختيار ڪيائين پر بعد ۾ اها نوڪري ڇڏي سياسي ۽ سماجي ڪمن طرف ڌيان ڏنائين 2005ع وارين عام چونڊن ۾ حصو وٺي سوڀارو ٿيو ۽ مٽياريءَ جو ناظم مقرر ٿيو هو پنهنجي عام ڀلائيءَ ۽ سماجي ڪمن ڪارڻ جي ڪري مٽياريءَ جي مشهور شخصيتن ۾ شمار ٿئي ٿو

رياض منگي



هن نامور چترڪار ۽ مجسمه ساز جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1966ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ٿيو هن پهرئين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس تائين تعليم لاڙڪاڻي جي مختلف تعليمي ادارن مان حاصل ڪئي ان بعد سنڌ يونيورسٽيءَ مان فائن آرٽس ۾ ايم اي جي سند فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن سان حاصل ڪيائين هن کي چترڪاريءَ ۽ مجسمه سازيءَ جو شوق ننڍپڻ کان ئي رهيو. سندس فنپارن جي نمائش لاهور، ڪراچيءَ ۽ اسلام آباد سميت ملڪ جي مختلف شهرن ۾ ٿي چڪي آهي خاص طور تي سندس مجسمه سازيءَ کي ڏات ڌڻين وٽان سٺي مڃتا ملي آهي هن لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي گهر ۾ هڪ آرٽ گيلري پڻ قائم ڪئي آهي

رئيس ضياءُ الدين بلبل ضياءُ

اڄ مشهور عالم، اديب، شاعر ۽ سماجي اڳواڻ رئيس ضياءُ الدين بلبل ضياءُ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو 15 ڊسمبر 1910ع تي دادو ضلعي جي شهر ميهڙ ۾ رئيس شمس الدين بلبل جي گهر ۾ خوشيون کڻي آيو. ابتدائي تعليم پنهنجي شهر ميهڙ مان حاصل ڪيائين ۽ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين ان بعد مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه مان ايم اي ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين 1943ع ۾ مسلم لا ڪاليج ڪراچيءَ ۾ منطق ۽ سنڌي ادب جو ليڪچرار مقرر ٿيو پر ڪجهه عرصي کان پوءِ استعيفا ڏئي پنهنجي ڳوٺ موٽي آيو اڳتي هلي دادوءَ ۾ پهريائين اسسٽنٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر ۽ بعد ۾ پبلڪ پراسيڪيوٽر طور ڪم ڪيائين رئيس ضياءُ الدين بلبل کي پنهنجي والد رئيس شمس الدين بلبل وانگر ادب ۽ ادبي سرگرمين سان هميشه لڳاءُ رهيو هن ميهڙ ۾ 'بزمِ بلبل' جي نالي سان هڪ ادبي تنظيم جو بنياد وڌو پاڻ دادوءَ ۾ 'انجمن آفتاب ادب' جو نائب صدر، 'جميعت شعراءِ سنڌ' جو نائب صدر، قلندر لال شهباز يادگاري ڪميٽيءَ جو ميمبر ۽ بار ايسوسيئيشن ميهڙ ۽ دادوءَ جو سرگرم ميمبر رهيو هن دادوءَ مان هفتيوار اخبار 'تنظيم عوام' جاري ڪئي ۽ ماهوار رسالي 'اديب سنڌ' جي ايڊيٽر طور ڪم ڪيو هن سنڌيءَ ۽ انگريزيءَ ۾ ڪيترائي مضمون ۽ ڪالم پڻ لکيا هي اهلِ انسان 14 سيپٽمبر 1966ع تي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو سندس زندگيءَ ۽ ادبي ڪارنامن جو هڪ تفصيلي خاڪو مولانا غلام محمد گراميءَ جي ڪتاب 'ويا سي وينجهار' ۾ پڙهي سگهجي ٿو

ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ



اڄ مشهور تعليمي ماهر ۽ ليکڪ ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ جي ورسيءَ جو ڏهاڙو آهي ڊاڪٽر پٺاڻ 1927ع ڌاري حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو هن ايل ايل بي جي سند حاصل ڪئي ۽ ان کان پوءِ ايم اي (اسلامڪ هسٽري) ۽ پي ايچ ڊي جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون هن پنهنجي پيشيوارانه زندگيءَ جي شروعات روينيو کاتي ۾ مختيارڪار طور ڪئي پر ڪجهه عرصي کان پوءِ اها نوڪري ڇڏي تعليم کاتي ۾ اسلامي تاريخ واري شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ پروفيسر طور رٽائر ٿيو هو هڪ وڏو محقق ۽ ليکڪ پڻ هو سندس ڪتابن ۾ 'تاريخ سنڌ- عرب دور' ۽ 'ٿئين مصر جا پراڻا ورق' شامل آهن

ثريا سوز ڏيلائي



سنڌي ٻوليءَ جي هن ناليواري ليکڪا جو جنم 25 نومبر 1945ع ۾ ٿيو هوءَ سنڌ جي مهان ليکڪ ۽ پبلشر محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي نياڻي هئي هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي، ايم فل ۽ پي ايچ ڊي جون سندون حاصل ڪيون هن ماڊل اسڪول حيدرآباد ۾ ليڪچرار طور ڪم ڪيو لکڻ جو شوق ننڍپڻ کان ئي هئس هن جي پهرين ڪهاڻي 'انسان' رسالي ۾ شايع ٿي ان بعد سندس ڪوتائون ۽ ڪهاڻيون مختلف ادبي رسالن ۾ ڇپجنديون رهيون هن هڪ ناول ڪيترائي مضمون ۽ ڪالم پڻ لکيا هن شروع ۾ 'ثريا' ۽ پوءِ 'سوز' تخلص سان شاعري ڪئي هن ٻارن لاءِ به ڪيتريون ئي ڪهاڻيون لکيون ۽ گيت سرجيا ٻارن لاءِ لکيل سندس ڪهاڻين جو مجموعو 'چمڪندڙ چنڊ' 1985ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو هن 14 سيپٽمبر 2004ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو

زيب پٺي

هن مشهور ليکڪ ۽ تعليمي ماهر جو جنم 10 مارچ 1932ع تي ٽنڊو محمد خان ۾ ٿيو سندس اصل نالو قادر بخش پٺي هو هن مئٽرڪ جو امتحان نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيو ان بعد بي اي، ايم اي (سنڌي) ۽ ايم اي (اردو) جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين هن ڪاليج جي ليڪچرار طور عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي ۽ پرنسپال طور رٽائر ٿيو. هن ڇهه ڪتاب لکيا ان کان علاوه اخبارن لاءِ ڪيترائي ڪالم لکيا. هن 14 سيپٽمبر 2013ع تي وفات ڪئي

CLASSIFIED ADVERTISMENT

رڪارڊ ۾ درستگي بابت اطلاع

جيئن ته منهنجي ڌيءُ جي اسڪول رڪارڊ ۾ غلطي سان نالي جي اسپيل ANJILI D/O KIRSHAN OUDH لکجي وئي آهي ۽ پيدائش جو ضلعو خيرپورميرس جنهن کي نادرا رڪارڊ موجب درست ڪري هن ريت لکيو وڃي ANJALI D/O KIRSHAN OAD پيدائش جو ضلعو حيدرآباد اهڙي درستي سنڌس تعليمي رڪارڊ ۾ ڪري ڏنو وڃي

ڪرشن اوڊ ولد رآئو مل شناختي ڪارڊ نمبر 4130209119389 رهندڙ پيون ڪالوني شهباز بلڊنگ حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم I ڪوٽ غلام محمد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

شريمتي نانو ڌيءُ جودو زال ڪشور ذات ڪولهي هندو بالغ رهندڙ ڳوٺ سم نالو ديهه 291 ڪوٽ غلام محمد..پلينٽف. بخلاف. ڪشور ولد شروان ذات ڪولهي هندو بالغ رهندڙ ڳوٺ ديهه عزيز احمد پرڳڻي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 18-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم I ڪوٽ غلام محمد

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم I ڪوٽ غلام محمد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات رفعت ..پلينٽف. بخلاف. محمد ڪامران ولد محمد رمضان ذات راجپوت رهندڙ چڪ نمبر 67 ضلعو فيصل آباد ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 18-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم I ڪوٽ غلام محمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
گارڊين سوٽ نمبر 13 سال 2026

ظفرالله ساند ولد فيض الله ساند رهندڙ محلا مير وارڊ 03 ٽنڊو جان محمد تعلقو ڏگهڙي ..اپيليڪينٽ. بخلاف. (1) مسمات رخسانه ڌيءُ پير نورالدين زال ظفرالله ساند (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ...اپوننٽس (6) محمد نور ولد ظفرالله ساند.. مائنر

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپيليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 19-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي

بقايا 1 "روزاني عبرت"

ناڪام ويون مقتول جي پيءُ رئيسداد حسين اعلان ڪيو ته جيستائين جوابدارن کي گرفتار نه ٿو ڪيو وڃي، تيستائين تدفين نه ڪئي ويندي ۽ ڌرڻو جاري رهندو قابل ذڪر ڳالهه اها آهي ته [illegible] ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس قاتلن کي گرفتار ڪرڻ يا جاچ ۾ ڪا به نمايان اڳڀرائي ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي جنهن سبب صورتحال تي تاثر کي هٿي ڏني آهي ته مير رضا علي ڪيس وانگي پوليس روشمر جي ڪيس ۾ به ڏوهارين کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي پوليس ڪاڻي جي مايوس ڪندڙ ڪارڪردگي کان تنگ اچي مقتول جي پيءُ اعلان ڪيو آهي ته اڄ کان شهر جي مختلف حصن ۾ ڌرڻا هڻيا ويندا اي آءِ جي آزاد خان ۽ ڊي آءِ جي عرفان بلوچ رات 10 وڳي منگهو پير واري ڌرڻي واري هنڌ پهتا ته جيئن احتجاج ختم ڪرائڻ ۽ مقتول جي تدفين جي معاملي تي ڳالهيون ڪري سگهجن ان موقعي تي ايس ايس پي طارق الاهي مستوئي پڻ موجود هئا پوليس آفيسرن مقتول جي پيءُ رئيسداد حسين سان ملاقات ڪئي ته جيئن تعزيت ڪري سگهن ۽ روشمر جي قتل بابت جاچ ۾ اڳڀرائي تي ڳالهه ٻولهه ڪري سگهن ملاقات دوران اي آءِ جي لاڳاپيل پوليس عملدارن کي روايتي هدايت جاري ڪئي ته نوجوان جي قتل ۾ ملوث ملزمن جي جلد گرفتاري يقيني بڻائي وڃي جڏهن ته رئيسداد حسين چيو ته جيستائين جوابدار گرفتار نه ٿا ٿين [illegible] جاري رهندو [illegible] پيءُ جو اڪيلو پٽ ۽ حافظ قرآن هو- [illegible] سنڌس گهر ۾ [illegible] دوران پوليس جي وردي پاتل ڏاڍيلن گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو هو

بقايا 2 "روزاني عبرت"

هائوس کان ٽائون هال تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري ۾ مختلف مڪتب فڪر سان لاڳاپيل شخصيتن عزيز بروهي، علي انور عسڪري، دودو ديشي، ڪامريڊ محمد علي خشڪ، عبدالله بروهي، اصغر نوناري، سارنگ [illegible] مغيري، مولا بخش قليوڻو، اعجاز علي سوريو، امتياز احمد ساريو، بدرالدين ساريو، خادم حسين ڪانڌڙو، همت جوڻيجو، [illegible] بروهي، علي بخش سولنگي، طاهر نور [illegible]، رونق قليوڻو، عبدالرحمان پٽي، جلال فقير ساريو، علي زهري سميت شهرين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي "حڪمرانو پنهنجا واعدا پورا ڪيو باڊهه تعلقي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو" جا نعرا هنيا ان موقعي تي ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيڻ جو مطالبو ڪو نئون مطالبو ناهي پر شهرين جو اهو سالن کان جائز گهر آهي هنن چيو ته باڊهه پنهنجي تاريخي حيثيت ۽ وڏي آبادي جي لحاظ کان تعلقي جو درجو حاصل ڪرڻ جو حق رکي ٿو پر ان باوجود سنڌ حڪومت پاران مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي. هنن چيو ته سنڌ حڪومت جي اعليٰ قيادت پاران ماضي ۾ باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيڻ جا اعلان ۽ واعدا ڪيا ويا، پر اڄ تائين انهن تي عمل نه ٿي سگهيو آهي هنن چيو ته باڊهه تعلقو موومينٽ ڪميٽي 8 سالن کان پرامن ۽ مسلسل جدوجهد ذريعي پنهنجو جائز مطالبو حڪمرانن تائين پهچائيندي رهي آهي پر حڪومت پاران خاموشي اختيار ڪرڻ افسوسناڪ آهي هنن سنڌ حڪومت ۽ مقامي چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو ته وڌيڪ دير ڪرڻ بدران باڊهه کي تعلقي جو نوٽيفڪيشن جلد جاري ڪري شهرين جي [illegible] بيچيني ختم ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو سلسلو جاري رکيو ويندو

بقايا 3 "روزاني عبرت"

سبب معلوم نه ٿي سگهيو آهي وارثن کان معلوم ڪري رهيا آهيون.هوڏانهن معلوم ٿيو آهي ته واقعي جي اڳ نوجوان طرفان واٽس اپ تي مسيج ڇڏيو ويو جنهن ۾ هن [illegible] ابو توهان منهنجي سڄي دنيا آهيو [illegible] مون توهان کي تمام گهڻو پريشان ڪيو آهي عدالت ۽ جيل تائين [illegible] شرمندگي [illegible] انهن حالتن ۾ مون ماڻهن جي سامهون توهان سان جيڪو ڪجهه ڪيس

بقايا 4 "روزاني عبرت"

منتقل ڪيو ويو آهي خواجا اجمير نگري ٿاڻي جي حد نارٿ ڪراچي سيڪٽر 5 بي ٽري مصطفيٰ ڪالوني ڪچي آبادي جي ويجهو گهر مان 45 سالن جي فاروق ولد معظم علي جي ڦندو لڳل لاش مليو آهي ايڌي ايمبولينس جي ذريعي لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي شاهه لطيف ٿاڻي جي حد رزاق آباد ويجهو لشاري ڳوٺ جي لڳ جهيڙي جي دوران فائرنگ ۾ 3 ڄڻا گل حسن ولد علي بخش، نياز ولد حنيف ۽ اظهار ولد نياز زخمي ٿي پيا آهن جن کي طبي امداد جي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 5 "روزاني عبرت"

قاسم سبب فوت ٿي ويو ذريعن موجب سنيل ڪولهي جي ڳچيءَ ۾ اوچتو رسو ڦاسي پيو جنهن سبب ڪيس ساهه کڻڻ ۾ سخت تڪليف پيش آئي وارثن پاران معصوم کي بچائڻ جي ڪوششون ڪيون ويون پر هو فوت ٿي ويو 7 ورهين جي معصوم جي اوچتي فوت ٿيڻ جي خبر گهر پهچڻ شرط گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ سندس والدين سميت گهر ڀاتي ڏک ۾ بيحال ٿي ويا. واقعي سبب علائقي ۾ پڻ سوڳ واري صورتحال پيدا ٿي وئي جڏهن ته علائقي واسين معصوم جي رحلت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو

بقايا 6 "روزاني عبرت"

اتان گذرندڙ شهري پڻ زخمي ٿي پيا. شاهراهه فيصل ٿاڻي جي هيڊ محرر راحيل ٻڌايو ته موٽرسائيڪل تي سوار ٽن جوابدارن ڪاڌو پهچائڻ واري فوڊ رائيڊر کي ڦرڻ ۽ ان جي موٽرسائيڪل کسڻ جي ڪوشش ڪئي جڏهن رائيڊر مزاحمت ڪئي ته پوئيان ويٺل جوابدارن فائرنگ ڪري ڏني هن وڌيڪ چيو ته جوابدارن جي فائرنگ جي نتيجي ۾ سندن ئي هڪ پنهنجو ساٿي مارجي ويو جڏهن ته ڪاڌو پهچائڻ وارو فوڊ رائيڊر ۽ اتان گذرندڙ هڪ شهري زخمي ٿي پيا. هن ٻڌايو ته پوليس مارجي ويل جوابدار جي لاش ۽ زخمين کي جناح اسپتال منتقل ڪيو زخمين ۾ اويس (ڪاڌو پهچائڻ وارو فوڊ رائيڊر) ۽ عمران نالي هڪ شهري شامل آهن جڏهن ته مارجي ويل جوابدار جي سڃاڻپ فوري طور تي نه ٿي سگهي هيڊ محرر راحيل ٻڌايو ته پوليس مارجي ويل جوابدار وٽان 30 بور جو پستول هٿ ڪيو آهي ۽ ان جي سڃاڻپ جي ڪوشش ڪري رهي آهي ساڳئي وقت فرار ٿي ويل جوابدارن جي ڳولا شروع ڪئي وئي آهي

بقايا 7 "روزاني عبرت"

واري وزير محمد اسماعيل راهو ، خاص مهمان جي حيثيت سان ڪيو تقريب ۾ سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري سميت مختلف ضلعن جي بار ايسوسيئيشنن جا صدر ۽ جنرل سيڪريٽري، سنڌ بار ڪائونسل جا معزز ميمبر وڪيل استاد ۽ ٻيا معزز مهمان شريڪ ٿيا. حيدرآباد لا ڪاليج سنڌ جو پهريون خانگي لا ڪاليج آهي جنهن اي آءِ اسسٽنٽ سان آراسته ڊجيٽل اي لائبريري متعارف ڪرائي آهي هن جديد قدم جو مقصد شاگردن کي قانوني ڪتابن، تحقيقي مواد ۽ تعليمي وسيلن تائين آسان تيز رفتار ۽ جديد انداز ۾ رسائي فراهم ڪرڻ آهي ته جيئن هو پنهنجي قانوني تعليم ۽ تحقيق کي وڌيڪ مؤثر بڻائي سگهن ان موقعي تي خطاب ڪندي سنڌ جي يونيورسٽين ۽ بورڊز واري وزير محمد اسماعيل راهو حيدرآباد لا ڪاليج جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته حيدرآباد لا ڪاليج شاگردن لاءِ هڪ بهترين معيار قائم ڪرڻ طرف گامزن آهي ۽ سندن تعليمي بهتري لاءِ قابل قدر ڪوشش ڪري رهيو آهي. هن جديد ٽيڪنالاجي ذريعي شاگردن کي بهتر تعليمي سهولتون فراهم ڪرڻ واري قدم کي ساراهه جوڳو قرار ڏنو سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري پڻ حيدرآباد لا ڪاليج ۾ جديد تعليمي سهولتن جي فروغ کي اهم قرار ڏيندي اداري جي تعليمي ۽ تحقيقي ڪوشش کي ساراهيو حيدرآباد لا ڪاليج جي پرنسپل غلام سرور (ايڊووڪيٽ سپريم ڪورٽ) تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ سڀني معزز مهمانن کي ڀليڪار ڪيو ۽ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته حيدرآباد لا ڪاليج جو مقصد شاگردن جي تعليم لاءِ بهترين ٽيڪنالاجي متعارف ڪرائڻ جديد تعليمي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ سندن علمي ۽ تحقيقي صلاحيتن کي وڌيڪ هٿي وٺرائڻ آهي هن چيو ته اي آءِ اسسٽنٽ سان آراسته ڊجيٽل اي لائبريري پڻ ان ئي مقصد جو حصو آهي جنهن ذريعي شاگردن کي قانوني تعليم ۽ تحقيق ۾ وڌيڪ سهولت حاصل ٿيندي جنهن کان پوءِ حيدرآباد لا ڪاليج جي ڊائريڪٽر آءِ ٽي راجا عليم يوسف ڪاليج جي مڪمل ڊجيٽل نظام ويب سائيٽ ۽ ٻين آن لائن سهولتن جو عملي مظاهرو پيش ڪيو هن ٻڌايو ته حيدرآباد لا ڪاليج ۾ صرف ڊجيٽل اي لائبريري ئي متعارف نه ڪرائي وئي آهي پر شاگردن جي حاضري، امتحاني نظام ۽ آءِ ڊي نظام کي پڻ ڊجيٽل بڻايو ويو آهي هن وڌيڪ چيو ته ڊجيٽل نظام ذريعي تعليمي ۽ انتظامي معاملن ۾ شفافيت ۽ آساني کي هٿي ڏني پئي وڃي، جڏهن ته ڪاليج ڪاغذ جي استعمال کي گهٽ ڪرڻ ۽ وڌ کان وڌ پيپر ليس نظام ڏانهن گامزن آهي. ته جيئن سمورا معاملا جديد، منظم ۽ شفاف انداز ۾ سرانجام ڏئي سگهجن تقريب ۾ مختلف ضلعن جي بار ايسوسيئيشنن جا صدر ۽ جنرل سيڪريٽري ۽ سنڌ بار ڪائونسل جا معزز ميمبر پڻ شريڪ ٿيا معزز مهمانن حيدرآباد لا ڪاليج جي هن تعليمي ڪوشش کي ساراهيندي ان کي قانوني تعليم جي شعبي ۾ هڪ اهم ۽ قابل تحسين قدم قرار ڏنو

بقايا 8 "روزاني عبرت"

صدر ايم پي اي بئريسٽر پير مجيب الحق ، ايم اين اي محترم عرفان ظفر لغاري ، پ پ تعلقه صدر لالا اعجاز چانڊيو،غلام دستگير گورڙ ، ڊاڪٽر خليل سڪندر ڪوهارو سجاد احمد جوڻيجو رئيس قمبر خان لغاري مشهود الحق گاڏهي صداقت علي ناريجو خالد چنا،ايڊووڪيٽ ثاقب طفيل مهيسر رئيس زاهد ڪوسو پرسنل سيڪريٽري غلام عباس نائچ ايڊووڪيٽ مختيار علي بروهي،صحافي رياض چانڊيو، پ پ پ ڊجيٽل ميڊيا ضلع دادو ڪوآرڊينيٽر ممتاز علي ملاح، مقصود جوڻيجو رياض بروهي ۽ ٻيا اڳواڻ موجود هئا

بقايا 9 "روزاني عبرت"

خاتون ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان ڳڏيجي جا رهواسي آهيون ڪجهه عرصي کان ڪراچي رهائش پذير آهيون اسان جي گهر تي سوٽن سجاد چنه رحمان چنه ۽ ٻين قبضي جي ڪوشش ڪئي گهر جون پيٽيون ڀڃي پٽ ڪيون اسان کي ڌمڪائي رهيا آهن ابي ڏاڏي جي ملڪيت آهي ڳڏيجي جي چڳن ڳڏا حسين سهتو مير محمد سهتو فيصلو ڪيو ورهاست ۾ سڀني کي هڪ جيتري آهي ۽ سوٽ اسان کان وڌيڪ ملڪيت گهري گهر تي قبضي جي ڪوشش ڪئي اسان کي پنهنجا سوٽ آهن رت جو رشتو آهي جهيڙو ڪرڻ نٿا چاهيون پر سوٽ اسان کي ڌمڪائي رهيا آهن اسان کي ڪجهه به ٿيو ته اهي ذميوار هوندا هنن ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته اسان کي انصاف ڏئي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 10 "روزاني عبرت"

قمبر شهدادڪوٽ جي اڳوڻي صدر ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو ڪاليج جي پلاٽ تي پبلڪ هيلٿ جي مبينه قبضي خلاف پاڻ ڌر بڻجي سينيئر سول جج شهدادڪوٽ جي عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي ڇڏي آهي عدالت سڳوري درخواست کي ٻڌڻ جوڳو قرار ڏيندي ڌرين کي 16 سيپٽمبر تي عدالت ۾ پيش ٿيڻ جي هدايت ڪئي آهي هن ڪيس جي پيروي ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو ، ايڊووڪيٽ طارق احمد خشڪ ۽ ايڊووڪيٽ راجا رجب مگسي سميت ايڊووڪيٽ ساجد علي ميربحر جن ڪندا هوڏانهن رابطي ڪرڻ تي ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو ٻڌايو ته ڪاليج وارو معاملو حساس آهي جنهن ڪري اڳون انصاف جي حاصلات لاءِ عدالت جو دروازو کڙڪايو آهي

بقايا 11 "روزاني عبرت"

ڪلٽي ٿي پئي حادثي جي نتيجي ۾ ڊرائيور باٿهون خان سميت 10 مسافر زخمي ٿي پيا حادثي جي اطلاع ملڻ تي ريسڪيو عملو واقعي واري هنڌ پهچي زخمين کي فوري طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد ڳمس اسپتال منتقل ڪيو ٻئي طرف علائقي واسين جو چوڻ آهي ته مهراڻ نيشنل هاءِ وي کي ڊبل ڪرڻ جو ڪم جاري هجڻ سبب روڊ تي ٽريفڪ جي روانگي متاثر ٿي رهي آهي. جڏهن ته روڊ تي مناسب انتظام نه هجڻ ڪري حادثا پڻ معمول بڻجي ويا آهن شهرين مسافرن اعلي ا حڪام کان مطالبو ڪيو آهي ته روڊ جي تعميراتي ڪم دوران ٽريفڪ جي بهتر انتظام ۽ حفاظتي قدمن کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن وڌيڪ حادثن ۽ انساني جانين ضايع ٿيڻ کان بچي سگهجن

بقايا 12 "روزاني عبرت"

شروعاتي جاچ موجب واقعو ڦر مزاحمت جو نتيجو لڳي رهيو آهي. هٿياربند ملزم واڙي ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ته گارڊ روڪڻ تي فورن گوليون هڻي فرار ٿي ويا. پوليس موجب واقعي واري هنڌ تان شاهدين گڏ ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڏني آهي

بقايا 13 "روزاني عبرت"

ڏوهاري عنصرن جي خاتمي لاءِ ڪوٽ لالو ٿاڻي جي حدن ۾ وڏي پيماني تي ٽارگيٽيڊ آپريشن ڪيو ويو جنهن دوران 5 شڪي ماڻهن کي حراست ۾ ورتو ويو ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي جي حڪمن تي ڊي ايس پي ميرواهه مير امداد علي ٽالپر جي اڳواڻي ۾ پوليس وڏي نفري، بڪتر بند گاڏين ڳري مشينري ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان ڪارروائي ڪئي آپريشن ۾ ميرواهه ۽ ڪوٽ ڏيجي سب ڊويزن سميت اسپيشل ٽيمن ۽ پوليس جي وڏي نفري حصو ورتو ڪارروائي دوران مقتول ممتاز راجپر جي قتل ۾ مبينا طور ملوث جوابدارن ۽ سندن سهولتڪارن جي ٺڪاڻن کي باهه ڏئي ساڙڻ ڪانپوءِ مسمار ڪيو ويو ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي چيو آهي ته امن امان جي دشمنن ڏوهاري عنصرن ۽ سندن سهولتڪارن خلاف سخت ڪارروائي جاري آهي مقتول ممتاز راجپر جي قتل ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو

بقايا 14 "روزاني عبرت"

سردار عبدالرحيم سان ملاقات دوران پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو ان موقعي تي فنڪشنل ليگ ضلعي ملير جي صدر قادر لغاري، بيرسٽر سونيا علي ايڊووڪيٽ ۽ سعيده سليم ايڊووڪيٽ پڻ موجود هيون پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم پارٽي ۾ شامل ٿيندڙ عورتن کي ڀليڪار ڪندي چيو ته فنڪشنل ليگ ۾ عورتن جي شموليت انتهائي خوش آئند آهي عورتون پارٽي جي تنظيمي ۽ سياسي سرگرمين ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪنديون سردار عبدالرحيم چيو ته پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل پير صاحب پاڳارو جي قيادت ۾ سنڌ جي عوام جي حقن ۽ جمهوري جدوجهد لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهي آهي پارٽي جو پيغام "متحد سنڌ، مضبوط پاڪستان" آهي جڏهن ته نون شامل ٿيندڙ زميندارن ۽ ڪارڪنن سان گڏجي فنڪشنل ليگ کي وڌيڪ فعال ۽ مضبوط بڻايو ويندو هن چيو ته عورتن جي سياسي ڪردار کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ فنڪشنل ليگ جو پليٽ فارم اهم حيثيت رکي ٿو نيون شامل ٿيندڙ عورتون پارٽي جو پيغام ۽ منشور عوام تائين پهچائڻ سان گڏ تنظيمي سرگرمين ۾ پڻ پنهنجو ڪردار ادا ڪنديون ان موقعي تي فنڪشنل ليگ ۾ شامل ٿيندڙ تخمين ابراهيم جوڻيجو چيو ته عورتن لاءِ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل هڪ بهترين سياسي پليٽ فارم آهي جنهن تي اعتماد ڪندي هن فنڪشنل ليگ ۾ شموليت اختيار ڪئي آهي هن چيو ته پير صاحب پاڳاري جي قيادت ۽ پارٽي کي وڌيڪ سرگرم ۽ مضبوط بڻائڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪنديون ۽ عورتن کي سياسي عمل ۾ وڌ کان وڌ متحرڪ ڪرڻ لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکنديون تخمين ابراهيم جوڻيجو پارٽي قيادت پاران ڀليڪار ۽ اعتماد جو اظهار ڪرڻ تي سردار عبدالرحيم ۽ ٻين اڳواڻن جا ٿورا پڻ مڃيا

بقايا 15 "روزاني عبرت"

پاڪ جا نسخا پڻ محفوظ آهن لائبريري جي عمارت جي حالت انتهائي خراب هجڻ، فرنيچر ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب قيمتي ۽ ناياب ڪتابن جو وڏو ذخيرو دٻن ۾ بند رکيو ويو آهي 1961ع ۾ قائم ٿيل پبلڪ لائبريري سجاول ۾ سعودي عرب، ترڪي، ايران ۽ ڪويت سميت مختلف اسلامي ملڪن پاران تحفي طور ڏنل ڪتاب پڻ موجود آهن لائبريري جي موجوده اثاثن کي گڏ ڪرڻ ۾ مرحوم حاجي عبدالعزيز ميندڙو جو اهم ڪردار رهيو جنهن پنهنجي حياتيءَ ۾ بغير سرڪاري مدد جي دنيا جي مختلف ملڪن کي خط لکي ناياب ڪتاب حاصل ڪري لائبريري لاءِ گڏ ڪيا لائبريري ۾ روزانو سجاول جا نوجوان، شاگرد، شاگردياڻيون، بزرگ، سياسي، سماجي ۽ مذهبي شخصيتون ۽ سول سوسائٽي سان لاڳاپيل ماڻهو ڪتابن، اخبارن ۽ رسالن جو مطالعو ڪندا آهن پر عمارت جي خستہ حالي ۽ مناسب سهولتن نه هجڻ سبب مطالعي جو ماحول پڻ سخت متاثر ٿي رهيو آهي ذريعن موجب لائبريري جي پراڻي عمارت مڪمل طور تي زبون ٿي چڪي آهي ۽ چوڌاري وارو حصو پڻ خراب حالت ۾ آهي جڏهن ته لائبريري جي مک دروازي وٽ سالن کان مبينا قبضا قائم آهن جتي گند ڪچرو پڻ جمع ڪيو وڃي ٿو ضلعي انتظاميا پاران ڪيترائي ڀيرا انڪروچمينٽ خلاف ڪارروائي ڪري قبضا هٽرايا ويا، پر سياسي مداخلت سبب مبينا طور قبضا ٻيهر قائم ٿي وڃن ٿا. مرحوم حاجي عبدالعزيز ميندڙو جي وفات ڪانپوءِ پيپلزپارٽي سان تعلق رکندڙ ٽائون ڪميٽي سجاول جي چيئرمين سيد شير علي شاهه بخاري پاران سندس فرزند زاهد عزيز ميندڙو کي والد جي جاءِ تي لائبريري جو انچارج مقرر ڪيو ويو زاهد عزيز ميندڙو پنهنجي والد جي علم دوست مشن کي جاري رکندي مبينا طور صرف 12 هزار رپيا ماهوار پگهار تي لائبريري جون ذميواريون نڀائي رهيو آهي هو پنهنجي والد جي نقش قدم تي هلندي ناياب ڪتاب گڏ ڪرڻ جو سلسلو پڻ جاري رکيو پيو اچي سول سوسائٽي جي اڳواڻن ۽ لائبريري ۾ مطالعي لاءِ ايندڙ شاگردن مطالبو ڪيو آهي ته ڊپٽي ڪمشنر سجاول، صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي، صوبائي وزير علي حسن زرداري معاملي جو فوري نوٽيس وٺن هنن مطالبو ڪيو ته پبلڪ لائبريري جي پراڻي عمارت کي نئين سر تعمير ڪرائي، چوڌاري مضبوط چوديواري تعمير ڪئي وڃي، مک دروازي وٽ قائم سمورا قبضا مستقل طور ختم ڪرائي قبضا ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي هنن وڌيڪ مطالبو ڪيو ته لائبريري لاءِ مناسب فرنيچر ڪتابن کي محفوظ رکڻ لاءِ گهربل سهولتون ۽ مطالعي لاءِ بهتر ماحول فراهم ڪيو وڃي. سندن چوڻ هو ته پبلڪ لائبريري ٽائون ڪميٽي سجاول صرف هڪ لائبريري نه پر شهر جو علمي ۽ تاريخي اثاثو آهي جنهن ۾ موجود ناياب ڪتاب قومي ورثي جي حيثيت رکن ٿا، تنهن ڪري ان کي محفوظ بڻائڻ ۽ نئين نسل تائين علم جو هي خزانو منتقل ڪرڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن

بقايا 16 "روزاني عبرت"

هار پائي انوکو احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته روزانو جي بنياد تي وڌندڙ پيٽرول غريب عوام جي چيلهه ڀڃي ڇڏي آهي حڪومت پاران پيٽرول جا اگهه چوٽ چاڙهي غريب عوام کان جيئڻ جو حق کسي ورتو آهي هن چيو ته مهانگائي ايتري وڌي وئي آهي جو اسان دال بصر واڱڻ ڀينڊي ۽ ٽماٽو رکيو دڪانن تي ڏسي سگهون ٿا مگر خريد ڪري پنهنجي ٻچڙن کي کارائي نه ٿا سگهون چوڻ مڙني سبزين جا اگهه 200 سئو روپيا کان 300 سئو روپيا في ڪلو آهن جيڪي غريب بي ٻهچ مسڪين ڏهاڙيدار طبقي جي خريد ڪرڻ کان ٻاهر آهن هن وڌيڪ چيو ته اسان سڄي ڏينهن ۾ محنت مزدوري ڪري 800 سئو کان 900 سئو ڪمايون ٿا جيڪي سبزي خريد ڪرڻ ۾ پورا ٿي وڃن ته باقي گهر جي لاءِ چانهه، کنڊ، گيهه ۽ کير ڪٿان خريد ڪيون

بقايا 17 "روزاني عبرت"

گيلري مان سولر پليٽون ۽ بيٽريون چوري ڪيون جنهن کي اسان سڱ سوڌو پڪڙي پوليس حوالي ڪيو جنهن پڇا ڳاڇا دوران چوري ڪرڻ جو اعتراف ڪيو ۽ آئنده چوري نه ڪرڻ کان توبهه ڪرڻ تي اسان انسانيت ناطي ڪيس معاف ڪري ڇڏيو ليڪن منشاءِ نالي شخص ان واقعي کي غلط رنگ ڏئي اسان جي خلاف سوشل ميڊيا تي من گهڙت ۽ ڪوڙي مهم هلائي اسان تي غلط ۽ سنگين الزام لڳايا ۽ ڪردار ڪشي ڪئي جيڪي مڪمل طور ڪوڙ ۽ بي بنياد آهن اسان شريف شهري آهيون اسان جي خاندان ڪڏهن به ڪنهن سان زيادتي ناهي ڪئي بلڪ غريب مسڪين ماڻهن جي خدمت ڪئي آهي جيڪا ڳالهه مخالفن کي هضم نه ٿي رهي آهي ان ڪري هو اسان جي ساک کي غلط پروپيگنڊه ذريعي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ليڪن عزت ڏيڻ وارو رب آهي اسان اختيارين کان مطالبو ڪريون ٿا ته اسان جي خلاف سوشل ميڊيا تي غلط پروپيگنڊه هلائيندڙ خلاف ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 18 "روزاني عبرت"

هئا. جانورن ۽ پکين جي تحفظ لاءِ نعريبازي ڪري رهيا هئا.واڪ ۽ ريلي جي اڳواڻي حنا سيد، محمد بخش، سجاد ميمڻ، اعجاز حسين پلي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. عوامي جاڳرتا لاءِ پنجري ۾ بند پکي جي علامتي طور رکي احتجاجي مظاهرو ڪري پيغام ڏنو ويو ته جانورن ۽ پکين جي تحفظ ڏنو وڃي اڳواڻن ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته هن ريلي ۽ واڪ جو مقصد معاشري ۾ جانورن ۽ پکين سان رحم شفقت ۽ ذميداراڻي رويي کي فروغ ڏيڻ جانورن ۽ پکين تي ظلم ،تشدد ۽ غفلت جي خاتمي جي حوالي سان جاڳ پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي تحفظ لاءِ موثر جوڳا قدم کڻڻ جي ضرورت کي عوام تائين پهچائڻ آهي

بقايا 19 "روزاني عبرت"

علامتون ظاهر ٿيڻ بعد ڪيس ڳنڀير جوڳي حالت ۾ ڪراچي جي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي وارثن موجب عورت ۾ پاڻي کان خوف ۽ وات مان گهڻو لعاب اچڻ جهڙيون نشانيون ظاهر ٿيون آهن عورت کي ڇهه مهينا اڳ ساڄي پير تي ڪتي ڏاڙهيو هو جڏهن ته متاثره عورت کي ريبيز کان بچاءَ جي ويڪسين جا 3 ڊوز لڳايا ويا هئا جناح اسپتال جي ڊاڪٽرن ريبيز انسيفلائٽس جو شڪ ظاهر ڪيو آهي جڏهن ته نيورولوجي ٽيم به عورت جو طبي معائنو ڪيو آهي ڊاڪٽرن عورت کي وڌيڪ علاج لاءِ وارڊ ۾ داخل ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 20 "روزاني عبرت"

رهندي، چاڪاڻ ته سنڌ خدا جي خليقل تخليق آهي جيڪا صدين کان وٺي هڪ وطن جي صورت ۾ رهي آهي جنهن سان هٿ چراند هرگز قبول نه ڪئي ويندي، سنڌ جي وسيلن تي صرف سنڌين جو حق آهي جيڪو دنيا تسليم ڪري رهي آهي هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ وڌندڙ قومي شعور ۽ ٻڌي ڏسي پنجاب اسان جي سڃاڻپ کي ختم ڪرڻ ۽ سنڌ کي ٽڪرن ۾ تقسيم ڪري سنڌ جي پيداواري وسيلن تي آساني سان قبضو ڪرڻ چاهي ٿو پر سنڌ ڏانهن ميري اک ڪندڙن جا خواب هميشه جيان پورا پورا ثابت ٿيندا،20 سيپٽمبر تي نوابشاهه ۾ وحدت سنڌ تاريخي مارچ ثابت ٿيندو سنڌ واسي قومي ٻڌي جو ثبوت ڏيڻ لاءِ وڌ کان وڌ نوابشاهه وحدت سنڌ مارچ ۾ شرڪت ڪن. جيئن سنڌ ڏانهن ميري اک ڪندڙن کي واضح ۽ چٽو پيغام ڏنو وڃي، سنڌ وطن جي ڪنهن قرارداد جي ضرورت نه آهي هنن اهو پڻ چيو ته سنڌ جي حڪمرانن کي پارليامينٽ مان اها قرارداد پاس ڪرائڻ گهرجي ته جيڪي به سنڌ جي ورهاست جي ڳالهه ڪن انهن کان سنڌ جي شهرت کسي ڪين صوبي به ٻاهر ڪيو وڃي هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيستائين سنڌ کي تقسيم ڪرڻ جو بيانو واپس نه ورتو ويندو، سنڌ جي وسيلن تان قبضو ختم نه ڪيو ويو ته تيستائين جسقم شهيد بشير خان سميت سنڌ جا شعور رکندڙ ماڻهون مزاحمت ڪندا رهندا.

بقايا 21 "روزاني عبرت"

سيال ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ايڊمور پمپ کان احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته تعلقي قاضي احمد ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب آهي وڌندڙ بدامني ۽ منشيات جو سرعام وڪرو سبب عوام سخت پريشان آهي پوليس امن بحال ڪرائڻ ٽوڙي منشيات جي وڪرو تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿي وئي هنن مطالبو ڪيو ته امن امان بحال ڪري منشيات جي وڪرو تي ڪنٽرول ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 22 "روزاني عبرت"

چائنجي وٺي نوجوان شادي شده هو ۽ زرعي دوا ساز ڪمپني ۾ خانگي طور ملازمت ڪندڙ هو سندس تدفين اڄ سومر ڏينهن ٿيندي

بقايا 23 "روزاني عبرت"

بريفنگ ورتي ۽ هدايت ڪئي ته سمورا منصوبا مقرر وقت اندر مڪمل ڪيا وڃن جيئن شهرين کي ترقياتي سهولتون بنا دير فراهم ٿي سگهن علي حسن زرداري چيو ته ترقياتي منصوبن جي تعميراتي معيار تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو برداشت نه ڪيو ويندو هن لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته روڊن ۽ ٻين ترقياتي ڪمن ۾ معيار، شفافيت ۽ رفتار کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي هن وڌيڪ چيو ته عوامي ڀلائي سان لاڳاپيل ترقياتي منصوبن جي بروقت ۽ معياري تڪميل حڪومت جي اهم ترجيحن ۾ شامل آهي تنهن ڪري منصوبن جي نگراني ۽ ڪم جي رفتار ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي

بقايا 24 "روزاني عبرت"

ڪارڊ کڻي پريس ڪلب کان حيدر چوڪ تائين احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ۽ پوليس انتظاميه خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ڌرڻي سبب دادو کان سيٺا روڊ طرف ايندڙ ويندڙ گاڏين ۽ مسافر گاڏين بيهجي ويون ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن سنڌي ادبي سنگت ضلعي دادو جي رابطا سيڪريٽري نياز الاهي ابڙو، هالار ياسين آرائين ،جهانگير آرائين جسقم قلجي لالا ظهير سومرو -سيد مور شاهه- صحافي تنظيم جو اڳواڻ شاهنواز سومرو ۽ ٻين چيو ته قلجي اسٽيشن سميت مخدوم بلاول ۽ پيارو پوري دادو ضلعي ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي آهي ڏينهن ڏٺي جو ڦرون ۽ ڌاڙن جون وارداتون ٿي رهيون آهن پر پوليس ڪک ڀڃي ناهي ڪيو تازو استاد جهانگير آرائين کان ڦر ٿيل موٽر سائيڪل جا نه جوابدار گرفتار ڪيا ويا آهن ۽ نه وري ڦر ٿيل موٽر سائيڪل ۽ ٻيو سامان مخدوم بلاول پوليس واپس نه ڪرائي سگهي آهي احتجاج ڪندڙن وڌيڪ چيو ته دادو ضلعي مان امن جو پکي اڏامي چڪو آهي ڏوهارين هر پاسي رڻ ٻاري ڏنو آهي شهري غير محفوظ بڻيل آهن جڏهن ته پوليس هن وقت تائين ڏوهارين خلاف ڪوبه آپريشن شروع نه ڪري سگهي آهي جيستائين شهرين جو ڦر ٿيل ۽ چوري ٿيل سامان واپس نٿو ڪرايو وڃي ۽ امن امان بحال نٿو ڪرايو وڃي تيستائين جدوجهد جاري رهندي

بقايا 25 "روزاني عبرت"

هڪ طرف پيٽرول ۽ ٻئي طرف کاڌي پيتي سميت روزمره استعمال جي ٻين شين جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن. جڏهن ته سندن آمدني ۾ ڪو به اضافو ناهي ٿيو وڌندڙ مهانگائي سبب غريب خاندانن لاءِ گهر جو چلهو ٻارڻ ۽ ٻارن جا تعليمي خرچ پورا ڪرڻ به انتهائي ڏکيو بڻجي ويو آهي ڪمبٽ جي شهرين ڊي سي خيرپور اي سي ڪمبٽ سميت سنڌ حڪومت ۽ لاڳاپيل انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته پبلڪ ٽرانسپورٽ جي من پسند ڪراين جو فوري نوٽيس وٺي مسافرن کي ڪراين ۾ رليف فراهم ڪيو وڃي ۽ ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي تي ضابطو آڻڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن

بقايا 26 "روزاني عبرت"

علائقي ۾ جوابدارن نوجوان امجد ڦليوٽو جي گهر ۽ دڪان کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو.ذريعن موجب واقعو ٿاڻي اڪنامڪ زون جي حد ۾ پيش آيو جتي جوابدارن مبينا طور نوجوان امجد ڦليوٽو جي گهر ۽ دڪان تي حملو ڪري باهه ڏئي ڇڏي.پوليس ذريعن موجب نوجوان امجد ڦليوٽو تي الزام آهي ته هن هڪ ناري کي گهران ٻاهر ڪڍي پنهنجي پسند سان شادي ڪئي هئي جنهن تان ڌرين وچ ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي مبينا طور تي ان معاملي تان ڪاوڙ ۾ اچي جوابدارن نوجوان جي گهر ۽ دڪان کي باهه ڏئي ڇڏي. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته ڪارروائي پوليس ٿاڻي جي ويجهو ٿي، جڏهن ته پوليس تي الزام آهي ته واقعي دوران موثر قدم نه کنيو ويو.واقعي بابت اڪنامڪ زون ٿاڻي تي رپورٽ داخل ڪئي وئي آهي، جڏهن ته پوليس وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 27 "روزاني عبرت"

پورهيت مجيب الرحمان عالماڻي جو چوڻ هو ته چوڪي انچارج عبدالرئوف سانگهڙي مونسان سان ظلم ڪيو آهي موٽرسائيڪل جا ڪاغذ نه هجڻ جو جواز ڄاڻائيندو مون مٿان چوڪي اندر وحشياڻو تشدد ڪيو ويو پورهيت آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي سنڌ نوٽيس وٺي انصاف ڏياري

بقايا 28 "روزاني عبرت"

علائقن سان تعلق رکندڙ اديبن شاعرن صحافين ۽ قلمڪارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي مختلف مقررن چيو ته سنڌ جي وحدت، تاريخي حيثيت، ثقافت ۽ قومي سڃاڻپ جو تحفظ هر سنڌ واسي جي گڏيل ذميواري آهي هنن چيو ته سنڌ جي تاريخ، ثقافت، ٻولي ۽ وسيلن سان جڙيل حقن بابت عوام ۾ شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ قلمڪارن کي پنهنجو ڪردار وڌيڪ اثرائتو بڻائڻو پوندو مقررن جو چوڻ هو ته قلم سماج جي رهنمائي ڪرڻ سان گڏ ظلم ناانصافي محرومين ۽ حقن جي لتاڙ خلاف آواز بلند ڪرڻ جو اهم ذريعو آهي تنهنڪري سنڌ جا اديب، شاعر صحافي ۽ قلمڪار پنهنجي لکڻين وسيلي سنڌ جي مسئلن کي اجاگر ڪندا رهندا ڪانفرنس ۾ سنڌ جي وحدت کي برقرار رکڻ سنڌ جي تاريخي ثقافتي ۽ قومي سڃاڻپ جي تحفظ ۽ سنڌ جي وسيلن تي سنڌ جي ماڻهن جي حقن لاءِ گڏيل آواز بلند ڪرڻ تي زور ڏنو ويو شرڪت ڪندڙن چيو ته سنڌ جي وحدت خلاف ٿيندڙ ڪنهن به سازش کي قبول نه ڪيو ويندو ۽ سنڌ جي امن پائيداري ۽ وحدت جي تحفظ لاءِ قلمڪار پنهنجو ڪردار جاري رکندا ان موقعي تي ان عزم جو پڻ اظهار ڪيو ويو ته سنڌ جي حقن ۽ وحدت جي تحفظ لاءِ صحافي، اديب ۽ شاعر گڏيل طور تي پنهنجي قلم کي سگهارو آواز بڻائيندا ۽ عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ جدوجهد جاري رکندا ڪانفرنس جي پڇاڙي تي "هڪ سنڌ، هڪ فڪر هڪ قلم" جو نعرو بلند ڪندي سنڌ جي وحدت، قومي سڃاڻپ ۽ حقن جي تحفظ لاءِ گڏيل جدوجهد جاري رکڻ جو عزم ورجايو ويو

بقايا 29 "روزاني عبرت"

موٽرسائيڪل کي ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان صدام لاڙڪ موقعي تي ئي فوت ٿي ويو جڏهن ته سندس ساٿي صادق علي هنگورو سخت زخمي ٿي پيو حادثي ڪانپوءِ مقامي ماڻهن زخمي نوجوان ۽ فوتي جو لاش اسپتال منتقل ڪيس جتي زخمي صادق علي هنگورو کي طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي

بقايا 30 "روزاني عبرت"

ويري فڪيشن پڻ ڪليئر ٿي پر ان باوجود نه ڏني ويٽنگ لسٽ ۾ شامل ڪري ڇڏيو. هنن چيو ته حيدرآباد ضلعي جا 800اميدوار آهن ۽ پوري سنڌ ۾ 8هزار 6سو کان وڌيڪ ويٽنگ لسٽ آهن جيڪي اڍائي ورهين کان پنهنجي حق لا سراپا احتجاج آهن هنن چيوته سنڌ حڪومت پنهنجي ٺاهيل قانون تي عملدرآمد ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي هنن چيوته نوڪري جي عمر واري حد پڻ گذري رهي آهي پر سنڌ حڪومت تي ڪڻي جو فرق نٿو هنن چيو ته سنڌ حڪومت جي غلط پاليسين سبب پڙهيل لکيل نوجوان ڏکيون ٽيسٽون پاس ڪرڻ باوجود نوڪري لاء احتجاج تي مجبور آهن هنن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه آءِ جي سنڌ پوليس کي اپيل ڪئي ته پوليس ڪانسٽيبل لاءِ ٽيسٽ پاس ويٽنگ لسٽ اميدوارن کي نوڪريون ڏئي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 31 "روزاني عبرت"

بتول، ويجهن عزيزن ۽ ٻين ڳوٺاڻن شرڪت ڪئي.ان موقعي تي وارثن آفتاب احمد جي گمشدگي تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته چار مهينا گذري وڃڻ باوجود نوجوان جو ڪو به ڏس پتو نه ملي سگهيو آهي جنهن سبب سڄو خاندان سخت ذهني اذيت ۽ پريشاني ۾ مبتلا آهي وارثن موجب آفتاب احمد تقريبن چار مهينا اڳ ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر وڃڻ جو چئي گهران نڪتو هو جنهن بعد واپس نه آيو هنن پنهنجي مدد پاڻ تحت مختلف هنڌن ۽ عزيزن وٽ نوجوان جي ڳولا ڪئي، پر سندس ڪا به ڄاڻ حاصل نه ٿي سگهي. وارثن جو چوڻ هو ته آفتاب احمد جي گمشدگي بابت لاڳاپيل سائيٽ ايريا ٿاڻي تي پڻ اطلاع ڏنو ويو پر پوليس پاران نوجوان جي ڳولا لاءِ اثرائتا قدم نه کنيا ويا.احتجاج ڪندڙن ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي سکر ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته آفتاب احمد جي گمشدگي جو فوري نوٽيس وٺي سندس ڳولا لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن ۽ ڪيس جلد بازياب ڪرائي وارثن حوالي ڪيو وڃي.

بقايا 32 "روزاني عبرت"

ڪامياب ڪارروايون جاري آهن. گذريل ڏينهن ايس ايڇ او صالح پٽ ۽ روهڙي پنهنجي پنهنجي حدن ۾ ڪامياب ڪارروايون ڪندي قتل جي ڪوشش ۽ ڦر جي ڪيسن ۾ گهربل 2 اشتهاري جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي گرفتار جوابدار رحيم داد شبنائي ڪرائيم نمبر 05/2025، قلم 324، 504، 114، 34 ٿاڻو صالح پٽ جي ڪيس ۾ پوليس کي گهربل ۽ اشتهاري هو جڏهن ته ٻيو جوابدار عبدالله عرف ڪراٽو سيرائي ڪرائيم نمبر 281/2023، قلم 392 روهڙي ٿاڻي جي ڪيس ۾ پوليس کي گهربل هو پوليس موجب گرفتار جوابدارن خلاف وڌيڪ قانوني ڪارروائي جاري آهي.

بقايا 33 "روزاني عبرت"

وئي. حادثي ۾ ٻارڙي جي ماءُ پڻ معمولي زخمي ٿي پئي واقعي موجب سجاول کان پنهنجي ڳوٺ طرف ويندڙ آچار ملاح جي گهرواري ۽ سندس 9 مهينن جي معصوم ٻارڙي بلقيس موٽرسائيڪل تي سوار هئا ته آمڙا اسٽاپ وٽ اوچتو موٽرسائيڪل ۾ ويل رکو چين ۾ ڦاسي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ماءُ جي هنج ۾ ويٺل معصوم ٻارڙي بلقيس ڌيءُ آچار ملاح موٽرسائيڪل جي چين ۾ ڦاسي سخت زخمي ٿي پئي حادثي ڪانپوءِ موجود ماڻهن ۽ وارثن پاران لڳ ڀڳ هڪ ڪلاڪ جي ڪوشش بعد معصوم ٻارڙي کي موٽرسائيڪل جي چين مان ڪڍي علاج لاءِ سول اسپتال سجاول منتقل ڪيو ويو جتي معصوم ٻارڙي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي وئي ٻئي طرف حادثي ۾ معصوم ٻارڙي جي ماءُ پڻ معمولي زخمي ٿي جنهن کي سول اسپتال ۾ طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد فارغ ڪيو ويو اسپتال انتظاميا پاران فوتي [illegible] جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو بلقيس جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا 34 "روزاني عبرت"

تارو شامل آهن جن کي ڪينجهر ٿاڻي کان ليٽر وٺي سول اسپتال ٺٽو منتقل ڪيو پيو وڃي ڳوٺ ۾ ڏوهاري ماڻهن سان تعلق رکندڙن اسانجي زندگي زهر بڻائي ڇڏي آهي فائرنگ سبب اسانجي ٻن ڄڻن جي زخمي ٿيڻ سان گڏوگڏ گهرن ۾ ٻڌل چوپائي جانورن کي پڻ گوليون ۽ ڇيرا لڳا آهن. منور تارو ڪيترائي سال جيل ۾ ڀوڳي آيل ڏوهاري هٿياربندن حملو ڪري روز فائرنگ ڪن ٿا اسان مجبور ٿي ڳوٺان لڏي ٺٽي منتقل ٿياسين پر ڏوهارين ماڻهن ڳوٺاڻن جو جيئڻ جنجال بڻايو آهي پوليس انتظاميہ نوٽيس وٺي ڪيترن ئي ڪيسن ۾ نامزد جوابدارن کي گرفتار ڪري وڌيڪ نقصان کان ڳوٺاڻن کي بچائي، منور تارو ۽ ٻيا متاثر ڳوٺاڻا

بقايا 35 "روزاني عبرت"

ٿاڻي جي حد ڳوٺ جانوري جي رهواسڻ مسمات سمرين جانوري پنهنجي ٻن ڌيئرن سان گڏجي مڙس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي الزام لڳايو آهي ته سندس مڙس ٻي شادي ڪرڻ بعد سندس نياڻي کي پيسن عيوض وڪرو ڪرڻ چاهي ٿو جنهن جي مخالفت ڪرڻ تي هو سندن جان جو دشمن بڻجي ويو آهي مسمات سمرين جانوري احتجاج دوران ڏانهيندي چيو ته مڙس پاران نياڻي کي پيسن عيوض وڪرو ڪرڻ جي مخالفت ڪئي ته ڪيس ۽ سندس مونکي ۽ نياڻين کي مبينا طور تشدد جو نشانو بڻايو ويو ۽ ٽن مهينن کان گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي هن چيو ته گهر مان ڪڍڻ ڪانپوءِ هوءَ پنهنجي نياڻين سميت دربدري واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي مڙس ۽ سندس ساٿين مان ڪيس اسان کي جان جو خطرو آهي ۽ خدشو آهي ته ڪين قتل ڪيو ويندو متاثر عورت آئي جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي ڪيس ۽ سندس نياڻين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، مڙس خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 36 "روزاني عبرت"

زخمي ٿي پيو ڪيس رهواسين فوري طور سول اسپتال پهچايو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو معصوم عابد چوهاڻ جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ۽علائقي اندر سوڳ ڇانئجي ويو

بقايا 37 "روزاني عبرت"

لواري شريف ۽ نقشبندي سلسلي جا 36 امام ، جن جي 47هين سالگرهه مبارڪ جو ڪيڪ ڪاٽيو ويوشهدادپور پريس ڪلب شهيد سورهيه بادشاهه هال ۾ جماعت لواري شريف پاران پنهنجي مرشد ڪريم نقشبندي سلسلي جي 36 امام موجود ۽ سجاده نشين درگاهه لواري شريف حضرت قبلہ پير محمد صادق قريشي نقشبندي جن جي 47 يوم ولادت نهايت عقيدت و احترام سان ملهائي وئي

بقايا 38 "روزاني عبرت"

عاشقان رسول صلي الله عليه وآلہ وسلم پاران وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي وئي ان موقعي تي سنڌ جي نامور عالم سگهڙن مولانا عبدالڪريم چوهاڻ مولانا رياض احمد سومرو ۽ مولانا مظهر حاجانو ۽ ٻين پاران حضور اڪرم آقا حضرت محمد مصطفي صلي الله عليه وآلہ وسلم جن جي سيرت تعليمات ۽ محبت تي تفصيلي روشني وجهي جلسي ۾ شريڪ مڙني عاشقان صلي الله عليه وآلہ وسلم تي وجد طاري ڪري ڇڏي ٻئي طرف عبدالرزاق دستي، حافظ ڪاشف حسين شيخ ۽ نجيب الله چنو پاران نعت رسول مقبول صلي الله عليه وآلہ وسلم پيش ڪري خوب داد حاصل ڪيس جڏهن ته جلسي ۾ شرڪت ڪندڙن پاران درود و سلام ۽ عقيدت جو اظهار پڻ ڪيو ويو جلسي جا انتظام مولانا گلشن علي اسلامي ۽ محمد سليم علي منگريو جي زير اهتمام رهيا آخر ۾ ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعائون گهري لنگر تقسيم ڪري جلسي کي اختتام پذير ڪيو ويو

بقايا 39 "روزاني عبرت"

پنج کان ڇهه تولا سون ۽ پنج لک رپيا روڪ رقم کڻي ويا آهن مسمات خورشيد وڌيڪ الزام هنيو آهي ته جوابدارن پاران سنڌس گهر تي قبضو ڪرڻ، گهر ڀاتين خلاف ڪوڙيون ايف آءِ آرون داخل ڪرائڻ ۽ کين جاني نقصان جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون ويون آهن هن چيو ته هن انصاف ۽ قانوني تحفظ لاءِ پٽ شاهه ٿاڻي تي درخواست ڏني، پر سنڌس فرياد تي اڃا تائين اثرائتي ڪارروائي نه ٿي آهي هن اعليٰ پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي، کيس تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ گهر تي ڪاهه ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦر ڪيل سامان واپس ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ پٽ شاهه ٿاڻي آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 40 "روزاني عبرت"

عملدارن کيس روڪي ورتو ۽ مير خالد جکراڻي جي گاڏين سميت گارڊن جو بائيوميٽرڪ ذريعي رڪارڊ ۽ اصلحي جا لائيسنس چيڪ ڪيا ويا جنهن دوران پويان ٻي گاڏي تي مير خالد خان جو ننڍو ڀاءُ مير آزاد خان جکراڻي به پهچي ويو جنهن بعد پوليس عملدارن ۽ آزاد جکراڻي وچ ۾ معمولي منهن ماري ٿي پئي جنهن بعد پوليس عملدارن مير خالد خان جکراڻي ۽ سندس گارڊن جي چيڪنگ بعد کين ڇڏي ڏنو اهڙي واقعي کان پوءِ مير خالد خان جکراڻي پنهنجي بنگلي تي هنگامي بنيادن تي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اڄ وارو عمل مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڇا ٿي رهيو آهي. آئون روز جيان اڄ به ٻاهر نڪتس ته جمالي واهه ڀرسان 4 پوليس موبائيلن سان گڏ 40 پوليس عملدارن مون کي روڪي ورتو ۽ گاڏين جي ڪاغذن سميت گارڊن جو اصلحو چيڪ ڪيو ويو ۽ لائيسنس چيڪ ڪيا ويا، هن چيو ته جيڪب آباد پوليس عملدار هتان جا لوڪل آهن جيڪي مون کي صحيح نموني سڃاڻن ٿا آئون ڪو دهشتگرد ناهيان مير صاحب تمام وڏي ماڻهون جو پٽ آهي ۽ پاڻ به تمام وڏو ماڻهون آهي مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته هو ڇا ٿو ڪرڻ چاهي جيڪڏهن مير صاحب مون کي هن طرح سان جهڪائڻ چاهي ٿو يا ڊيڄارڻ چاهي ٿو ته شايد اها ان جي ڀل آهي جنهن پيءُ جو هو پٽ آهي مان به ان پيءُ جو پٽ آهيان اهڙي قسم جي ڪنهن به حربن سان مون کي [illegible] نٿو سگهجي هوڏانهن پي پي پي ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي جي فرزند ۽ فوڪل پرسن مير رافع حسين جکراڻي سوشل ميڊيا تي بيان جاري ڪندي چيو آهي ته مير خالد خان جکراڻي کي پوليس طرفان چيڪنگ دوران روڪيو ويو ته هنن مير اعجاز حسين جکراڻي مٿان الزام لڳايا ته شايد اهو عمل مير اعجاز حسين جکراڻي ڪرايو آهي پر آئون ايم اين اي جيڪب آباد جي فوڪل پرسن جي حيثيت سان ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته ٻه ڏينهن اڳ گهرو وزير ضياءالحسن لنجار جي طرفان پوليس سنڌ پوليس کي هدايتون جاري ڪيون ويون ته نجي گن مين ۽ اصلحي جي نمائش کي بند ڪرايو وڃي جنهن تحت پوليس اهڙي قسم جو عمل ڪيس قانون سڀني لاءِ برابر آهي باقي مير اعجاز حسين جکراڻي عوامي ماڻهون آهي جيڪو عوام جي خدمت ڪرڻ چاهي ٿو نه ڪي انتقامي ڪارروائي

بقايا 41 "روزاني عبرت"

سڃاڻي ٿي ته گهر جي ڪمري کي ٻن هنڌن تان ڪاٽ لڳل هيو ڳوٺاڻي جي حالت ٿڌي تي بگڙي وئي آڳي پوليس خاموش تماشائي بڻجي وئي آهي ۽ ڏوهارين آڏو بي وس بڻجي وئي آهي. ياد رهي ته آڳي ٿاڻي جي حد اندر مسلسل ڏوهه ٿيڻ معمول بڻجي ويو آهي پر پوليس تي اثر ٿي نه پوي ۽ عوام لٽبو ٿو رهي هوڏانهن ٻهارو ٿاڻي جي حدن ۾ به چورن ڦورن راتاهو ڏئي ڇڏيو آهي ٻهارو ٿاڻي جي حد وٽ پنجن کان چار نامعلوم ڦورن ٻهارو واسي ڪرائي تي موٽر سائيڪل هلائيندڙ ۽ ٻچڙن جو پيٽ پاليندڙ اختيار شاهه جو اڳ روڪي يرغمال بڻائي سندس کان روڪ رقم موٽر سائيڪل ۽ موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا پر ٻهارو پوليس جو پري پري تائين نالو نشان ئي نه مليو حالانڪي پڪٽ هوندي به ڏوهاري دليريءَ سان ماڻهن کي ڦريون ۽ لٽيون وڃن ٿا جڏهن متاثر اختيار شاهه ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي چيو ته جڏهن مان گهمرا پڪٽ وٽ پهتس ته پنجن کان مٿي هٿياربند هئا هنن وٽ لٺيون ۽ هٿيار هئا جن مون کان ڦر ڪئي ۽ ٻين ڪيترن کان به ڦريون ڪري چڪا هئا ڏوهارين ناڪو هڻي لٽ مار ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا ياد رهي اڳوا ٿاڻو سميت ٻهاروٿاڻو محبوب ڪلهوڙو ٿاڻولاڪيدون ٿاڻو ٿلو ٻندر ٿاڻوصادق ڪلهوڙو کهڙا ٿاڻوڪلو سيال ٿاڻو ۽ گمبٽ ٿاڻي جي حدن مان ڏوهه ٿيڻ هڪ وڏو سوال بڻجي ويو آهي

بقايا 42 "روزاني عبرت"

ڪئي وئي نعت خواهن عقيدت جا گل پيش ڪيا جڏهن ته مقررين حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جي سيرت تي ڳالهايو تقريب ۾ ميان خليل هاشمي حافظ مشتاق احمد حسيني آفاق احمد پيرزادو اياز شاهه بخاري، راجه چنڙ حافظ عاقب مغل ،فقير شعيب هاشمي، فقير امام الدين فقير شهاب الدين مهر محمد اسلم انقلابي، غلام مرتضي جمالي، اسرار احمد بليدي جن جي محفل ۾ شرڪت ڪئي آخر ۾ دعا خير گهري، لنگر تقسيم ڪيو ويو

بقايا 43 "روزاني عبرت"

انگ ۾ شرڪت ڪئي پروگرام دوران شاگردن ۾ ديني معلومات بابت سوال جواب ڪرايا ويا جڏهن ته اسڪول جي ٻارڙن وڏي جوش ۽ جذبي سان سرور ڪائنات حضرت محمد مصطفيٰ صه جي شان ۾ نعتون پڙهيون ۽ تقريرون پيش ڪيون ان موقعي تي استادن شاگردن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ميلاد مصطفيٰ صه جون محفلون نوجوان نسل کي نبي ڪريم صه جي سيرت تعليمات ۽ اخلاق کان روشناس ڪرائڻ جو بهترين ذريعو آهن هنن چيو ته حضرت محمد مصطفيٰ صه جي سيرت پاڪ انسانيت امن محبت پائيچار ۽ اخلاقي قدرن جو عظيم درس ڏئي ٿي ۽ اسڪولن ۾ اهڙا پروگرام منعقد ٿيڻ سان ٻارڙن ۾ ديني ۽ اخلاقي شعور پيدا ٿئي ٿو ۽ کين پنهنجي عظيم نبي پاڪ جي تعليمات تي عمل ڪرڻ جو جذبو ملي ٿو آخر ۾ ملڪ قوم جي سلامتي خوشحالي ۽ امن لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي

بقايا 44 "روزاني عبرت"

خيرپور هن وقت بدامني جي باهه ۾ ٻري رهيو آهي.هنن چيو ته مجبور ٿي بدامني ڏوهي وارداتن ۾ واڌ خلاف پيرڳوٺ کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب خيرپور پهتا آهيون هنن آءِ جي سنڌ ، گهرو وزير سميت ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان مطالبو ڪيو ته خيرپور ضلعي ۾ بدامني جو نوٽيس وٺي امن قائم ڪرايو وڃي

بقايا 45 "روزاني عبرت"

جو ايس ايس پي محمد ڪليم ملڪ نوٽيس وٺندي ڊي ايس پي سلطان ڪوٽ جي اڳواڻي ۾ پوليس ٽيم جوڙي ڇڏي ايس ايڇ او عزيز الله ڪٽو پوليس نفري سان گڏ ڪارروائي ڪندي ٿوري ئي وقت ۾ قتل جي الزام هيٺ 2 مک جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب گرفتار جوابدارن ضياء الحق چانڊيو ۽ عبدالله چانڊيو تي الزام آهي ته هنن ڪاروڪاري جي الزام هيٺ 15 ورهين جي فاطمه چانڊيو ۽ ساجن لغاري نالي شخص کي مبينا طور قتل ڪيو نينگري فاطمه چانڊيو جي قتل جو ڪيس سرڪار جي فرياد تي همايون ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو آهي ايس ايس پي محمد ڪليم ملڪ چيو آهي ته معصوم فاطمه چانڊيو جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي قانون موجب عبرتناڪ سزا ڏيارڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا

بقايا 46 "روزاني عبرت"

انصاري ۽ ٻين مقتولا ٻارڙيءَ جي گهر پهچي والد قاسم انصاري ۽ چاچي ارشاد انصاريءَ سان تعزيت ڪري واقعي تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ٽنڊو آدم شهري ايڪشن ڪميٽي جي چيئرمين حبيب خان مري چيو ته معصوم ٻارڙيءَ جي واقعي تي تمام گهرو ڏک پهتو آهي، قاتل وڏي بيدردي ۽ بي رحماڻي طريقي سان دعا انصاريءَ کي جنسي هوس جو نشانو بڻائڻ بعد گهٽا ڏئي قتل ڪري وڏي ناجائزي ۽ ناانصافي ڪئي آهي هنن چيو ته مدرسي ۾ پڙهندڙ شاگرد پاران اهڙو سفاڪ قدم کڻڻ فڪري سنڌي جوڳو عمل آهي هنن اهو به چيو ته انهي ڏک ۽ غم وارين گهڙين ۾ جتي گهر اندر ڪهرام مچيل آهي اسان سميت هر شهري اوهان سان گڏ آهي ٽنڊو آدم شهري ايڪشن ڪميٽي جي وفد متاثر وارثن کي هر طرح جي مدد ۽ تعاون جو يقين ڏياريو هنن اعلي اختيارين کان مطالبو پڻ ڪيو ته واقعي جي اڃا به وڌيڪ گهرائي سان جاچ ڪري ملوث قاتل کي سخت کان سخت قانوني سزا ڏئي مقتولا دعا انصاريءَ جي خون سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 47 "روزاني عبرت"

وهڪرو 1 لک 31 هزار 500 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 1 لک 55 هزار ڪيوسڪ رهيو ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو مٿانهون ۽ هيٺانهون وهڪرو ترتيبوار 18 هزار 900 ڪيوسڪ خيرآباد پل تي پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 1 لک 62 هزار 500 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 1 لک 62 هزار 500 ڪيوسڪ جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 11 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 30 هزار ڪيوسڪ ۽ چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 41 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 1 لک 14 هزار 900 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آبي ذخيرن ۾ تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1544.47 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.262 ملين ايڪڙ فوٽ، منگلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1220.15 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.593 ملين ايڪڙ فٽ ۽ چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 646.10 فٽ، بئراج ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.178 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا 48 "روزاني عبرت"

ريباڪينا ورمينز سنگلز فائنل ۾ بيلا روس جي نالي واري ٽينس اسٽار ميگا ايونٽ جي دفاعي چيمپئن ۽ ٽاپ سيڊڊ آريانا سبالينڪا کي شڪست ڏئي ٻهريون ڀيرو اوپن ٽينس جو ٽائيٽل پنهنجي نالي ڪيو آهي

MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE

Sukkur IBA University

www.iba-suk.edu.pk

NOTICE INVITING TENDER (THROUGH EPADS)

Tender Proc/EPADS/0117

Sukkur IBA University invites bids electronically through EPADS on **single stage one envelope** procedure from the eligible and experienced firms registered with income tax & sales tax departments for following items for **Sukkur IBA University & Sub Campuses.**

S.#	ITEMS
1	Photocopier
2	Computer Systems
3	Firewall
4	High Jump Mats with pole
5	Furniture & Fixture
6	Supply, Installation and Integration of Enterprise NAS Storage for Backup & Archiving
7	Supply, Installation and Integration of U.2 NVMe SSDs for Sangfor HCI Cluster
8	Firefighting Equipment

Bid Security **2%** of the estimated cost (The estimated cost is mentioned in the procurement plan in the tender document)

Tender Schedule - Date and Time				
	From	To	Submission	Opening
01	September 14, 2026	October 05, 2026	05-10-2026 03:00 PM Through EPADS	05-10-2026 03:30 PM Through EPADS

Bidding documents can be obtained and shall be submitted through EPADS as per above schedule.

Bidders are requested to give their Best and Final Price as "No Negotiations" is permitted.

Bidding documents containing detailed terms and conditions can be downloaded from following websites & submitted electronically through EPADS. www.iba-suk.edu.pk, https://portalsindh.eprocure.gov.pk

Bid Security @ 2% of estimated Cost in shape of pay order, deposit at call, demand draft or bank guarantee should be in favor of **Sukkur IBA University.**

Procuring agency reserves the right to accept or reject any or all bids prior to the acceptance of a bid as per SPP Rules 2010. (Amended to date).

Please send your queries to: naimat.jokhio@iba-suk.edu.pk

SUKKUR IBA UNIVERSITY
Nisar Ahmed Siddiqui Road, Sukkur.
Ph: 071-5644141, 5644338 Fax: 071-5804419

MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE

داؤد يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي (DUET)

نيو ايم. اي. جناح روڊ، ڪراچي-74800 (پاڪستان)
فون :021-99231195-98، 99230307، 99232381، فيڪس: 021-99230710

بحوالا: NIT/CCTV/2026/09

اي پيپرز ذريعي (EPADS) آچون گهرائڻ ٽيون

اي پيپرز ويب سائيٽ: https://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/

ايس پي پي ضابطا 2010 (تازه ترين ترميم ٿيل) جي لاڳاپيل شقن تحت لاڳاپيل شعبي ۾ تجربو رکندڙ فرمن کان هيٺ ڄاڻايل خريداريءَ لاءِ ايس پي پي آر اي جي اي پيپرز پورٽل پر آن لائين آچون گهربل آهن:

Sr. No.	Tender Title	Fixed Amount of Bid Security (In Rs.)	Tender Fee Non-Refundable)	Estimated Cost (In Million	Date of Issuance & of Bidding Document on EPADS	Last Date & Time for Submission of Bids on EPADS	Date & Time for Opening of Bids on EPADS
1	Procurement of CCTV surveillance system and recording / storage solution Dormitories Iqbal Campus	840,700/-	Rs.3000/-	16.814 Million	14-09-2026	29-09-2026 03:00 PM	29-09-2026 03:30 PM

اهليت: انڪم ٽئڪس. جي ايس ٽي. اين ٽي اين ۽ ايس آر بي (SRB) ۾ رجسٽرڊ فرمن لاءِ (ايس پي پي آر اي ضابطا 46 (iii) a جي مطابق) رجسٽريشن لازمي آهي.

خريداريءَ جو طريقيڪار: خريداري ايس پي پي رولز 2010 جي ضابط (2)46 جي مطابق "هڪ مرحلي تي ۽ لفافي طريقيڪار" تحت ٿيندي.

واڪ دستاويز مٿي بيان ڪيل شيڊول مطابق ايس پي پي آر اي جي اي پيپرز پورٽل / ويب سائيٽ https://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/ تان حاصل / ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا ۽ اهي DUET جي پنهنجي ويب سائيٽ www.duet.edu.pk تي به دستياب هوندا. واڪ ڏيندڙن کي مشورو ڏنو وڃي ٿو ته اهي اي پيپرز پورٽل پر https://sindh.eprocure.gov.pk/#/supplier/registration تي پنهنجي رجسٽريشن مڪمل ڪن. واڪ ڏيندڙن لاءِ لازم آهي ته اهي معيار/اهليت جي مطابق واڪ دستاويز ۽ ٻيا گهربل دستاويزات جي هارڊ ڪاپي به جمع ڪرائين. بڊ سيڪيورٽي ۽ ٽينڊر في (ناقابلِ واپسي) جي گهربل رقم ايس پي پي رولز جي مقرر طريقي، يعني پي آرڊر/بئنڪ گارنٽي/ ڊمانڊ ڊرافٽ جي شڪل ۾ . داؤد يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي (DUET). ڪراچي جي نالي جمع ڪرائڻي هوندي ۽ ڄاڻايل وقت تي جمع ڪرائڻ وقت ڊائريڪٽر (آءِ سي ٽي. ڪنوينر پروڪيورمينٽ ڪميٽي وٽ جمع ڪرائي ويندي.

جيڪڏهن حڪومت طرفان ڪنهن تعطيل جو اعلان ڪيو وڃي ٿو يا ڪنهن غير متوقع صورتحال يا واقعي جي پيشِ نظر آچون شيڊول جي مطابق اڳئين ڪم واري ڏينهن جمع ۽ کوليون وينديون. واڪ دستاويزات جي اجرا ۽ معلومات لاءِ مقرر مقام پروڪيورمينٽ سيڪشن هوندو. ٽينڊرز ڊائريڪٽر، آءِ سي ٽي/ڪنوينر. داؤد يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي. ڪراچي جي دفتر ۾ کوليا ويندا

هيٺ ڏنل شرطن تحت آچ رد ڪئي ويندي:

- مشروط ۽ ٽيليگرافڪ آچون / ٽينڊر.
- اهڙيون آچون جن سان گڏ بڊ سيڪيورٽي ۽ ناقابلِ واپسي ٽينڊر في لڳل نه هجي.
- مقرر تاريخ ۽ وقت کان پوءِ وصول ٿيندڙ آچون.
- صحيح ۽ مُهر کان سواءِ وصول ٿيندڙ آچون.
- اهليت جي معيار جي مطابق گهربل دستاويزات کان سواءِ جمع ڪرايل آچون.
- ايس پي پي رولز 2010 جي لاڳاپيل شقن (تازه ترين ترميم ٿيل) جي مطابق. اگر فرم جي حيثيت اس وقت بليڪ لسٽ هجي ته اهڙي فرم جي آچ رد ڪئي ويندي (قانوني اسٽامپ پيپر تي حلف نامو لڳائڻ لازمي هوندو جنهن ۾ تصديق ڪيل هجي ته فرم هن وقت بليڪ لسٽ ناهي).

ٻيا سڀئي شرط ۽ ضابطا واڪ دستاويزات ۾ ڄاڻايل آهن. پروڪيورنگ ايجنسي سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (تازه ترين ترميم ٿيل) جي لاڳاپيل شقن تحت ڪنهن به يا سڀني آچن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.

پروڪيورمينٽ آفيسر،
DUET

PID (K) 848/26

URAAN PAKISTAN

ڪراچي ۾ قتل ٿيل نوجوان جي وارثن جو ٿاڻي ٻاهران لاش رکي ڌرڻو جاري، ڳالهيون ناڪام

منگهو پير ۾ قتل ٿيل نوجوان روشم جي خاندان پاران ڇهين ڏينهن به احتجاج جاري رکيو ويو

اي آءِ جي آزاد خان ۽ پوليس عملدار ڌرڻي واري هنڌ پهتا، وارثن ۽ پوليس وچ ۾ ٿيل ڳالهيون ناڪام

جوابدارن جي گرفتاري تائين لاش دفنائڻ کان انڪار، احتجاج مختلف علائقن تائين وڌائڻ جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي منگهو پير ۾ قتل ٿيل نوجوان روشم جو خاندان پوليس ٿاڻي ٻاهران پنهنجو احتجاجي ڌرڻو جاري رکيو پيو اچي گذريل رات اي آءِ جي آزاد خان سان ٿيل ڳالهيون

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

باڊهه کي تعلقي جو درجو نه ملڻ خلاف رهواسين جو 373 هين هفتي به احتجاج جاري

باڊهه (ن ع) لاڙڪاڻي ضلعي جي ٻئين نمبر وڏي ۽ تاريخي شهر باڊهه کي تعلقي جو درجو نه ملڻ خلاف باڊهه تعلقه موومينٽ پاران 373 هين هفتي به احتجاجي ريلي ڪڍي وئي موومينٽ جي ڊپٽي ڪنوينر زيب علي ساريو جي اڳواڻيءَ ۾ باڊهه ميڊيا

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

WE WANT BADAH AS TALUKA
باڊهه تعلقي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو
باڈہ تحصیل کا نوٹیفکیشن جاری کرو
BADAH TALUKA MOVEMENT
پاران: باڊهه تعلقه موومينٽ

باڊهه: تعلقي موومينٽ پاران هفتيوار احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڏگهڙي پرسان افسوسناڪ واقعو، 7 ورهين جو معصوم ٻار رسو ڳچيءَ ۾ ڦاسڻ سبب فوت

سنيل ڪولهي جي ڳچيءَ ۾ اوچتو رسو ڦاسي پيو، جنهن سبب کيس ساهه کڻڻ ۾ سخت تڪليف پيش آئي

وارثن پاران معصوم کي بچائڻ جون ڪوششون پر هو فوت ٿي ويو، گهر ۾ ڪهرام

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي پرسان ديهه 170 ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو 7 ورهين جو معصوم ٻار سنيل ڪولهي رسو ڳچيءَ ۾

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي: فوت ٿيل نينگر جو مڙهه سندس گهر ۾ پيل آهي

ڪراچي ۾ ڦر دوران فائرنگ، ڦورن جو ساٿي مارجي ويو، رائيڊر ۽ شهري زخمي

ٽن موٽرسائيڪل سوار جوابدارن فوڊ رائيڊر کان ڦرلٽ دوران مزاحمت تي فائرنگ ڪئي

جوابدارن جي گولين جو نشانو بڻجي سندن ئي ساٿي مارجي ويو، زخمي اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي گلستان جوهر ۾ کاڌو پهچائڻ واري رائيڊر (food delivery rider) کي ڦرڻ جي ڪوشش دوران ڦورن جي فائرنگ ۾ مبينا طور تي ساٿي ڦورو مارجي ويو فوڊ رائيڊر ۽

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد لا ڪاليج ۾ اي آءِ اسسٽنٽ سان آراسته ڊجيٽل اي لائبريري جو افتتاح

سنڌ جي يونيورسٽين ۽ بورڊز واري وزير محمد اسماعيل راهو افتتاح لائبريري جو افتتاح ڪيو

ڊجيٽل لائبريري ذريعي شاگردن کي قانوني ڪتابن، تحقيقي مواد ۽ تعليمي وسيلن تائين تيز ۽ آسان رسائي ملندي

حاضري، امتحاني ۽ آءِ ڊي نظام پڻ ڊجيٽل، ڪاليج پيپر ليس نظام طرف اڳتي وڌڻ جو اعلان

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد لا ڪاليج ۾ جديد ٽيڪنالاجي سان آراسته ڊجيٽل اي لائبريري، جنهن ۾ اي آءِ اسسٽنٽ پڻ شامل آهي جي افتتاحي تقريب منعقد ٿي جنهن جو افتتاح سنڌ جي يونيورسٽين ۽ بورڊز

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

پ پ اڳواڻن جي خانپور جوڻيجو آمد، جاويد احمد جوڻيجو جي لاڏاڻي تي تعزيت

نثار احمد کهڙو، عاجز ڌامراهه، پاران زبير احمد ۽ سعيد احمد جوڻيجو سان ڏک جو اظهار

تعزيت دوران پ پ دادو ضلعي سميت مختلف عهديدار، چونڊيل نمائندا ۽ اڳواڻ پڻ موجود هئا

ڪڪڙ(ن ع) پ پ جي صوبائي صدر نثار احمد کهڙو، حيدرآباد ڊويزنل صدر سينيٽر عاجز ڌامراهه پاران ڪالهه جوڻيجو هائوس خانپور جوڻيجو پهچي پ پ ايم پي اي زبير احمد جوڻيجو ۽ سعيد احمد جوڻيجو سان پ پ يوسي ٻوڙي جي صدر جاويد احمد جوڻيجو جي اوچتي لاڏاڻي تي تعزيت ڪندي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آن موقعي تي پ پ ضلع دادو جو

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ: پ پ سنڌ جو صدر نثار کهڙو تعزيت ڪري رهيو آهي

راڻيپور ۾ گڏيجي واسي جو گهرڀاتين سميت سوٽن جي زيادتي خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

راڻيپور(ن ع) گڏيجي جي رهواسي رٽائر پوليس آفيسر ممتاز علي چنا پنهنجي عورتن ٻارن سان گڏجي پنهنجي سوٽن خلاف پريس ڪلب راڻيپور آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ڪندڙ ممتاز علي چنا مسمات ڪمينه چنا مسمات شاهنواز

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ڊگري ڪاليج جي پلاٽ تي قبضي خلاف ٻار صدر پاران درخواست داخل، ڌريون طلب

شهدادڪوٽ(ڊ ر) گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج جي قيمتي پلاٽ شاگردن جي امانت آهي امانت ۾ خيانت ڪرڻ پبلڪ هيلٿ سميت ڪنهن اداري يا شخصيت کي نه ڏيو تالي واري قانون دان ۽ ضلع بار

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران ممتاز راڄپر جي قتل ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ آپريشن

ڊي ايس پي ميرواهه جي اڳواڻي ۾ پوليس بکتر بند گاڏين ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان ڪارروائي ڪئي

ڪارروائي دوران مقتول جي قتل ۾ ملوث جوابدارن ۽ سهولتڪارن جي ٺڪاڻن کي ساڙڻ کانپوءِ مسمار ڪيو ويو

امن امان جي دشمنن، ڌوهاري عنصرن ۽ سندن سهولتڪارن خلاف سخت ڪارروائي جاري آهي: ايس ايس پي

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) خيرپور پوليس پاران مقتول ممتاز راڄپر جي قتل ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري ۽ علائقي مان

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

سيتارجا ۾ مهانگائي خلاف پورهيت جو پينڊيو ۽ واڳڻ سان ٺاهيل هار پائي انوکو احتجاج

سيتارجا(ن ع) گذريل ڏينهن ڏهاڙيدار طبقي سان تعلق رکندڙ پورهيت منير احمد راڄپر پاران ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف معني سان پينڊيون ٻڌي ڳلي ۾ واڳڻ سان نهيل

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

سيتارجا: مهانگائي خلاف پورهيت احتجاج ڪري رهيو آهي

لاڙڪاڻي واسي پيپلز پارٽي جون ٻه اڳواڻ عورتون فنڪشنل ليگ ۾ شامل

ڊپٽي سيڪريٽري اطلاعات ۽ ضلعي ميمبر تخمين ابراهيم جوڻيجو ۽ محترمه امبر پارٽي کي الوداع ڪيو

سردار عبدالرحيم پاران ف ليگ ۾ شامل ٿيندڙ اڳواڻن جي آجيان، تنظيمي ڪردار ادا ڪرڻ تي زور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي لاڙڪاڻي جي ڊپٽي سيڪريٽري اطلاعات ۽ لاڙڪاڻي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبر تخمين ابراهيم جوڻيجو ۽ محترمه امبر پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ۾ شموليت اختيار ڪري ورتي آهي ٻنهي اڳواڻ عورتن فنڪشنل ليگ هائوس ڪراچي ۾ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

سڄاول جي 1961ع کان قائم پبلڪ لائبريري زبون حالي جو شڪار

خسته حال عمارت ۽ سهولتن جي کوٽ سبب ناياب ڪتابن جو وڏو ذخيرو ڊهڻ ۾ بند

سڄاول پبلڪ لائبريري کي علمي ۽ تاريخي اثاثو قرار ڏئي نئين عمارت، فرنيچر ڏنو وڃي

سڄاول (ڊ ر) سڄاول شهر جي علم ادب ۽ مطالعي جو اهم مرڪز پبلڪ لائبريري ڪائون ڪميٽي سڄاول گذريل ڪيترن ئي سالن کان لاپرواهي ۽ سهولتن جي کوٽ سبب زبون حالي جو شڪار ٿي وئي آهي، جڏهن ته لائبريري ۾ موجود 65 هزار ناياب ڪتابن سميت 26 مختلف ٻولين ۾ قرآن

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد ۾ وڌندڙ بدامني، منشيات جي سرعام وڪري خلاف مختلف تنظيمن پاران احتجاج

شهر بچايو تحريڪ جي سڏ تي مختلف سياسي سماجي، سول سوسائٽي تنظيمن پاران ريلي ڪڍي نعريبازي

پوليس امن بحال ڪرائڻ ٽوڙي منشيات جي وڪرو تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام ثابت ٿي وئي آهي: مظاهرين

امن امان بحال ڪري منشيات جي وڪرو تي ڪنٽرول ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

قاضي احمد (رپورٽ غلام مصطفي چانڊيو) تعلقه قاضي احمد ۾ وڌندڙ بدامني منشيات جو سرعام وڪرو خلاف تعلقا قاضي احمد بچايو تحريڪ جي جي سڏ تي قومپرست پارٽين سياسي سماجي تنظيمن سول سوسائٽي پاران ايس يو پي جي مرڪزي اڳواڻ مجيب ماڇي ضلعي اڳواڻ آڪاش لاکو خميسو خان پنڊ تعلقي اڳواڻ محسن راهو ڪامريڊ ممتاز جتوئي شبير سنگراهه سائل لاکو خير محمد

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

احتجاج - احتجاج - احتجاج

قاضي احمد: قاضي احمد بچايو تحريڪ پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪڪڙ ضلع ڪائونسل ميمبر امام بخش قمبراڻي جو ڀاٽيج دل جي دوري پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو

ڪڪڙ(ن ع) ڪڪڙ پرسان ڳوٺ محمد پريل قمبراڻي جو رهواسي ضلع ڪائونسل ميمبر امام بخش قمبراڻي جو ڀاٽيج ۽ پريل قمبراڻي جو سوٽ ۽ نيڪ مرد محمد وارث جو نوجوان پٽ محمد حنيف قمبراڻي دل بيهي وڃڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو نوجوان جي اوچتي لاڏاڻي ڪانپوءِ ڳوٺ سميت قمبراڻي برادري جي ماڻهن ۾ ڏک جي لهر

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

صوبائي وزير علي حسن زرداري شهدادپور ۾ ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو

منصوبن جي تعميراتي معيار تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو: علي حسن زرداري

روڊن ۽ ٻين ترقياتي ڪمن ۾ معيار، شفافيت ۽ رفتار کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي

شهدادپور(ن ع) شهدادپور ۾ جاري روڊ منصوبن جو صوبائي وزير علي حسن زرداري پاران معائنو بروقت مڪمل ڪرڻ جي هدايت صوبائي وزير علي حسن زرداري شهدادپور شهر ۾ جاري روڊن ۽ ٻين ترقياتي منصوبن جو دورو ڪري تعميراتي ڪمن تي ٿيندڙ اڳڀرائي جو تفصيلي جائزو ورتوان موقعي تي صوبائي وزير لاڳاپيل آفيسرن کان جاري ترقياتي اسڪيمن بابت

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڦلجي اسٽيشن ۾ وڌندڙ بدامني خلاف احتجاج، استاد اڳواڻ کان موٽر سائيڪل ڦر خلاف ڌرڻو

استادن، سنڌ ادبي سنگت، جسقم ۽ شهرين جو پريس ڪلب کان حيدر چوڪ تائين ريلي، نعريبازي

مظاهرين جي پوليس خلاف نعريبازي، ڌرڻي سبب دادو-سيتا روڊ تي ٽريفڪ معطل، مسافر گاڏيون بيهجي ويون

ڦر ٿيل موٽر سائيڪل ۽ سامان واپس ڪرائڻ، جوابدار گرفتار ڪرڻ ۽ علائقي ۾ امن بحال ڪرڻ تائين جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان

ڦلجي اسٽيشن (ن ع) ڦلجي اسٽيشن ۽ پرياسي جي علائقن ۾ وڌندڙ بدامني خلاف ۽ استاد اڳواڻ جهانگير آرائين کان موٽر سائيڪل ڦر ٿيڻ خلاف استادن سنڌ ادبي سنگت، جسقم ۽ شهرين پاران هٿن ۾ پلي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ۽ پرياسي ڪراين ۾ بي پناهه اضافي سبب رهواسي پريشان، نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

گمبٽ (ت ر) پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ سان گڏ ئي گمبٽ ۽ پرياسي وارن علائقن ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ جي ڪراين ۾ پڻ بي پناهه اضافو ڪيو ويو آهي جنهن سبب روزانو سفر ڪندڙ ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ مزدور، شاگرد، مريض ۽ عام شهري سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن متاثر گمبٽ جي شهرين جو چوڻ آهي ته

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

خيرپور ويجهو پسند جي شادي تان هٿيارٻندن نوجوان جي گهر ۽ دڪان کي باهه

ٽنڊومستي واسي نوجوان امجد ڦلپوٽو ناري کي ڀڄائي پسند جي شادي ڪئي

ناري جي وارثن پاران نوجوان جي گهر ۽ دڪان کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي ٽنڊومستي واري

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

شهدادپور: صوبائي وزير علي حسن زرداري

لاڙڪاڻو: آرٽ ڪائونسل ۾ ڊرامي دوران فنڪار پرفارم ڪري رهيا آهن

شڪارپور ۾ نوجوان پاڻ مٿان پسٽل جو فائر ڪري آپگهات ڪري ڇڏيو

مست علي شاهه پاڙي واسي نوجوان شاهه ويز پٽ اعجاز شاهه انتهائي قدم کنيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

شڪارپور(ڊ ر) گذريل ڏينهن شڪارپور جي لکي در ٿاڻي جي حد جيمخانه ڪلب ۾ شڪارپور شهر جي مست علي شاهه پاڙي جي رهواسي نوجوان شاهه ويز پٽ اعجاز شاهه مبينا طور پاڻ مٿان پسٽل جو فائر ڪري آپگهات ڪيو واقعي بعد جيم خاني جي مزدورن پوليس کي اطلاع ڏنو جنهن بعد لاش اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس موجب نوجوان جي خودڪشي جو

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ويجهو پورهيت بيروزگاري سبب زهريليون ٽڪيون کائي خودڪشي ڪري ڇڏي

ڳوٺ مصري جوکي واسي 45 ورهين جي محبوب جوکي کي وارث اسپتال کڻائي آيا

علاج دوران پورهيت فوت ٿي ويو، لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

گمبٽ (ت.ر) ڳوٺ مصري جوکي جو رهواسي 45 ورهين جو پورهيت محبوب جوکي مبينا طور بيروزگاري سبب زهريليون ٽڪيون کائي خودڪشي ڪري ڇڏي ڳنڀير حالت ۾ وارثن پاران گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو جتي علاج دوران محبوب جوکي فوت ٿي ويو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو.

ڪراچي ۾ فائرنگ ۽ ٻين واقعن ۾ ٻارڙي سميت 2 ڄڻا فوت، 3 زخمي

گلشن اقبال ۾ ڪار اندر اتفاقي گولي لڳڻ سبب 12 ورهين جو ٻارڙو عبدالرقيب فوت ٿي ويو

نارٿ مان 45 ورهين جي شخص جو گهر مان ڦاهو لڳل لاش هٿ آيو، جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ واقعن ۾ ٻارڙي سميت 2 ڄڻا مارجي ويا، جڏهن ته 3 ڄڻا پڻ زخمي ٿي پيا آهن خبر موجب گلشن اقبال بلاڪ 16 بيت المڪرم مسجد جي ويجهو ڪار ۾ اتفاقي گولي لڳڻ سان 12 سالن جو ٻارڙو عبدالرقيب ولد محسن قتل ٿي ويو آهي،ڇيپا ايمبولينس جي ذريعي لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ جناح اسپتال

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: حيدرآباد لا ڪاليج جي ڊجيٽل لائبريري جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

ٺري ميرواهه لڳ مسافر بس ڪلٽي ٿيڻ سبب 10 مسافر سخت زخمي

سوئي گيس پرسان تيز رفتار بس موٽرسائيڪل سوار کي بچائيندي ڪلٽي ٿي پئي

اطلاع تي ريسڪيو ٽيمن ۽ پوليس زخمين کي ڪڍي گمس اسپتال منتقل ڪيو

ٺري ميرواهه (ن ع) مهراڻ نيشنل هاءِ وي تي سوئي گيس پرسان تيز رفتار مسافر بس موٽرسائيڪل سوار کي بچائيندي ڪلٽي ٿي پئي، بس ڊرائيور سميت 10 مسافر زخمي زخمين ۾ مرد عورتون ۽ ٻار شامل تفصيل موجب ٺري ميرواهه پرسان سوئي گيس گاٻر شاخ اسٽاپ وٽ ٽنڊو آدم کان سکر ويندڙ مسافر بس مهراڻ نيشنل هاءِ وي تي موٽرسائيڪل سامهون اچڻ سبب ڊرائيور موٽرسائيڪل کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن دوران بس بي قابو ٿي روڊ تي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ هٿيارٻندن فائرنگ ڪري سيڪيورٽي گارڊ کي قتل ڪري ڇڏيو

سڪن ٿاڻي جي حد ۾ خانگي سيڪيورٽي گارڊ شڪيل الرحمان گولين جو نشانو بڻجي ويو

واقعو ڦر جي مزاحمت دوران پيش آيو، شاهدين گڏ، جاچ شروع ڪئي وئي آهي: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ سڪن ٿاڻي جي حد پينس ڪالوني روڊ نمبر 11 انصاف ڪالوني جي ويجهو خليل ناگوري واڙي جي لڳ نامعلوم ملزمن جي فائرنگ جي نتيجي ۾ خانگي سيڪيورٽي گارڊ 40 سالن جو شڪيل الرحمن قتل ٿي ويو آهي واقعي بعد ملزم فرار ٿي ويا آهن اطلاع ملڻ تي واقعي واري هنڌ پوليس پهچي مقتول جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ ڇيپا ايمبولينس جي ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو پوليس جو چوڻ آهي ته

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: پيپلز يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز نوابشاهه جو وفد سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز سيوهڻ جو دورو ڪري رهيو آهي

ٽنڊوآدم سبزي منڊي جي واپارين جو ڪردارڪشي ڪندڙن خلاف احتجاج

مظاهرين علي عباس چغتائي، حسين عباس حسيني چغتائي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

مسجد مان چوري ڪندڙ اسان خلاف سوشل ميڊيا تي غلط پروپيگنڊا ڪري رهيا آهن

ٽنڊوآدم (ن ع) سبزي فروٽ ڪميشن ايجنٽ ٽنڊوآدم جي اڳواڻن علي عباس چغتائي، حسين عباس حسيني چغتائي ، محمد حسين چغتائي پنهنجي گڏيل بيان ۾ چيو آهي ته ڪجهه عناصر اسان جي خلاف سوشل ميڊيا تي غلط پروپيگنڊا ڪري اسان جي ڪردار ڪشي ڪري رهيا آهن جنهن ۾ ڪابه صداقت ناهي اصل ۾ سبزي منڊي ۾ هڪ شخص مسجد جي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ پي سي ايف جي جانورن ۽ پکين جي حقن لاءِ آگاهي ريلي

پروگريسو ڪلائميٽ فائونڊيشن جي ريلي ۾ مردن عورتن ۽ ٻارن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

پڃري ۾ بند پکين کي علامتي طور پيش ڪري جانورن ۽ پکين سان رحم، شفقت ۽ ذميواراڻي رويي جو پيغام ڏنو ويو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) پروگريسو ڪلائميٽ فائونڊيشن پي سي ايف جي پاران جانورن ۽ پکين جي حقن جي تحفظ ۽ ڀلاءِ بهبود جي سري هيٺ ايس ايس پي چوڪ کان حيدرآباد پريس ڪلب تائين واڪ ڪري ريلي ڪڍي وئي، آگاهي واڪ ۽ ريلي ۾ مرد، عورتون ۽ ٻار به وڏي انگ ۾ شريڪ هئا، سندن هٿن ۾ پلي ڪارڊ، بينر ۽ جانورن جي حقن لاءِ لکيل پوسٽر کنيل

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ ڪتي جي ڏاڙهڻ کان 6 مهينا بعد عورت ۾ ريبيز جون علامتون ظاهر

ڳوٺ جمع خان لنڊ جي 27 ورهين جي هاجاڻي لنڊ کي ساڄي پير ۾ ڪتي ڏاڙهيو هو

پاڻي کان خوف ۽ وات مان گهڻو لعاب اچڻ جون نشانيون ظاهر، عورت کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ ڪتي جي ڏاڙهڻ کان 6 مهينا پوءِ 27 ورهين جي عورت ۾ ريبيز جي علامت ظاهر . عورت ڳنڀير جوکي حالت ۾ ڪراچي اسپتال منتقل خبر موجب ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ جمع خان لنڊ جي رهواسڻ 3 ٻارڙن جي ماءُ 27 ورهين جي هاجاڻي لنڊ کي 6 مهينا اڳ ڪتي ڏاڙهيو هو جيڪا مسلسل علاج هيٺ هئي جڏهن ته عورت کي ريبيز جون

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

سنڌ ڏانهن ميري اک ڪندڙن جا خواب هميشه جيان ڀورا ڀورا ثابت ٿيندا: نياز ڪالاڻي

وسيلن تي صرف سنڌين جو حق آهي جيڪو دنيا تسليم ڪري رهي آهي

20سيپٽمبر تي نوابشاهه ۾ وحدت سنڌ تاريخي مارچ سنڌ واسي قومي ٻڌي جو ثبوت ڏين

محرابپور (ت ر) جسقم شهيد بشير خان مرڪز پاران نوابشاهه ۾ ٿيندڙ وحدت سنڌ مارچ جي سلسلي ۾ محرابپور ۾عوامي ميڙ کي خطاب ڪندي جسقم (شهيد بشير خان) مرڪزي چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي پنهل ساريو خادم اخلاق جوکيو اختر موحاڻي، شهاب ميمڻ عبدالغفار ميمڻ ۽ سوين ڪارڪن شريڪ ٿيا.ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته سنڌ هڪ ۽ هڪ

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

محرابپور: قوم پرست ڪارڪن احتجاجي ريلي ڪڍي رهيا آهن

موري ويجهو پورهيت تي تشدد ڪندڙ چوڪي انچارج خلاف ڪارروائي نه ٿي

ايس ايس پي نوشهروفيروز چوڪي انچارج کي هٽائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

پورهيت مجيب الرحمان عالماڻي جو احتجاج، اعليٰ عملدارن کان نوٽيس جو مطالبو

مورو(ن ع) موري ويجهو ڪوراڻي ٿاڻي جي حد ۾ پورهيت تي تشدد ڪندڙ چوڪي انچارج عبدالرئوف سانگهڙي خلاف ڪارروائي نه ٿي ايس ايس پي نوشهروفيروز چوڪي انچارج کي هٽائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو معاملو ميڊيا ۾ اچڻ باوجود ڊي ايس پي مورو به قدم نه کنيو ٻي طرف متاثر

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

پريس ڪلب خيرپور ۾ ”هڪ سنڌ، هڪ فڪر، هڪ قلم“ عنوان هيٺ ڪانفرنس

وحدت سنڌ قلمڪار ڪانفرنس ۾ اديبن، شاعرن، صحافين ۽ قلمڪارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سنڌ جا اديب، شاعر، صحافي ۽ قلمڪار لکڻين وسيلي سنڌ جي مسئلن کي اجاگر ڪندا رهندا: مقرر

خيرپور(ڊ ر) خيرپور: سنڌ جي وحدت، قومي سجاڳي ۽ سنڌ جي حقن جي حمايت ۾ پريس ڪلب خيرپور ۾ ”هڪ سنڌ، هڪ فڪر، هڪ قلم“ جي عنوان هيٺ وحدت سنڌ قلمڪار ڪانفرنس ڪرائي وئي، جنهن ۾ ظهير لاڙڪ، طارق حسين مهيسر ميان غلام حسين فاتح سنڌ جي مختلف

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

گهوڙاٻاري پرسان خوفناڪ حادثو، مزدا ٽرڪ جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، نوجوان فوت

بکيرا اسٽاپ وٽ تيز رفتار مزدا ٽرڪ ۽ موٽرسائيڪل وچ ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو

حادثي ۾ صدام لاڙڪ موقعي تي ئي فوت ٿي ويو، سندس ساٿي صادق هنگورو سخت زخمي ٿيو

زخمي نوجوان کي اسپتال ۾ طبي امداد جاري، حادثي سبب علائقي ۾ ڏک ۽ ڳڻتي جي لهر

ٺٽو (ڊ ر) گهوڙاٻاري بکيرا اسٽاپ وٽ تيز رفتار مزدا ٽرڪ ۽ موٽرسائيڪل وچ ۾ خوفناڪ ٽڪر هڪ نوجوان فوت ۽ ٻيو زخمي ٿي پيو گهوڙاٻاري ويجهو بکيرا اسٽاپ وٽ شاهراهه تي تيز رفتار مزدا ٽرڪ

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

سکر سائيٽ ايريا پرسان چار مهينا اڳ گم ٿيل نوجوان جي بازيابي لاءِ وارثن جو احتجاج، ڪورٽ ۾ مدد جي اپيل

سکر(بيورو رپورٽ) سکر سائيٽ ايريا پرسان الله آباد ڪالوني مان چار مهينا اڳ گم ٿيل نوجوان آفتاب احمد جي عدم بازيابي خلاف وارثن پاران احتجاج ڪيو ويو احتجاج ۾ آفتاب احمد جي والد بشير احمد شيخ، والده منظور خاتون گهرواري ردا

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

سنڌ پوليس جي نوڪرين لاءِ ٽيسٽ پاس اميدوار اڍائي سالن کان دربدر، حيدرآباد ۾ احتجاج

آءِ بي اي ٽيسٽ، رنن، فزيڪل ۽ ويري فڪيشن پاس ڪرڻ باوجود آرڊر نٿا ڏنا وڃن:مظاهرين

حيدرآباد جا 800 سميت سنڌ جا 8 هزار 600 کان وڌيڪ نوجوان نوڪرين جي انتظار ۾ آهن

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)سنڌ پوليس ۾ ڀرتي لاءِ آءِ بي ٽيسٽ پاس ريٽنگ لسٽ اميدوارن 2024 کان نوڪريون نه ملڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ايزان قريشي،رمضان سهتو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هنن چيو ته سال 2024 ۾ پوليس ڪانسٽيبل جي نوڪري آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڪئي،رنن،فزيڪل ٽيسٽ پاس ڪيا ۽

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: سنڌ پوليس جا اميدوار نوڪري نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر پوليس پاران قتل جي ڪوشش ۽ ڦر جي ڪيسن ۾ گهربل ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

سکر(بيورو رپورٽ) ترجمان سکر پوليس پاران جاري ڪيل بيان موجب ايس ايس پي سکر احمد چوڌري جي روپوش اشتهاري ۽ گهربل جوابدارن جي گرفتاري بابت سخت حڪمن تي عمل ڪندي سکر پوليس جون

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

سڄاول لڳ موٽرسائيڪل چين ۾ رئو ڦاسڻ سبب 9 مهينن جي ٻارڙي فوت

آمڙا اسٽاپ وٽ چين ۾ رئو ڦاسڻ سبب ماءُ جي هنج ۾ ويٺل معصوم ٻارڙي زخمي ٿي پئي

موقعي تي موجود ماڻهن ٻارڙي کي چين مان ڪڍي اسپتال منتقل ڪيو جتي ٻارڙي فوت ٿي وئي

نينگري جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، بلقيس جو مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

سڄاول(ڊ ر)سڄاول ميرپور بٺورو روڊ تي آمڙا اسٽاپ وٽ افسوسناڪ حادثي ۾ موٽرسائيڪل جي چين ۾ رئو ڦاسڻ سبب ماءُ جي هنج ۾ ويٺل 9 مهينن جي معصوم ٻارڙي زخمي ٿيڻ بعد فوت ٿي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ڪينجهر پرسان تارا برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻي تڪرار تان چڪتاڻ، فائرنگ، 2 زخمي

علي بحر پرسان ڳوٺ علو تارو ۾ هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ نظام الدين ۽ دائود تارو زخمي ٿيا

زخمين کي پوليس ليٽر ذريعي سول اسپتال ٺٽو منتقل ڪيو ويو، فائرنگ ۾ چوپائي مال به زخمي

ٺٽو (ڊ ر) ڪينجهر لڳ تارا برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ پراڻي تڪرار تان ٻيهر چڪتاڻ هڪ ڌر جي فائرنگ ۾ 2 ڄڻا زخمي ڪينجهر ٿاڻي جي حد ۾ علي بحر پرسان ڳوٺ علو تارو ۾ تارا برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ پراڻي معمولي تڪرار تان ٻيهر چڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي هڪ ڌر جي هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ 2ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين ۾ نظام الدين دائود

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ عورت جو ڌيئرن سان گڏجي مڙس جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر)مڙس ٻي شادي ڪري نياڻي کي پيسن عيوض وڪڻڻ چاهي ٿو انڪار تي تشدد ڪري گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي عورت جو الزام.خيرپور جي بي سيڪشن

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ سيمينٽ جي ڪُڏ ۾ ڪرڻ سبب 5 ورهين جو معصوم ٻار فوت

شوڪت ڪالوني ۾ عابد چوهاڻ علائقي ۾ لٽل سيمينٽ جي ڪُڏ ۾ ڪري سخت زخمي ٿي پيو

رهواسين پاران زخمي ٻار کي فوري سول اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏنو

معصوم عابد جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام، علائقي ۾ سوڳ واري فضا ڇانئجي وئي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي شوڪت ڪالوني ۾ چوهاڻ برادري جو معصوم ٽنڊو ٻار علائقي اندر لٽل سيمينٽ جي گندي مٽان ڪرڻ سبب 5 سالا عابد پٽ سومار چوهاڻ سخت

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: نسيم نگر جا رهائشي ٻاڙر خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

شهدادپور ۾ محمد صادق قريشي نقشبندي جن جي 47 يوم ولادت نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي

شهدادپور(ن ع) نشات تنظيم جماعت لواري شريف ريجن سانگهڙ ۽ ناچيز شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف ضلع سانگهڙ جي طرفان شهدادپور پريس ڪلب ۾ حضرت قبله پير محمد صادق قريشي نقشبندي،نائون سجاده نشين درگاه عاليه

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

سيتارجا ويجهو سيرت النبي ﷺ جو پروقار جلسو منعقد ڪيو ويو

سيتارجا(ن ع) سيتارجا ويجهو ڳوٺ ٻانٻيهڙ ۾ جشن عيد ميلادالنبي صلي □ عليه وآله وسلم جي سلسلي ۾ سيرت النبي صلي □ عليه وآله وسلم جو پروقار جلسو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ علائقي جي تمام

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

پٽ شاهه ۾ عورت جي گهر تي هٿيارٻندن جي ڪاهه خلاف احتجاجي مظاهرو

پنو ٻگهيو، وحيد ٻگهيو ۽ ٻيا گهر ۾ داخل ٿي تشدد جو نشانو بڻايو: مسمات خورشيد

پٽ شاهه ٿاڻي تي درخواست ڏيڻ باوجود ڪارروائي نه ٿي سگهي آهي انصاف ڪيو وڃي

پٽ شاهه (ن ع) پٽ شاهه جي ٻگهيا محلي ۾ 55 ورهين جي عورت مسمات خورشيد جي گهر ۾ مبينا طور هٿياربندن داخل ٿي روڪ رقم ۽ سونا زيور کڻي فرار ٿي ويا آهن متاثر عورت خورشيد ٻگهيو موجب پنو ٻگهيو ، وحيد ٻگهيو ، فرحان ٻگهيو ، مسمات ڪرن شيلا ٻگهيو ۽ الطاف سميت ٻين سندس گهر ۾ داخل ٿي ڪيس تشدد جو نشانو بڻايو ۽ هٿيارن جي زور تي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ مير خالد جکراڻي جي قافلي جي پوليس چيڪنگ، معمولي منهن ماري بعد معاملو ختم

جيڪڏهن مير صاحب مون کي هن طرح سان جهڪائڻ چاهي ٿو يا ڦيرائڻ چاهي ٿو ته شايد اها ان جي ڀل آهي: مير خالد جکراڻي

جنهن پيءُ جو هو پٽ آهي مان به ان پيءُ جو پٽ آهيان اهڙي قسم جي ڪنهن به حربن سان مون کي جهڪائي نٿو سگهجي

اڄ گن مين ۽ هٿيارن جي نمائش روڪڻ بابت گهرو وزير جي هدايتن تحت پوليس چيڪنگ ڪئي، قانون سڀني لاءِ برابر آهي: مير رافع جکراڻي

جيڪب آباد (ڊ ر) اڳوڻي ايم اين اي مرحوم مير بابل خان جکراڻي جو پٽ مير خالد خان جکراڻي پنهنجي نجي پروٽوڪول سان وڃي رهيو هو ته جمالي واهه پرسان شڪارپور جيڪب آباد روڊ تي بيٺل پوليس

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: خالد جکراڻي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

راضيديرو ۽ پرياسي بدامني تي ضابطو نه آيو 24 ڪلاڪن ۾ ٻه وارداتون

ڳوٺ ڪيچي واهڻ واسي علي خان ڪوري جي گهران چور الهه تلهه ڀهاري ويا

گهراپڪٽ وٽان هٿياربند پورهيت کان رقم ۽ موٽرسائيڪل ڦري ويا، پوليس خاموش تماشائي بڻيل

راضيديرو(ن ع) راضيديرو پرسان اڳڙا ٿاڻي ۽ ٻهارو ٿاڻي جي حدن ۾ ڏوهي وارداتن جو عمل رڪجي نه سگهيو گذريل رات اڳڙا ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڪيچي واهڻ سان ڳوٺائي حاجي علي خان ڪوريءَ جي گهر کي ڪاٽ هڻي نامعلوم چور داخل ٿي روڪ رقم،سونا زيور ۽ ٻيو ڪم وارو سامان چورائي ويا پيٽيون گهر ٻاهران ڪمند جي فصل ۾ ڦٽو ڪري ويا جڏهن گهر ڌڻين کي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي ياسين پريس ڪلب ۾ ميلاد جي محفل منعقد، علماءِ ڪرام ،صحافين، شهري اتحاد جي اڳواڻن جي شرڪت

ڳڙهي ياسين(ن ع) ڳڙهي ياسين پريس ڪلب ۾ ميلاد جي محفل منعقد، علماءِ ڪرام ،صحافين ،شهري اتحاد جي اڳواڻن جي شرڪت، حضرت محمد ﷺ جي ميلاد جي محفل پريس ڪلب ۾ منعقد

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي ياسين: پريس ڪلب ۾ منعقد ڪيل محفل ميلاد ۾ شهري شريڪ آهن

گمبٽ لڳ ڳوٺ جادو واهڻ ۾ نجي اسڪول ميلاد مصطفيٰ ص جي مناسبت سان پروگرام منعقد ڪيو ويو

گمبٽ (ت.ر) گمبٽ لڳ ڳوٺ جادو واهڻ ۾ حسنين پبلڪ اسڪول پاران ميلاد مصطفيٰ صم وسلم جي مناسبت سان هڪ پروقار پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ اسڪول جي شاگردن استادن والدين صحافين ۽ سياسي سماجي اڳواڻن وڏي

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

خيرپور ضلعي ۾ بدامني، لاقانونيت خلاف پيرڳوٺ ۾ احتجاجي ريلي

مظاهرين ممتاز ٽالپور، عبدالغني ڦلپوٽو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

پيرڳوٺ واري علائقي ۾ ڌوهارين عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: نوٽيس ورتو وڃي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ وڌندڙ بدامني لاقانونيت ۽ پيرڳوٺ شهر ۾ امن امان جي بحالي لاءِ پيرڳوٺ شهر کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب خيرپور آڏو مظاهرو ريلي جي اڳواڻي مير ممتاز ٽالپور ، حاجي عبدالغني ڦلپوٽو ، صابر حسين مهيسر، شاهد رسول چيما ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته خيرپور ضلعي ۾ هر روز چوريون ڦرون وڌي ويون آهن پيرڳوٺ واري علائقي ۾ ڌوهارين عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي .هنن چيو ته پيرڳوٺ سميت

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

شڪارپور پوليس پاران فاطمه چانڊيو قتل ڪيس جي ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڳوٺ اگهن سنڌ واهه واري علائقي ۾ قتل ٿيل 15 ورهين جي نينگري فاطمه قتل جو ايس ايس پي نوٽيس ورتو

ڊي ايس پي سلطان ڪرڙ جي اڳواڻي ۾ جوڙيل ٽيم جوابدار ضياءُ الحق چانڊيو ۽ عبدالله چانڊيو کي گرفتار ڪري ورتو

معصوم فاطمه جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي قانون موجب عبرتناڪ سزا ڏيارڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا: ايس ايس پي

شڪارپور (رپورٽ رحيم بخش جمالي) شڪارپور ويجهو همايون ٿاڻي جي حد ڳوٺ اگهن سنڌ واهه واري علائقي ۾ ڪاروڪاري جي الزام هيٺ 15 ورهين جي نينگري سميت ٻن ڄڻن جي ٿيل قتل واري واقعي

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

ملڪي دريائن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (اي پي پي) واپڊا ملڪي دريائن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن اڄ ڏينهن جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو متانهون

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ زيادتي بعد قتل ڪيل معصوم ٻارڙي جي وارثن تعزيت جو سلسلو جاري

چيئرمين حبيب خان مري مشتاق عادل نثار احمد قريشي طاهر چشتي ۽ ٻيا تڏي تي پهتا

واقعي جي گهرائي سان جاچ ڪري ملوث قاتل کي سخت کان سخت سزا ڏني وڃي: اڳواڻ

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊو آدم شهري ايڪشن ڪميٽي پاران مدرسي جي ڪتابي پاران 5 ورهين جي معصوم ٻارڙي دعا ولد قاسم انصاري کي زيادتي ڪرڻ بعد گهٽو ڏئي قتل ڪرڻ جي سخت لفظن سان مذمت ڪئي آهي شهري ايڪشن ڪميٽي جو وفد چيئرمين حبيب خان مري سينيئر نائب صدر مشتاق احمد عادل جنرل سيڪريٽري نثار احمد قريشي، طاهر چشتي، عبدالستار

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: شهري ايڪشن ڪميٽيءَ جو وفد قتل ٿيل معصوم ٻارڙي دعا جي وارثن سان تعزيت ڪري رهيا آهن

ايلينا ريباڪينا پهريون ڀيرو يو ايس اوپن ٽينس ٽائٽل کٽي دنيا جي نمبر ون رانديگرياڻي بڻجي وئي

نيويارڪ (اي پي پي) قازقستان جي مشهور ٽينس اسٽار ۽ ميگا ايونٽ جي سيڪنڊ سيڊ ايلينا ريباڪينا ڀرپور ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندي يو ايس اوپن ٽينس ٽورنامينٽ ۾ عورتن جو سنگل ٽائٽل کٽي ورتو آهي 27 سالن جي ايلينا

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.